# سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو

**مقالو براءِ ايم فل**

## سنڌي ادب ۾ ٻاراڻي شاعريءَ جي ڪردار سازي جو مطالعو

**ايم فل (سنڌي) جي ڊگري لاءِ گهُرجن جي پورائي ڪان پوءِ جمع ڪرايل مڪمل ٿيسز**


**مقاله نگار**

# ثمرين رند

**سنڌي شعبو**

**سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو**


**2023**

# UNIVERSITY OF SINDH

UNIVERSITY OF SINDH

Faculty of Arts Department of Sindhi

# <u>CERTIFICATE</u>

This is to certify that **Mrs. Samreen Begum** has carried out the research on the topic:

**سنڌي ادب ۾ ٻاراڻي شاعريءَ جي ڪردار سازي جو مطالعو**

**A Study of the Character Building in Sindhi Children’s Poetry**

She has completed research work under my supervision his work’s original distinct and dissertation is worthy of presentation in the University of Sindh, Jamshoro for the award of the degree of Master of Philosophy in Sindhi.

Dated:-________

**Dr. Muhammad Anwar Figar Hakro**
**Professor**
**Department of Sindhi**
**University of Sindh, Jamshoro**

## DECLARATION

I, hereby declared, that this M. Phil thesis has been prepared and composed entirely by me and that all work carried out is also my own.

(Samreen Begum)
M. Phil Scholar
Department of Sindhi
University of Sindh, Jamshoro

## فهرست

| | |
|---|---|
| پيش لفظ | 7 |
| ABSTRACT | 8 |

## باب پهريون

## تحقيق جو طريقيڪار


1.1 مو ضوع جو تعارف 10

1.2 تحقيق جي ضرورت 11

1.3 تحقيق جو طريقو 11

1.4 تحقيق جو دائرو 12

1.5 موضوع تي اڳ ٿيل ڪم 12

1.6 تحقيقي وسيلا 12

1.7 تحقيق جو مقصد 13


## باب ٻيون

## ٻاراڻو ادب


2.1 وصف 16

2.2 اهميت 18

2.3 قسم 20


## باب ٽيون

## سنڌي ۾ ٻاراڻي شاعري جي ابتدا ۽ اوسر


3.1 سنڌي ۾ ٻاراڻيءَ شاعري جي ابتدا 24

3.1.1 ورهاڱي کان پوءِ سنڌيءَ ۾ شايع ٿيل رسالا 30

3.1.2 ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ۾ شايع ٿيل ڪتابي سلسلا 33

3.2 سنڌي ۾ شايع ٿيل ٻارن لاءِ شاعري جو اشاعت 36

3.2.1 رسا لن ۾ شايع ٿيل ٻاراڻي شاعري 36

3.2.2 ڪتابن ۾ شايع ٿيل ٻاراڻي شاعري 40

3.2..3 اخبارن ۾ شايع ٿيل ٻاراڻي شاعري 48

## باب چوٿون

### ٻاراڻي شاعريءَ ۾ ٻارن جي ڪردارسازيءَ

4.1 ٻاراڻي شاعريءَ جا اهم موضوع ۽ ڪردار 58

4.2 ٻارن جي شاعريءَ جا مکُ موضوع ( ٻار ۽ فطرت) 62

4.3 ٻارن جي شاعريءَ جا مقبول ڪردار (ٻار ۽ ان جا رشتا، ٻار ۽ سماج) 90

4.4 ٻارن جي تربيت ۽ اصلاح لاءِ ڪتب ايندڙ اهم ڪردار (ٻارن جا آئيڊيل ڪردار) 104

## باب پنجون

### ٻاراڻي شاعريءَ ۾ شاعر

.5 سوانع عمري ۽ انتخاب

5.1 شمس العلماءُ مرزا قليچ بيگ 112
5.2 محمد صد يق مسافر 113
5.3 حڪيم فتح محمد سيوهاڻي 114
5.4 بيوس ڪشنچند 116
5.5 احسان بدوي 118
5.6 استاد بخاري 119
5.7 ڊاڪٽر تنوير عباسي 120
5.8 امداد حسيني 121
5.9 مقصود گل 122
5.10 ادل سومرو 124
5.11 نصيرمرزا 125
5.12 غلام محمد غازي 126

5.13 ذوالفقار سيال 128
5.14 ارباب علي ’عادل‘ چوهاڻ 130
5.15 اياز گل 131
5.16 مختيار ملڪ 132
5.17 اختر درگاهي 133
5.18 مهر خادم 134
5.19 محمد علي ماجد 135

## باب ڇهون
## نتيجا

- نتيجا 138
- ببليو گرافي 140

### پيش لفظ

اها ڳالهه حقيقت آهي ته دنيا ۾ جيڪا جديد ترقي ٿي آهي اها انتهائي ذهين انسانن جي ڀرپور تحقيق جي نتيجي ۾ ٿي آهي ڇاڪاڻ ته تحقيق ئي اهو عمل آهي جنهن سان حق جي تلاش ۾ آسانيون پيش ايندون آهن. سنڌي اب ۾ به تحقيق جو سلسلو صدين کان وٺي جاري آهي. جنهن جي نتيجي ۾ ڪيترائي منجهيل ۽ پيچيده مسئلا حل ٿي چڪا آهن.سنڌ اندر تحقيقي سوچ ۽ عمل کي وڌائڻ ۾ مادر علمي سنڌ يونيورسٽي جي سنڌي شعبي جو انتهائي اهم ڪردار رهيو آهي. ڪيترائي علم جا گوهر هن شعبي ۾ درس و تدريس واري عمل ۾ ڪوشان رهيا آهن اهوئي سبب آهي جو سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان ڪيترائي علم جا پياسي هن سمنڊ جي حيثيت رکندڙ اداري ۾ اچي علم جي اڃ اجهائيندا رهيا آهن.

منهنجي اها خوش نصيبي رهي آهي جو مان 2014ع کان وٺي هن اداري ۾ ايم فل جي اسڪالر جي حيثيت سان ريسرچ واري عمل ۾ رهيو آهيان. سنڌي شعبي جي پروفيسر ڊاڪٽر محمد انور فگار هڪڙو جي اڳواٽي ۾ سچ ته اسان کي سکڻ جي حوالي سان تمام سٺو ماحول مليو آهي. سائين جن جي عالمنه رهبريءَ هيٺ انتهائي اهم موضوع ”سنڌي ادب ۾ ٻاراٽي شاعريءَ جي ڪردار سازي جو مطالعو“ تي تحقيقي مقالو مڪمل ڪرڻ ۾ سندس قيمتي راين جو وڏو هٿ رهيو آهي. منهنجي ڀرپور ڪوشش رهي آهي ته مان پنهنجي موضوع سان انصاف ڪري سگهان. هن تحقيقي مقالي جي ڇپجڻ کان پوءِ پڙهندڙن جي راين مان ئي اها معلومات ملي سگندي ته منهنجو پورهيو ڪيترو ڪارائتو رهيو آهي. ايم فل واري هن سفر دوران پنهنجي بهترين استادن پروفيسر ڊاڪٽر مخمور بخاريءَ ۽ پروفيسر ڊاڪٽر محمد اسحاق سميجو کي ڪڏهن به فراموش نه ٿي ڪري سگهان.

**ثمرين رند**

## *ABSTRACT*

In this research study titled “A Study of the Character Building in Sindhi Children’s Poetry” In this study, the importance and the rewards of moral character development has been given and the role of children is like a back bone in one’s country because they are the future generation of any nation. They have to support and face the challenges in their future life. This M.Phil. Research thesis has been divided into the five different Chapters. In the very first Chapter, the Origin of the word Literature and its meaning and the importance of literature in one’s life have been mentioned through the references of great literary figures of the Sindhi literature. Such as, an example has been cited of Hakro. He has mentioned in his Sindhi research article that a famous Sindhi Critic Abdul Jabbar Junejo Sahab has defined the Term literature in his famous book “Literature for Whom?” according to him, Literature is expression of life. In this thesis the moral Character has been fully defined by the researcher and also what are the mile stones for development of character building through poetry. How can one develop oneself morally? Further through this research it has been also defined that the character is considered in terms of four psychological components. Those are required for moral behaviour and to propose that sensitivity, judgment, and motivation those emerge from the interaction of cognitive and affective processes .In chapter number two, the sources for the expression of literature has been mentioned and further, Prose and Poetry has been explained. History of the children’s poetry that has been published form 1947 -2016 has been cited and the complete history of children’s Publications, form 1947 to 2016. In third chapter, development of children’s literature, beginning of the poetry of children and children’s poetry published in different Magazines, has been cited. Poetry for children published in different books and published poetry for children in different Sindhi Newspapers also cited as well. In chapter number four, the moral character development/moral character building of the children in Sindhi poetry for the children has been mentioned. The role of a teacher, parents as a mother and father, students and the role children for themselves in the poetry is also given. Applied research has been conducted for the research methodology and contextual analysis has been applied for the analysis of the data and close reading technique has been applied for the data analysis. The chunks of the poetry, even a single line of poetry have been mentioned. If any verse supports the idea of character building of the children in poetry or any stanza of the poem favours this topic, all the related material has been cited for the proof. The findings have been given for support, the moral character building,

through the verses, poems and through the songs. In last the results has been mentioned in the conclusion.

## باب پهريون

# تعارف ۽ تحقيق جو طريقيڪار

# Introduction & Research Methodology

- موضوع جو تعارف
- تحقيق جي ضرورت
- تحقيق جو طريقو
- تحقيق جو دائرو
- موضوع تي اڳ ٿيل ڪم
- تحقيقي وسيلا
- تحقيق جو مقصد

## 1.1 موضوع جو تعارف

ٻار محبت ۽ شفقت جي علامت هوندا آهن ۽ انهن جا چهرا حسين نديءَ جي پاڻيءَ کان وڌيڪ خوبصورت هوندا آهن. جن جون ٻاتيون ٻوليون ڪائنات جي سڀني رنگن کان وڌيڪ سڪون پهچائيندڙ هونديون آهن ۽ انهن کي ڏسندي ئي زندگيءَ جي تمام ٿڪاوٽ دور ٿي وڃي ٿي. ٻار زندگي جي ابدي اميد آهن. اهي انسان جي مستقبل جي روشني آهن. ڪنهن به سماج يا سماج جي ترقي ان جي رهاڪن سان ٿيندي آهي. انهن مان پهريون ٻار هوندو آهي ۽ دنيا ۾ اهڙو ڪو به ادب ناهي جيڪو ٻارن جي ادب کان سواءِ ترقي ڪري سگهي. ڇو ته ٻار مستقبل جو پيءُ آهي. ٻارن جو ادب مستقبل ۾ هڪ نئين، آزاد انسان جي قيام ۾ تمام گهڻو حصو ڏئي سگهي ٿو. ٻارن جي زندگيءَ کي سڌارڻ ۾ ٻارن جي ادب جو وڏو ڪردار رهيو آهي. ٻاراڻو ادب معاشري کي سينگارڻ ۽ ان کي خوبصورت بنائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. زندگي جي چاڻ، ان زندگي کي پنهنجي ۽ ٻين لاءِ فا.ئديمند بڻائڻ ٻاراڻي ادب ذريعي ڪري سگهجي ٿو.

سنڌي ادب ۾ تحقيق جو سلسلوهڪ وڏي عرصي کان وٺي جاري آهي پر تحققي رجحان وڌڻ ڪري ادب ۾ ڪيترائي منجهيل ۽ پيچيده معاملا تحقيق جي نتيجي ۾ حل ٿي چڪا آهن. هڪ اسڪالر جي فرض ۾ شامل آهي ته هو تحقيق جي معاملي ۾خراب سوچ کان پاسو ڪندي ٻارا ڻي ادب تي تحقيق ڪري شاندار نتيجا حاصل ڪري پنهنجي علمي ۽ تحقيقي فرض جي ادائگي احسن طريقي سان ادا ڪندي ٻارن جي اصلاح ۽ ذهني اوسر ٻاراڻي شاعري جي ذريعي ڪئي وئي. هن تحقيقي مقالي ۾ ٻاراڻي شاعري ۾ ٻارن جي ڪردارسازي بابت آسان لفظن ۾وضاحت ڪرڻ ۽ ٻاراڻي شاعري کي نهايت ئي اسان طريقي سان بيان ڪرڻ وارو ڪم ڪيو ويو آهي. هن تحقيق ذريعي اهو پڻ بيان ڪيو ويو آهي ته ڪهڙا رسالا، ڪتاب ۽ اخبار شايع ٿيل آهن جيڪي مستقبل جي معمارن لاءِ مفيد معلومات، مختصر ۽ جامع طريقي سان بيان ڪئي وئي آهي ته جيئن سٺي ڪردارسازي ۽ خاص تربيت ٻاراڻي شاعري ذريعي ٿئي. ڪردارسازي ٻاراڻي شاعري ۾ پيڙهه جو پٿر جي حيثيت رکي ٿو.

ٻاراڻي شاعري کي پڙهندڙ هڪ ٻار ئي آهي ۽ اهو ٻارئي اڳتي هلي پنهنجي زندگي جو هڪ معتبر، مانائتو ماڻهون ۽ هڪ فائدو پهچائيندڙ شخص ثابت ڪري سگهي ٿو. ادب ۾ ٻاراڻي شاعري ٻار جي ذهن جي وندر ۽ اوسر جو هڪ اهم جز آهي. شاعرن جيڪي ٻارن جي زندگيءَ جو ويجهڙائيءَ سان گهرو مطالعو ڪري ٻارن جي احساسن، جذبن ۽ امنگن جي ڀرپور ترجماني ڪري ٻاراڻي شاعري چئي سنڌي ٻاراڻي شاعري کي خوبصورتيون عطا ڪيون آهن. ڪيترن ئي شاعرن ٻاراڻي شاعري چيون آهن. جن ۾ شمس العلماءُ مرزا قليچ بيگ، محمد صديق مسافر، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، ڪشنچند بيوس، احسان بدوي، استاد بخاري، ڊاڪٽر تنوير عباسي، امداد حسيني، ادل سومرو، نصير مرزا، اياز گل. اختر درگاهي، مختيار ملڪ ۽ ٻيا شامل آهن. جن ٻاراڻي شاعري کي اوج ڏيارڻ جي حوالي سان انتهائي اهم ڪردار ادا ڪيو هو ۽ هنن پنهنجي ٻاراڻي شاعريءَ جي ذريعي ٻارن جي وک وک تي رهنمائي ڪئي. ٻاراڻي شاعري جي حوالي سان بي انداز ٽڙيل پکڙيل مواد گڏ ڪري ان بابت تحقيق جي روشنيءَ ۾ مستند راءِ قائم ڪئي آهي ۽ ٻاراڻيءَ شاعري جي وسيلي ٻارن جي ڪردارسازي کي اڀارڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي وئي آهي.

## 1.2 تحقيق جي ضرورت

پاڪستان جي ورهاڱي کان وٺي اڄ تائين سنڌي ٻاراڻي شاعريءَ مختلف ڪتابن، رسالن ۽ اخبارن ۾ شايع ٿيندي اچي پئي. ٻاراڻي شاعري جي تحقيق ۽ سهيڙڻ جي حوالي سان اڳ ۾ خالد آزاد ۽ ٻين عالمن ۽ اسڪالرن جو ڪم ٿيل آهي. پر ان ڪم کي مون ڪافي نه سمجهندي مون ٻاراڻي شاعريءَ جي اشاعت ۽ ٻارن جي شاعريءَ جا مقبول ڪردارن بابت تحقيق ڪئي آهي. مون پنهنجي تحقيقي مقالي ۾ ٻاراڻو ادب، ٻاراڻي شاعريءَ جي اشاعت، ٻارن جي شاعريءَ جا مقبول ڪردار ۽ ٻاراڻي شاعريءَ ۾ شاعرن بابت ڀرپور تجزيو ڪيو آهي. .

## 1.3 تحقيق جو طريقو

پنهنجي هن موضوع تي تحقيق ڪرڻ لاءِ مون مختلف رسالن، اهم ڪتابن ۽ اخبارن جو مطالعو ڪري حقيقتن تائين پهچڻ جي لاءِ ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي ۽ مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ هن تحقيق ۾ تاريخي طريقو ڪم آندو ويو جيئن ته هي تحقيق ادب ۾ ٻاراڻي شاعريءَ جي اهم موضوع سان تعلق رکي ٿو. هن موضوع کي جديد تحقيقي اصولن ۽ معيارن کي سامهون رکي پايه تڪميل تي پهچايو ويو. هن تحقيقي ڪم ۾ اصولي تحقيق جي طريقن سان گڏوگڏ عملي تحقيق (Applied Research) جا طريقا پڻ استعمال ڪيا ويا. تحقيقي ڪم جي بنيادي ذريعن (Primary Resources) ۾ مختلف مرتبن جا ترتيب ڏنل ٻاراڻي شاعري جي حوالي سان مختلف ڪتاب ۽ رسالا ثانوي ذريعا (Secondary Resources) ۾ اهي سمورا معياري ڪتاب، تحقيقي جرنل، اخبارون ۽ رسالا شامل ڪيا ويا جن ۾ ادب ۾ ٻاراڻي شاعري جي متعلق مواد موجود هو. هن تحقيقي مقالي جي موضوع جا اهم نڪتا ڪٺي انهن کي ادب ۾ ٻاراڻي شاعري جي روشني ۾ پرکيو ۽ پروڙيو ويو. ان بعد اهڙي اهم موضوع تي تحقيقي راءِ جوڙيو ويو ۽ يونيورسٽي ۾ پيش ڪئي ويندي.
جڏهن ته مواد جي ماخذ ترتيب ۽ حوالن پيش آمريڪن فلاسافيڪل ايسوسيئيشن ڪرڻ لاءِ جو طريقو استعمال ڪيو ويو.

## 1.4 تحقيق جو دائرو

هن تحقيق جو دائرو طئي ٿيل تحقيقي موضوع: ”سنڌي ادب ۾ ٻاراڻي شاعريءَ جي ڪردارسازيءَ جو مطالعو“ مطابق سنڌي زبان ۾ ڪيل ان ٻاراڻي شاعريءَ هو مطالعو ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ ٻارن جي ڪردار کي سنوارڻ جي سکيا ۽ صلاح موجود هوندي. ڇاڪاڻ ته ڪردارئي سماج لاءِ لاپائتو ٿي سگهندو آهي.

## 1.5 موضوع تي اڳ ٿيل ڪم

هن موضوع تي ڪجھ ڪم ٿيل آهي. جڳ مشهور علم ۽ فاضل شمس العلماءُ مرزا قليچ بيگ ، محمد صديق مسافر، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، ڪشنچند بيوس جي ڇپيل ٻاراڻي شاعريءَ مان استفادو حاصل ڪيو ويو آهي. هن موضوع تي لکندڙ عالمن ۽ محققن ۾ علامه آءِ آءِ قاضي، علامه عمر بن دائود پوٽو، ڊاڪٽر عطا محمد حامي، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ”جامع سنڌي لغات“، خليل ابراهيم ”ادب ۽ تنقيد“، جمال لطيف ”ادب ۽ شاعري“، الهداد ٻوهيو ”ادب جو ساڃي ڪارج“ ۽ منهنجي گائيڊ ڊاڪٽر پروفيسر انور فگاي هڪڙو پڻ ”ادب، زندگي ۽ ساڄ“ انهن سڀني محققن جي ڪيل ڪم ۽ انهن جي تحقيق مان استفادو حاصل ڪيو ويو آهي.

هن تحقيقي مقالي ۾ ٻاراڻي شاعري ۾ ٻارن جي ڪردارسازي بابت آسان لفظن ۾ وضاحت ڪرڻ ۽ ٻاراڻي شاعري ڪي نهايت ئي آسان طريقي سان بيان ڪرڻ وارو ڪم ڪيو ويو آهي. هن تحقيق ذريعي اهو پڻ بيان ڪيو ويو آهي ته ڪهڙا رسالا ۽ ڪتاب شايع ٿيل آهن جيڪي مستقبل جي معمارن لاءِ مفيد معلومات، مختصر طرح ۽ جامع پيرائي سان بيان ڪئي وئي آهي.
هن مقالي ۾ اهو پڻ بيان ڪيو ويو آهي ته ٻاراڻي شاعري جي ذريعي ٻارن جي ڪردارسازي ۽ خاص تربيت ڪري سگهجي.

## 1.6 تحقيقي وسيلا

جيئن ته منهنجي هن تحقيقي مقالي جو تعلق ادب ۾ ٻاراڻي شاعريءَ ۾ تخليقي پهلوئن جو اڀياس ڪرڻ آهي، خاص طور تي ٻاراڻي شاعريءَ ۾ نظم نثر وارن بيتن ڪي پڙرو ڪري نتيجا حاصل ڪرڻ آهي. جنهن لاءِ مختلف ڪتابن، مضمونن، مقالن رسالن، اخبارن ۽ مجموعن ۽ ذاتي توڙي سرڪاري لائبريرين جو استعمال ڪيو ويو .ان ڪان سواءِ سنڌي، اردو ۽ انگريزي ٻولين جي ڪتابن، اخبارن ۽ تحقيقي جرنلن مان پڻ استفادو ڪيو ويو، گڏوگڏ ڏيهي توڙي پرڏيهي عالمن، اديبن، اڪابرن، ماهرن ۽ دانشورن ڪان پڻ رهنمائي ورتي وئي، ته جيئن هن مقالي ڪي تحقيق جي جديد معيارن مطابق وقت سر پايه تڪميل تي پهچائي ويو.

**لائبريريون: (Libraries)**

علامه آءِ – آءِ قاضي ريسرچ لائبريري، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو.

ريسرچ لائبريري، انسٽيٽيوٽ آف سنڌيالاجي، ڄامشورو. ريسرچ لائبريري، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو.

پروفيسر محرم خان سيمينار لائبريري، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو.

علامه عمر بن دائود پوٽو لائبريري، حيدرآباد.

سچل سرمست لائبريري، خيرپور

ڊاڪٽر عطا محمد حامي لائبريري، سوهو ڪناسرا، خيرپور

سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد آن لائين انٽرنيٽ (Online inter net).

## 1.7 تحقيق جو مقصد

مون پنهنجي ايم فل جي تحقيقي مقالي لاءِ جيڪو موضوع چونڊيو آهي ان جو تعلق ادب ۾ ان ٻاراڻي شاعريءَ سان آهي، جا ادب جي نون نظرين مطابق، ڪارج واري هجي، جا فرد ڪان سماج تائين، ٻارن جي ذهني اعلى صلاحيتن ڪي روشن ڪري، ان جي ذهني ارتقا ڪي مثبت ٻڌائڻ جي همٿ پيدا ڪري. ٻاراڻي شاعريءَ جي ٽڙيل پکڙيل مواد ڪي سهيڙڻ لاءِ مون وڏا جتن ڪيا. تحقيق جي مقصد لاءِ ضروري آهي ته ماٿهو جاکوڙ ڪري معياري تحقيق جي نتيجي ۾ مقالو لکي پنهنجي ٻوليءَ ۽ ٻاراڻي ادب ۾ شاندار اضافو ڪري. تحقيق جي خاص مقصد جي وضاحت جان ڊبليو بيسٽ هن طرح ڪئي آهي اها نئين معلومات جيڪا نئين معلومات ۾اضافو آڻي تنهن ڪري، تحقيق جو مقصد آهي ته اڳين تحقيق جي غلطين ڪي ختم ڪرڻ ۽ نوان اصول، نوان لفظ، نوان خيال ۽ نوان مفروضا ڳولڻ لاء پراڻي تحقيق ڪي بهتر ۽ وسعت ڏيڻ لاء.

ٻار ڪائنات جي سونهن آهن ، سندن معصوم شرارتون مايوس چهرن تي به مرڪون وکيري ڇڏينديون آهن. منهنجي تحقيقي موضوع ۾ شامل سمورا نظم گيت، ٻارن جي ادب سان بيحد محبت جو نتيجو آهي. جنهن مان هيٺيان مقصد واضع ٿيا.

- ٻاراڻي شاعريءَ ۾ ٻارن جي ڪردار سازيءِ جي آسان لفظن ۾ وضاحت ڪري سگهجي.

- هن تحقيق ۾ ٻاراڻي شاعريءَ جي مفهوم ڪي نهايت ئي آسان طريقي ۾ پيش ڪري سگهجي.
- ٻاراڻي شاعري جي حوالي سان شايع ٿيل رسالا ڪتابن جي اهميت بيان ڪري سگهجي.
- هن تحقيق ۾ خاص مفهوم سان گڏ ان جي رسالن ۽ مفيد معلومات مختصر ۽ جامع پيرايي ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي جيڪا ماخذن ۽ حوالن جي بنياد تي تيار ڪئي ويندي.
- هي تحقيقي مقالو مستقبل جي معمارن جي تربيت ۾ خاص ڪردار ادا ڪري سگهندو.

**حوالا:**


**1** خليل ابراهيم: ”ادب ۽ تنقيد“: چپائيندڙ لطيف پبليڪيشن: 1973ع ص.5 - 6

**2** ٻوهيو الهداد” ادب جو سماجي ڪارج“: سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگيت: سال ص10

**باب ٻيو**

# ٻاراڻو ادب

- **وصف**
- **اهميت**
- **قسم**

## 2.1 وصف

ٻارن جي ذهني ۽ جسماني ترقيءَ لاءِ لکيل ادب کي ٻارن جو ادب چئبو آهي. دنيا جو ڪوبه ادب ٻارن جي ادب کان سواءِ ترقي نٿو ڪري سگهي. ڇو ته ٻار ئي مستقبل جو پيءُ آهي ۽ ٻارن جو ادب هڪ نئين آزاد نسل جي قيام ۾ مدد ڪري سگهي ٿو. ٻارن جي ادب جا ٽي ماخذ آهن. جنهن ۾ ماءُ به شامل آهي. استاد ۽ ادب شامل آهن. ٻاراڻي ادب جي شروعات مادري زبان ۾ ٻولڻ ۽ لوليون ڪرڻ سان ٿيندي

آهي. استاد کيس اخلاقي ادب سيکاري ٿو ۽ گڏوگڏ دنيا جي چاڻ. ٻارن جو ادب سڀني ٻولين جي ادب جو بنياد آهي.

ٻارن جي شاعريءَ ٻارن جي زندگيءَ کي سڌارڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو آهي. ادب ذريعي سماج جي سُندر ۽ ان جي خوبصورتي ۾ ٻارن جو اهم ڪردار رهيو آهي. زندگيءَ جو علم ٻاراڻي ادب ذريعي ئي ڪري سگهجي ٿو ته جيئن هن زندگيءَ کي پنهنجي ۽ ٻين لاءِ فائديمند بڻائي سگهجي. ٻارن جي ادب ذريعي ئي اسان ٻار کي استاد، رهبر، ذهين، ذهين ۽ فائديمند انسان بڻائي سگهون ٿا. اسان ماڻهن کي هن سماج ۾ سٺي ۽ سٺي زندگي گذارڻ جا اصول ۽ طريقا پڙائي سگهون ٿا.
ٻارن جي ادب ذريعي ٻارن جي اخلاق ۽ ڪردار کي سڌارڻ سان ڪيترين ئي خوبصورت خوبيون پيدا ٿي سگهن ٿيون. ٻار هڪ ٻوٽي وانگر هوندا آهن ۽ اسان هن ٻوٽي کي وڏيڪ طاقتور، مضبوط ۽ اهڙو وڻ بڻائي سگهون ٿا جيڪو مٺو ميوو ڏئي. اڄ جو ٻار سڀاڻي جو انسان آهي. جيڪڏهن هو سٺي رهنمائي ڪري ته هو پنهنجي سماج يا پنهنجي ملڪ جو سٺو اڳواڻ بڻجي سگهي ٿو. مان وڌيڪ چوندس ته ٻارن جي ڪردار جي ترقيءَ لاءِ ٻارن جو ادب تمام ضروري آهي.
انساني دور ۾ ادب کي وڏي اهميت حاصل رهي آهي. انسان شروع کان وٺي هن جديد دور جو سفر فقط ادب ذريعي ڪيو آهي. ادب جو اسان جي زندگيءَ تي وڏو اثر آهي. انساني تمدن، روايتن، ريتن رسمن، زندگيءَ جي روش، انهن جي زوال ۽ ترقيءَ جي چاڻ اسان ادب ذريعي ئي حاصل ڪري سگهون ٿا. ادب ماڻهن جي زندگين کي بهتر ۽ خوبصورت بنائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. ارسطو، افلاطون کان وٺي شيڪسپيئر، شاهه لطيف ڀٽائي، شيخ اياز ۽ اسان جي جديد سنڌي شاعرن جي زندگيءَ ۽ انهن جي شاعريءَ/ لکڻين جو انساني زندگيءَ تي ڪيترو اثر آهي، ان جي چاڻ ادب ذريعي به ملي ٿي.
” ’اَ دَ بَ “ عربي لفظ آهي. اهو "دب" مان نڪتل آهي، ان جو جمع اَ د بَ آهي، صرفي لحاظ کان اسم مذڪر جي حيثيت رکي ٿو. و صف جي ٽن ا کر ن وا رو لفظ ”ا“، ”د“ ۽ ”ادب“. پنهنجي وجود ۾ هڪ وسيع معني رکي ٿي. يورپين ان جي معنيٰ ظاهر ڪرڻ لاءِ ”انگريزي ادب“ يا ”شائستہ ادب“ ورتو. مطلب ته اهو علم جيڪو انساني فطرت ۾ ٻانهن پيدا ڪري ٿو* ان مان مراد علمي حسن آهي (لطيف جمال، 1995). ڊاڪٽر انور فجر پنهنجي ڪتاب ”ادب، زندگي ۽ سماج“ ۾ لکيو آهي ته: اسان جي ٻوليءَ ۾ ”ادب“ لفظ عربي ٻوليءَ مان ورتل آهي. هي لفظ اردوءَ ۾ به استعمال ٿيندو آهي. هندي ۾ ساهتيه ۽ ساهت لفظ وري استعمال ٿيندا آهن. انگريزيءَ ۾ لٽريچر آهي“ (هڪڙو، 2006).

## 2.2 اهميت

ٻار محبت ۽ جذبي جي علامت هوندا آهن ۽ انهن جون ٻاتيون ٻوليون ڪائنات جي سڀني رنگن کان وڌيڪ پرسڪون هونديون آهن ۽ انهن کي ڏسندي سچي زندگي خوشين سان ڀريل هوندي آهي. ٻارن جي مسڪراهٽ هڪ خوبصورت درياهه جي صاف پاڻي کان وڌيڪ مٺي آهي. ٻارن جو ادب تمام ضروري آهي. اڄ جو ٻار سڀاڻي جو تعليم يافته انسان آهي. اهي ماڻهو هڪ قوم ٺاهيندا آهن ۽ اهي ملڪ پنهنجي سوچ، پنهنجي علم، پنهنجي صلاحيتن ۽ پنهنجن سٺن لاڳاپن جي ڪري سٺا ملڪ ٺڄي ويندا آهن. سٺي سوچ رکندڙ ٻار هڪ عظيم سماج، قوم ۽ ملڪ جي تعمير ۾ ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو. ٻارن جو ادب ان ڪم ۾ مدد ڪري سگهي ٿو

ٻاراڻي ادب ذريعي ماءُ ۽ ٻار جو رشتو مضبوط ڪري سگهجي ٿو. ٻاراڻي ادب ذريعي ئي ٻار ۽ پيءُ جو رشتو مضبوط ڪري سگهجي ٿو ڇو ته اهو ئي ٻار سڀاڻي جو پيءُ آهي. پاءُ ۽ پيٽ جي رشتي کي بهتر نموني اجاگر ڪري سگهجي ٿو. ٻار ۾ حب الوطني جو جذبو پيدا ڪري سماج جي لاڳاپن کي وڌيڪ بهتر ٺاهي سگهجي ٿو.

ابراهيم خليل پنهنجي ڪتاب ”ادب ۽ تنقيد“ ۾ ادب جي اهميت بابت لکي ٿو ته: ”ادب سڀني ٻولين ۾ موجود آهي. اهڙي ڪا به ٻولي ناهي جنهن ادب جي نالي تي پاڻ کي علم ۽ ٻولي کان ڌار ڪيو هجي. ڪنهن به قوم جي سماجي، سياسي، مذهبي، اخلاقي ۽ معاشرتي زندگيءَ کي ان جي ادبي ڪارنامن مان ئي ڏسي سگهون ٿا. يونان مان ئي ادبي تحقيقي تحريڪ جي شروعات ٿي. افلاطون ۽ ارسطوءَ جا قائم ڪيل ادب جا اصول، جيڪي صديون گذرڻ باوجود ساڳيا رهيا آهن“(خليل،1973ع ص 5-6 ).

ٻارن جي شاعري ذريعي اسان ٻار کي استاد، رهبر، چالاڪ، ذهين ۽ مددگار ٺاهي سگهون ٿا. اسان ماڻهن کي هن سماج ۾ سهڻي ۽ سٺي زندگي گذارڻ جا اصول ۽ طريقا ٻڌائي سگهون ٿا. ڪردار جي

اڏاوت ۽ انهن جي اخلاق ۽ ڪردار کي سڌارڻ سان ڪيترين ئي خوشگوار خوبين ٻارن ۾ شاعري ذريعي ئي پيدا ٿي سگهن ٿيون. ٻار هڪ ٻوٽي وانگر هوندو آهي ۽ ٻوٽي کي سگهارو ۽ مضبوط ڪري سگهي ٿو ۽ ان کي هڪ وڻ ۾ تبديل ڪري سگهي ٿو جيڪو مٺو ميوو ڏئي ٿو.

ٻارن جي شاعريءَ ذريعي ٻارن جي ڪردار سازي ڪري، انهن کي بهتر رنگ ۾ رنگي، ڪردار نگاريءَ جي ٻاڻيءَ سان انهن جي دلين ۽ دماغن کي ڌوئي، انهن کي اڇو ۽ ڪارائتو بڻائي، هڪ مثالي انسان بڻائي سگهون ٿا. ، اسان هڪ ٻار کي مستقبل جو معمار، هڪ تجربو ڪندڙ، پنهنجي فن ۾ هڪ ڪمالسٽ، سماج جو هڪ معزز ۽ مفيد ميمبر بڻائي سگهون ٿا.

انسان جي دور ۾ ادب کي وڏي اهميت حاصل هئي. انسان شروع کان وٺي هن جديد دور جو سفر فقط ادب ذريعي ڪيو آهي. ادب جو اسان جي زندگيءَ تي وڏو اثر آهي. انساني تمدن، روايتن، ريتن رسمن، طرز زندگي، ان جي زوال ۽ ترقيءَ جي ڄاڻ اسان ادب ذريعي ئي حاصل ڪري سگهون ٿا.

ادب ماڻهن جي زندگين کي بهتر ۽ خوبصورت بنائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. ادب ماڻهن جي زندگين کي سنواري ۽ سنواري ڏيڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪري ٿو. ارسطو، افلاطون کان وٺي شيڪسپيئر، شاهه لطيف بهشتي، شيخ اياز ۽ اسان جي همعصر سنڌي شاعرن جي زندگيءَ کان واقفيت ۽ انهن جي شاعري/ لکڻين جو انساني زندگيءَ تي وڏو اثر آهي ۽ ادب ذريعي اسان کي خبر پوي به ٿو.

## 2.3 قسم

ٻاراڻي ادب جا ٻه عام طور تي قسم آهن.

**1 نثر**

**2 نظم**

نثر پڻ ٻارن جي ادب جي هڪ صنف آهي، جنهن ۾ ٻارنجي ڪردارسازي ڪري سگهجي ٿو. ٻارن جي نثر ۾ افسانا، ناول، ڊراما ۽ مضمون شامل ٿي سگهن ٿا. ڪيترن مصنفن نثر ۾ پڻ ڪم ڪيو آهي. ان ۾ علامه دائود پٽو، علامه اي قاضي ۽ مرزا قليچ بي جهڙا اديب اچي وڃن ٿا. ٻيو قسم شاعري آهي ۽ مختلف صنفن ۾ شاعري ڪئي وئي آهي ۽ ڪيترن ئي اديبن اتي ڪم ڪيو آهي جهڙوڪ: محمد صديق مظفر، حڪيم فتح محمد سهاني، ڪينچند ٻيوس، احسان بدوي، مقصود دل، عادل

ٻار زندگي جي ابدي اميد آهن. اهي انسان جي مستقبل جي روشني آهن. ٻاراڻي ادب جو مقصد ٻار جي ذهن جي پرورش ڪرڻ آهي ته جيئن هو جسماني، سماجي، معاشي ۽ روحاني لحاظ کان صحتمند به رهي. ڪنهن به سماج يا سماج جي ترقي ان جي رهاڪن سان ٿيندي آهي. انهن مان پهريون ٻار هڪ ٻار آهي. الهداد ٻوهيو پنهنجي ڪتاب ”ادب جو سماجي ڪارج“ ۾ لکي ٿو ته: ”ادب بهترين خيالن جو مجموعو آهي. (ٻوهيو 1976 77 ص 12). اهڙيءَ طرح ٻارن جو ادب به سُٺن خيالن کي اُجاگر ڪرڻ جو هڪ بهترين ذريعو آهي. ٻارن جو ادب معلوماتي ادب جو هڪ بهترين ذريعو آهي.

ڊي ڪينسي ادب جي ٻن خاصيتن جو ذڪر ڪري ٿو، ان ڪري ادب کي ٻن ڀاڱن ۾ ورهائي ٿو (ٻوهيو 1976 77 ص 12).

1 **معلوماتي ادب**

2 **ادب جا محرڪ**

معلوماتي ادب جو مقصد آهي سيکارڻ. ادب جا محرڪ جو مقصد آهي تحرڪ ڏيڻ ۽ عمل لاءِ تيار ڪرڻ. وليم جي ڊانگ ادب جي باري ۾ اٺن ڳالهين جو ذڪر ٿو ڪري جيڪي هيٺ ڏجن ٿا..

1 **آرٽ:-** آرٽ زندگيءَ جو اهو اظهار آهي، جنهن ۾ ”سوچ“ اچي ٿو وڃي.

2 **ڪشش:-** ڪشش اها شيءِ آهي، جيڪا جذبات کي ڇڪي ۽ اڀاري ٿي.

3 **بقا:-** ادب جي ٻوليءَ واري صورت کي بقا حاصل آهي.

4 **ڪُلي حيثيت:-** ادب سڄي انسان ذات جي دلچسپيءَ واري شيءِ آهي.

5 **زندگيءَ جو لاڳاپو:-** ادب زندگي ءَ جو اپياس ڪري ٿو، ۽ ان طرح هو انسان ذات سان تعلق رکي ٿو.

6 **سماج سان لاڳاپو:-** جهڙو سماج تهڙو ادب.

7 **ادا:-** جهڙي سماج ادا، تهڙي ادبي ادا.

8 **ٻولي:-** ٻولي ادب جو ذاتي استعمال آهي. (هڪڙو، 2006 ع ص 89)

**سنڌي ٻوليءَ جو ادب:**

1- **علم لغت:** ٻوليءَ جي لفظن جي تحقيق جي علم کي علم لغت چئبو آهي

2- **علم خط:** چٽي، تحرير يا لکيت جي علم کي علم خط چئبو آهي.

3- **علم العروض:** شعر جي بحر وزن معلوم ڪرڻ جي علم کي علم العروض چيو ويندو آهي.

4- **علم قافيه:** ٻن يا زياده شعرن ۾ آيل پڇاڙي وارو لفظ ( قافين جون حرڪتون ۽ اُچار ساڳيا هوندا آهن.)

5- **علم نحو**: اهو علم جنهن سان ٻوليءَ ۾ لفظن، جملن، فعلن وغيره جي گردانن جي ڇاڻ ٿئي.

6- **علم الا شتقاق**: لفظن مان ڪڍيل بنيادي 'ڌاتو'.معنى کي علم الا شتقاق چئبو آهي.

7- **علم المعاني:** مطلب، معنائون. لفظن کي موقعي تي استعمال ڪرڻ جو علم. ( معنى جو جمع ).

8- **علم البيان:** ذڪر. احوال، ڪلام، ڳالھ جو اظهار، شاهدي، زباني جو علم

حوالا:

1- بلوچ نبي بخش ڊاڪٽر"جامع سنڌي لغات": ج - 1- سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو: 1995ع ج - 4 - ص 154.

2- - جمال لطيف: "ادب جي تاريخ ۽ ان جو سماجي ڪارج": پبليڪيش نئين زندگي: 1995ع ص 12

هڪڙو انور فگار ڊاڪٽر: ادب، زندگي ۽ سماج":مهراڻ اڪيڊمي واڳڻودر شڪارپور سنڌ : جون 2006 3ع ص 30

# باب ٽيون

## سنڌي ۾ ٻاراڻي شاعريءَ جي ابتدا ۽ اوسر

- سنڌي ۾ ٻاراڻي شاعري جي ابتدا
- ورهاڱي کان پوءِ شايع ٿيل رسالا
- ورهاڱي کان پوءِ سنڌ ۾ شايع ٿيل ڪتابي سلسلا
- سنڌي ۾ شايع ٿيل ٻارن لاءِ شاعري جي اشاعت
- رسالن ۾ شايع تيل ٻاراڻي شاعري
- ڪتابن ۾ شايع تيل ٻاراڻي شاعري
- اخبارن ۾ شايع ٿيل ٻاراڻي شاعري

## 3.1 سنڌي ۾ ٻاراڻي شاعريءَ جي ابتدا

هن باب ۾ ٻاراڻي شاعريءَ جي ابتدا جو اڀياس ڪرڻ لاءِ مختلف ڪتابن ۽ رسالن جو مطالعو ڪيو ويو آهي. معلوم ٿئي ٿو سن 1853ع ۾ درسي طور شايع ٿيل ڪتاب باب نامي ۾ پيش ڪيل ٻاراڻي ادب جو ڇيڇڙ سان ٻاراڻي شاعريءَ جي ڇپائي معلوم ٿي. ننديرام ميرچنداڻي ان جو باني چئي سگهجي ٿو. اڳتي هلي ٻين ڪلاسن جي سنڌ نصابي ڪتابن سان گڏ رسالن ۾ پڻ شاعري ڇپي. هڪ تعليمي ۽ تدريسي دور اهڙو به رهيو آهي. جنهن ۾ جنهن موضوع تي سبق نثر ۾ آهي ته ان موضوع يا سبق تي نظم به موجود هوندو هيو. اهڙا سنڌي نصابي ڪتاب هٿ ڪر ڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.

ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو پنهنجي ڪتاب ”شڪارپور شهر جو سنڌي ادب ۾ حصو“ ۾ ٻاراڻي ادب جي شروعات جي تاريخ بابت لکي ٿو ته: ”سنڌي زبان جي ادب ۾ ٻاراڻي ادب جي شروعات اوڻويهين صديءَ جي وچ ڌاري ٿي. ٻاراڻي ادب متعلق نندیرام مير چنداڻي ڪي سنڌي ٻاراڻي ادب جو جيڪڏهن پيڙه وجهندڙچئجي ته بيجا نه ٿيندو. آنجهاني مير چنداڻي 1853ع ڌاري ٻارن جي متعلق ’باب نامو‘ لکيو هو.، جيڪو ان ۾ سڀ کان اوئلي ڪتاب چيو وڃي ٿو.، توڙي جو اهو ڪتاب نصابي هو. حيدرآباد جو ديوان ڪوڙومل چندن مل پهريون ليکڪ هو، جنهن 1891ع ڌاري ادب جي سلسلي ۾ هڪ باقاعده ادارو قائم ڪيو ۽ ٻاراڻيون آکاڻيون لکيون“ (هڪڙو، 2009ع ص 589-590.). ”ٻاراڻي ادب جو سلسلو 1853ع کان شروع ٿيڻ بعد 1947ع جي ورهاڱي تائين پوريءَ طرح هلندو رهيو. 1947ع تائين جن اديبن ٻاراڻي ادب متعلق ڪتاب لکيا آهن، انهن ۾ شمس العماءَ مرزا قليچ بيگ، نارائڻداس ملڪاڻي، هوت چند منگواڻي، ٺهلرام لوڪومل، ڏيئومل، محبوب راءِ، نارائڻداس ڀمڀاڻي، ايم آر مائيداساڻي، جئسن مولچنداڻي، ڀڳوان سڪراڻي، نانڪرام ڌرمداس، ميلا رام منگترام، ويرومل ملاڻي، ڪماري پارپتي گدواڻي، شيوڪ ڀوڄراج، رام پاونداس ۽ محمد صديق مسافر تمام گهڻو مشهور آهن. انهن مڙني لکندڙن جو ڪنهن هڪ شهر يا ڳوٺ سان واسطو نه هو. اهي سنڌ جي مختلف شهرن سان وابسته هئا. اڄ ادبي تاريخ انهن کي پنهنجي جنم ڀومي جي حوالي سان پنهنجي ورقن ۾ جاءِ ڏيندي سنڌ جي مختلف شهرن کان علاوه اسان جي شهر شڪارپور مان به ٻاراڻو ادب سرجيو آهي، جنهن جي تاريخ قديم آهي“(هڪڙو، 2009ع ص590). ”شڪارپور شهر ۾ ٻاراڻي ادب پيش ڪرڻ جو سڀ کان پهريون سهرو سنڌي ٻوليءَ جي مشهور اشاعتي اداري ’پوڪرداس ٿانورداس

تاجرڪتب‘ شڪارپور جي سر آهي. پوڪرداس شڪارپور ۾ سنڌ جي ٻين مختلف شهرن جي اديبن جا ڪتاب شايع ڪرائي ٻاراڻي ادب جي ترقي ۽ اشاعت ۾ حصو ورتو. هن جي شايع ڪرايل ننڍڙن (ڏهن _ ٻارهن صفحن تي مشتمل) قصن کي جيڪڏهن ٻاراڻي ادب ۾ ڳڻبو ته ائين چوڻ ۾ ڪو به وڌاءُ نه ٿيندو ته پوڪرداس پنهنجي اشاعتي اداري جو آغاز.ئي ٻاراڻي ادب جي اشاعت سان ڪيو.هن پهريائين جيڪي ننڍا قصا ڇپرائي پڌرا ڪيا، انهن ۾ ’ملان ۽ مواليءَ جو قصو، اُٺ ۽ گهوڙي جوقصو، قصو زال ۽ مڙس جو، سس ننهن جو جهيڙو، ٽوپي ۽ پڳ جو جهيڙو‘ اچي وڃن ٿا. اهي قصا ۽ مزاحيه جهڳڙا91- 1890ع ۾ ڇپيا. اڳتي هلي هن اپريل 1898ع ۾ ’سنگ تاري ڪسنگ ٻوڙي‘ نالي ڪتا بڇو شايع ڪرايو، جيڪو موٽومل ڇٽنراءِ جو لکيل هو. مئي 1898ع ۾ هن ٻاراڻي شاعريءَ جو مجموعو ’ٻاراڻا ترانا‘ عرف ٻاراڻا گيت‘ (نئون قسم) ڇپائي پڌرو ڪيو، جو واحد بخش نالي ليکڪ جو لکيل هو. پوڪرداس پاران شايع ڪرايل پهرين زماني جي ڪيترن ڪتابن تي نه ڪي ليکڪ جو نالو لکيل آهي ۽ ان جو اصل ماڳ – مڪان. ڪن ڪتابن تي اشاعت جو سال لکيل آهي ته ڪن تي اهو به ڪونهي. اهوئي سبب آهي جو ايڏي گهڻي اشاعتي ذخيري کي ادبي تاريخ ۾ ڪنهن ڪنهن سان منسوب ڪجي. پوڪرداس ته رڳو ڪتاب ڇپائي پڌراڪيا، لکيا ته ٻين اِن ڪري فقط ايتروئي چئبو ته انهن جي اشاعت جو سرچشمو ’پوڪرداس ٿانورداس تاجر ڪتب‘ شڪارپورهو“ (هڪڙو، 2009ع ص 590-591). ”ٻاراڻي ادب جي اوسر ۾ شڪارپور جي تعليمي ادارن جو به وڏو حصو آهي. هتان جي تعليمي ادارن مان وقت بوقت ماهوار ۽ سلسلي وار رسالا ۽ ميگزينيون شايع ٿيون، جن ۾ اسڪولي شاگرد پنهنجيون لکڻيون شايع ڪرائيندا هئا. اهڙن تعليمي ادارن مان ”هوپفل اڪيڊمي“ (هاٿوڪو هاءِ اسڪول نمبر 2) سڀ کان اولين ۽ اهم آهي. مئي 1914ع کان اسڪول مان ماهوار ”هوپفل اڪيڊمي ميگزين“ شايع ٿيندي هئي. جنهن جي ايڊيٽوريل بورڊ ۾ ڪشنچند جيونداس، راڌا ڪرشن پارومل ۽ جهامنداس دوارڪاداس پاڻيه شامل هئا. هيءَ ميگزين ٻن پاڱن تي مشتمل هوندي هئي. هڪ انگريزي مضمون جو پاڱو، جنهن ۾ اسڪول جي ڪارگذاري ۽ استادن ۽ شاگردن جا مضمون ۽ شعر شايع ٿيندا هئا. اهو پاڱو 25 صفحن تي مشتمل هوندو هو. ٻيو سنڌي پاڱو 24 صفحنتي مشتمل هوندو هو. ”هوپفل اڪيڊمي ميگزين“ سکر جي مولچند ڀاڳچند جي ”ايڊورس پريس“ مان ڇپجي، واڌومل ويڙهومل گوڪلاڻي مئنيجر هوپفل اڪيڊمي شڪارپور جي آفيس مان پڌري ٿيندي هئي. ساڳئي پرچي ۾ ’شاگردن جي هاٿوڪي هلت‘ جي سري سان فقير محمد علي بن خليفه غلام حسين شيخ جو مضمون شايع ٿيل آهي. جنهن ۾ شاگردن جي استادن سان غلط برتاءَ تي لکيو ويو آهي. ان مضمون ۾ ان ڳالهه تي زور ڏنو ويو آهي ته استاد جي شخصيت تمام گهڻي مان ۽ مرتبي وارو آهي“ (هڪڙو، 2009ع ص 591-592).

” ’سخاوت جو سنُو رشتو‘ جي عنوان هيٺ مئٽرڪ جي هڪ شاگرد راڌا ڪرشن جو بهترين مضمون به ان ئي پرچي ۾ ڏنل آهي. ان ميگزين جي مضمونن مان معلوم ٿو ٿئي ته انهي مضمون ۾ گهڻي گهرائي ۽ معلومات آهي. ’هو پفل اڪيڊمي ميگزين‘ جي ڊسمبر 1914ع جي اشاعت ۾ جهامنداس پاڻيه جو مضمون ’نصيحت آميز نظارو‘ شايع ٿيل آهي، جنهن ۾ بهار جي مند ۾ صبح جي وقت باغ جي سير جي سهڻي منظر ڪشي ڪئي ويئي آهي“(هڪڙو، 2009ع ص 592).

”هوپفل اڪيڊمي اسڪول کان علاوه اسان جي شهر شڪارپور جي مشهور پرائمري تعليمي اداري ’هندو سنڌي اسڪول نمبر اول‘ (هاٿوڪي پرائمري لکي در اسڪول) مان ’ٻالڪ ميگزين‘ جي نالي سان هڪ ماهوار رسالو نڪرندو هو، جو پهريائين سن 1930ع کان 1932ع

تائين اسڪول جي هيڊماستر جي ايڊيٽريءَ ۾ مئي 1937ع کان ٻيهر ڇپجڻ شروع ٿيو. مئي 1937ع کان نومبر 1937ع تائين هن ننڍڙي رسالي جي ايڊيٽريءَ جا فرائض سنڀالڻ کان پوءِ ٺڪر هولارام سهجرام ’ٻالڪ ميگزين‘ جي ادارت ۽ سمورو ڪاروبار شاگردن جي حوالي ڪري ڇڏيو“(هڪڙو، 2009ع ص 592-593.) ”شڪارپور مان شايع ٿيندڙ ’ٻالڪ ميگزين‘ جي معياري مواد جو جائزو وٺڻ کان پوءِ اهو چئي سگهجي ٿو ته ان منفرد ٻاراڻي رسالي جي معياري مواد نه رڳو ٻارن کي پڙهڻ لاءِ متوجهه ڪيو، پر لکڻ لاءِ به همٿايو. ميگزين جي پرچن ۾ شايع ٿيل ٻاراڻيون بهترين ڪهاڻيون آهن. ٻال مندر: هوندراج داس (سيپٽمبر 1937ع) لومڙ ۽ ڪتو: گوپ مل ٺلومل ٺڪر (ڊسمبر 1937ع)، مزيدار: امر ايچ پرسراماڻي (ڊسمبر 1937ع)، ڪدڙ، ڪانءَ ۽ هرڻ جي: محمد صديق هڪڙو (جنوري 1938ع)، پنهنجي مدد پاڻ: (اپريل 1938ع) (هڪڙو،2009ع ص 593-594.) عبدالغني لطف الله جوڻيجو وغيره

هوند راج داس جي مسدس ’ٻالڪ‘ جي عنوان هيٺ شايع ٿيل آهي.

**ٻالڪ**

تنهنجي اچڻ سان هڪدم وچي گهر گهر وري وڌائي

هيڪار مچي ٿي چوڌر چڻ تون باغ شاهي

تنهنجي بنا جنهن گهر ۾، گهنگهور گهٽا هي ڇائي

بس! اچڻ سان ئي تنهنجي، وئي رات ٿي سهائي!!

تون چنڊ جو ٽڪر يا خود چنڊ پاڻ آهين

هردم رڳو کلين ٿو مون کي نه چو ٻڌائين!

( هوند راج داس،بحواله هڪڙو، 2009ع ص595).

’’’ٻالڪ ميگزين‘ جي مارچ 1938ع جي پرچي ۾ احسان احمد عرف عبدالنبي ولد لطف الله ’جوڻيجو‘ جو ”سچي سعادت“ جي عنوان هيٺ هڪ نصيحت ڀريو نظم شايع ٿيل آهي. احسان احمد بدوي ان وقت هاءِ اسڪول شڪارپور ۾ تعليم حاصل ڪري رهيو هو (هڪڙو، 2009ع ص 595).

**سچي سعادت (نظم)**

استاد ماءُ پيءُ جي خدمت سچي سعادت

تن جي ادب جي هر دم رک پاڻ ۾ تون عادت

استاد ٿو سيکاري علم و ادب جون ڳالهيون

ان جي ئي فيض سان درجو وڏو پرايت

گهر تون دعا فدا کان هردم ۽ هر گهڙي ۾

تن جي سدا ادب جي تو ڪي ڏي هو طاقت.

(احسان احمد عرف عبدالنبي، بحواله هڪڙو، 2009ع ص 595)

” ’ٻالڪ ميگزين‘ شڪارپور جي ٻالڪن ۾ گهڻو ادبي روح ڦوڪيو. هن ۾ ٻنا ڪنهن مذهبي ۽ ڌرمي ويڇي جي ٻارڙن جون تحريرون شايع ٿينديون هيون. جنوري – فيبروري 1938ع ۾ هن رسالي جو ساليانو پرچو شايع ڪيو ويو هو، جيڪو چوٽيهن صفحن تي مشتمل هو. ان ئي پرچي ۾ شيخ مبارڪ علي (مبارڪ) (شيخ اياز) جو ’مرد خدا‘ جي عنوان هيٺ هڪ نظم شايع ٿيل ٿيل آهي جو اياز صاحب جي زندگي جو پهريون شعر آهي “ (هڪڙو، 2009ع ص 596).

(نظم)

”نه غم دنيا جو آ ان کي، نه دنيا کان ڪنارو آه

نه ڏيڻو آه، نه وٺڻو آه، نه حيلو آه نه چارو آه

نه پنهنجن سان محبت آه، نه نفرت غير سان ان کي

سڀن ۾ ذات حق ڏسڻو، اهو ان جو نظارو آه

نه آهي شاد شاهي ۾، گدائي ۾ نه غم ان کي

جو آهي سوئي آه بهتر، اهو ان نظارو آه

ڪفر اسلام کان فارغ، نه ملت غرض سان ان کي

نه هندو آه نه ڪي مسلم، سڀن کان پنٿ نيرو آه“

( شيخ، بحواله هڪڙو 2009ع ص 596)

’سدرشن‘ رسالي ۾ گهڻو ڪري نيو ايريا اسڪول جي شاگردن جون تحريرون شايع ٿينديون هيون، جن ۾ مرلي ڪوڏومل، حڪمت آسراڻي، لڇمڻ ماکيجا، پرمون ڪوٺواڻي ۽ بي ايس رهيجا گهڻو لکندا هئي (هڪڙو، 2009ع ص 596). 15 اپريل 1938ع کان مسٽر نارائڻداس ايل بولاڻي ’نماڻو‘ جي ادارت ۾ ماهوار رسالو ’موج‘ نڪرڻ لڳو، جو پنڻ مل اتماڻي جي ’دي اتماڻي پرنٽنگ پريس لکي در شڪارپور‘ مان ڇپجي آفيس واسلي جي کوه وٽان (شڪارپور) پڌرو ٿيندو هو. ’موج‘ ۾ گهڻو ڪري ’پريتم ڌرم سڀا هاءِ اسڪول‘ شڪارپور جي شاگردن جا ليک ۽ گيت شايع ٿيندا هئا. گوئندرام ٺڪر ۽ نارائڻداس لنڊ هن رسالي ۾ گهڻو لکندا هئا“(هڪڙو، 2009ع ص 596-597.). ”رسالن جي اشاعت کان علاوه شڪارپور جي درسگاهن ۾ ٻاراڻي ادب جي اوسر لاءِ ٻالڪن جا ميڙ پڻ ڪوٺايا ويندا هئا، جن ۾ ٻار تقريرون ڪندا هئا ۽ مختلف شخصيتن، واقعن ۽ شهرن تي معلوماتي مضمون پڙهيا ويندا هئا. اهڙن تقريبن ۾ شعر ۽ شاعري جي نشست به ٿيندي هئي ۽ ٽيبلو ۽ ڊراما به ٿيندا رهندا هئا. شڪارپور جي تعليمي ادارن جي اسٽيجن تان ڪيترائي ڊراما ٿيندا رهندا هئا، جن ۾ ٻار بهترين اداڪري جو مظاهرو ڪري انعام اڪرام حاصل ڪندا هئا“ (هڪڙو، 2009ع ص 597). تاريخ 4-5 ۽ مئي 1934ع تي

شڪارپور ۾ ’ڪل سنڌ شاگرد ڪانفرنس‘ منعقد ٿي هئي، جنهن جي صدارت آر ايچ بٺيجا ڪئي هئي. ان ڪانفرنس ۾ ٻاهرن شاگردن کان علاوه شڪارپور جي شاگردن به ڀرپور حصو ورتو هو ۽ ان جي هر نشست ۾ بهرو ورتي، پنهنجي صلاحيتن جو مظاهرو ڪري، آفرين نامه ۽ انعام حاصل ڪياهئا (هڪڙو، 2009ع ص 597).

شڪارپور جي ٻارڙن جون لکڻيون شڪارپور جي رسالن ۽ اخبارن کان علاوه سکر، حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ مان شايع ٿيندڙ ٻاراڻن رسالن ۽ اخبارن ۾ به شايع ٿينديون هيون (هڪڙو، 2009ع ص 597). ”ملڪي حالتن خاص طور تي ٻي جنگ عظيم جي اگرن نتيجن جتي وڏن جي ادب کي متاثر ڪيو، اتي ٻاراڻو ادب به بچي نه سگهيو. ڀني جي کلت ۽ ڇپائي جي ڳاٽي ڀڳڻ خرچن ’سنڌو‘ جهڙي رسالي جي چيله چٻي ڪري وڌي. اهڙي ڏڪر ۽ قحط ۾ ٻاراڻيون چوپڙيون ۽ رسالا به پنهنجو وجود برقرار رکي نه سگهيا. ٻي جنگ عظيم جا بادل ادب جي افق تي ڇانيل ئي رهيا ته هندو مسلم ايڪتا وارو صوفيانه ماحول نفرتن جي آلودگيءَ جي لپيٽ ۾ اچي ويو. نتيجي ۾ ٻاراڻي ادب کي ڪاپاري ڌڪ رسيو ۽ ڪو به اهڙو رسالو منظر عام تي نه آيو، جنهن کي اڄ تاريخي حيثيت ڏيئي ڳڻي سگهجي. ان گهُٽ ۽ ٻوسٽ جي ماحول ۾ دادا جهامنداس ڀاٽيه هڪ سچي استاد ۽ ليکڪ جو ثبوت ڏيندي، ٻارن جي ادبي گهرج جي پورائي لاءِ ڪهاڻين جو مجموعو ’مرڪندڙ مکڙيون‘ جي نالي سان ڇپائي منظر عام تي آندو.ڪتاب جي مهڙ ۾ لکي ٿو: ’مرڪ سان نه لڙڪ سان‘ جيوت جي سفر جو پنڌ ڪرڻو آهي. آکاڻين ۾ اها ئي رمز رکيل آهي. اميد اهائي آهي ته جنهن جي گود ۾ ويهي اهڙي رمز هٿ ڪئي اٿم. اها ئي جيوت منهنجي جو مول انمول، تول بي بها ڍول – پوڄا جو ذڪر ٿي پئي رهي آهي: مثال ٻالڪ به پنهنجي جنبيءَ ۽ جنم ڀومي جو ڪير سفلو ڪن ۽ مرڪ سان حياتيءَ جو حساب ڏين (ڀاٽيه، 1945ع ص مهاڳ ). ڀاٽيه جو هي مجموعو 34 صفحن تي پکڙيل آهي ۽ منجهس نو (9) ڪهاڻيون ڏنل آهن. هي ويرومل بيگراج جي تلڪ پريس سکر ۾ ڇپيو هو. ڪتاب ۾ ڪم آندل ٻولي ٻهڳڻي آهِ. جنهن لاءِ جهام جس جو لهڻيدار آهي“(هڪڙو، 2009ع ص 597-598.).

## 3.1.1 ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ۾ شايع ٿيل رسالا:

هن باب ۾ ٻاراڻي شاعريءَ جو اپياس ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ۾ شايع ٿيل مختلف رسالن جو مطالعو ڪيو ويو ۽ پڻ سنڌي رسالن جي اشاعت جو جائزو پيش ڪيو ويو آهي . ڇاڪاڻ ته رسالن جي ڇاڻ سان ٻاراڻي شاعريءَ جي ڇيڇڻ سان گڏ ان ۾ آيل تبديلين ۽ حاصل ٿيندڙ نتيجن تائين رسائي ٿي پئي سگهي. سن 1853ع ۾ درسي طور شايع ٿيل ڪتاب باب نامي ۾ پيش ڪيل ٻاراڻي ادب جو ڇيڇڻ سان ٻاراڻي شاعريءَ جي ڇپائي معلوم ٿي. ننديرام ميرچنداڻي ان جو باني چئي سگهجي ٿو

الهرڪيو ٻٺ پنهنجي ڪتاب ''سنڌي رسالن جي تاريخ'' ۾ ورهاڱي ڪانپوءِ نڪتل رسالن جو تفصيل بيان ڪندي لکي ٿو ته ''دلبهار'' ماهوار حيدرآباد ٻارڙن جو ماهوار هي رسالو ''ٻارت جيون ساهتيه منڊل'' ٻاران سيپٽمبر 1947ع کان جاري ٿيو. ''سورهيه پرڪاش'' ساهتيڪ ماهوار حيدرآباد. هي هڪ ادبي ۽ مذهبي رسالو سي _ آر _ٿيواڻي جي ايڊيٽري ۽ سرپرستي هيٺ سيپٽمبر 1947ع کان شاهي بازار حيدرآباد مان نڪتو. هي رسالو اليڪٽرڪ پرنٽنگ پريس گدو روڊ حيدرآباد ۾ ڇپبو هو'' (ٻٺ، 1981ع ص72 ).

''تعمير'' ماهوار ڪراچي رسالو ''سنڌ مسلم اسٽوڊنٽس فيڊريشن'' جي سهاري هيٺ جناح ڪراچيءَ مان آڪٽوبر 1947ع کان نڪرڻ لڳو. هن رسالي ۾ عام خبرون خاص شاگردن جي ڀلائي لاءِ نڪتو هو. هي رسالو الوحيد پريس ڪراچيءَ ۾ ڇپبو هو.''

''الوحيد ساليانو نمبر'' ڪراچي رسالو سنڌ جي مشهور روزانه اخبار الوحيد جي سهاري هيٺ مارچ 1952ع کان نڪرڻ لڳو. هي رسالو ''الوحيد'' اخبار ٻاران قائم ڪيل ''ٻالڪن جي ٻاري'' جي عنوان هيٺ نڪتو. هن ٻاري قائم ڪرڻ جو مقصد سنڌ جي ٻارن ۾ ادبي، تعليمي ۽سماجي بيداري آڻڻ هو ان مقصد سان هي باتصوير رسالو ڪڍيو ويوهو. جنهن ۾ ٻارن جي دلچسپي جا مضمون، آکاڻيون، شعر ۽ ٻيو معلوماتي مواد ڇپيو ويندو هو.. ''گلستان'' ماهوار حيدرآباد رسالو '' گلستان'' جي سهاري هيٺ 1953ع کان دينو جو پڙ حيدرآباد مان نڪتو. ٻارن جو با تصوير رسالو هر مهيني عمديو آکاڻيون، شعر ۽معلوماتي مواد شايع ڪندو هو. هي رسالو تعليم کاتي ٻاران اسڪولي ٻارن لاءِ منظور ڪيل هو. هي رسالو جامعيه عربيه پريس صراف بازار حيدرآباد ۽ سنڌ پرنٽنگ پريس حيدرآباد ۾ ڇپبو هو.

شاگرد ماهوار ڪراچي رسالو اپريل 1955ع کان نڪرڻ لڳو. هن رسالي جو ايڊيٽر شيخ حفيظ هو. هي رسالو الوحيد پرنٽنگ پريس بيلاس اسٽريٽ ڪراچيءَ ۾ ڇپبو هو. ''گلد سته'' ماهوار خيرپور ميرس رسالو آڪٽوبر 1955ع کان خيرپور کان نڪرڻ شروع ٿيو. هن جو ايڊيٽر غلام حسين ميمڻ هوندو هو. هي رسالو ''ڪوهنور پرنٽنگ ورڪس''، اسٽيشن روڊ شڪارپور ۾ ڇپبو هو. خالد آزاد پنهنجي ڪتاب سنڌي ٻاراڻي ادب جي تاريخ ۾ ورهاڱي کان پوءِ سنڌ ۾ شايع ٿيل رسالن ۽ ڪتابي سلسلن بابت لکي ٿو ته: '' 1947ع ۾ ننڍي کنڊ جي ورهاڱي کان پوءِ

مجموعي طور سنڌي ٻولي ۽ ادب کي نقصان پهچڻ سان گڏ سنڌيءَ ۾ تخليق ٿيندڙ ٻاراڻي ادب کي پڻ نقصان پهتو.ٻين لفظن ۾ ٻارن جي علمي ۽ ادبي اوسر کي جڻ ته هڪ وڏو ڌڪ لڳي ويو“ (آزاد، 2016ع ص 31).

الهرکيو ڀٽ پنهنجي ڪتاب سنڌي رسالن جي تاريخ ۾ لکي ٿو ته: ”گل ڦل ماهوار حيدرآباد ٻارن لاءِ هي باتصوير رسالو سنڌي ادبي بورڊ پاران جنوري 1959ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. غلام رباني آگرو هن رسالي جو ايڊيٽر هو. هن رسالي ۾ ٻارن جي دلچسپي جو علمي نئين سٽ ، ادبي، اخلاقي ۽ معلوماتي ماود شايع ٿيندو هو. هي رسالو سنڌي ادبي بورڊ جي پريس ۾ ڇپبو هو. ”پيغام زندگي“ ماهوار ڪراچي رسالو ڊسمبر 1959ع کان مٺودر ڪراچي کان نڪرڻ شروع ٿيو. سنڌي ادبي بورڊ جتي سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختلف پهلوئن ۽ صنفن جي ترقيءَ ڏانهن توجه ڏنو، اتي ٻاراڻي ادب جي اشاعت طرف به ڌياريندي سن 1959ع کان ”گل ڦل“ جي نالي سان ٻاراڻي ادب جي اشاعت ۾ حوصلي افزائي ڪئي. هن رسالي جو ايڊيٽر حڪيم حافظ محمد يعقوب قادري ايڊيٽر هو. هي رسالو نذيرپرنٽنگ پريس ڪراچي ۾ڇپبو هو“ (ڀٽ، 1981ع ص 87- 88).

.

”سن 1959ع ۾اسان جي پيارن پڙهندڙن کي ياد هوندو ته ‘گل ڦل’

جي اشاعت جي شروعات سنڌي ادبي بورڊ جي لائق

سيڪريٽري محترم محمد ابراهيم جويي ڪئي هئي جويو

صاحب فيبروري 1961ع تائين بورڊ جو سيڪريٽري رهيو ۽

انهيءَ حيثيت ۾ ‘گل ڦل’ جو ناشر هو ”گل ڦل“ ۾

سندس شخصي دلچسپي ۽ اداري ‘گل ڦل’ سان سندس قرب

پرئي تعاون سببان سندس ايامڪاريءَ ۾ رسالو باقاعدي

نڪرندو رهيو ۽ ڏينهون ڏينهن ترقي ڪندو رهيو. فيبروري

1961ع ۾ جويي صاحب جي بورڊ ڇڏڻ کان پوءِ ويندي اڄ

ڏينهن تائين ‘گل ڦل’ جي اشاعت ۾ بدقسمتيءَ سان ڪنهن نه

ڪنهن ڪارڻ ڪري هميشه رخنو پوندو رهيو آهي . جنهن لاءِ

اسان کي سخت افسوس آهي. هاڻي ‘گل ڦل’ جي پڙهندڙن

کي اهو معلوم ڪري بيحد خوشي ٿيندي ته جويي صاحب

تازو سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽريءَ جي عهدي جي چارج

اعزازي طور وري اچي ورتو آهي. ‘گل ڦل’ جو ٻوٽو محترم

محمد ابراهيم جويي پنهنجن هٿن سان لڳايو هو. دعا

آهي ته هاڻي سندس ‘گل ڦل’ جي چمن ۾ بهار جان ڏينهن

موٽي ايندا ۽ ان جي ٽارين تي وري گل ڦل نڪرندا.“

(آزاد، 2016ع ص 33 )

”سال 1971ع ۾ جڏهن ناميارو اديب سراج، روزاني ’هلال پاڪستان‘ جو ايڊيٽر ٿي آيو ته ان اخبار ۾ ٻارن جي هفتيوار صفحي سان گڏ 1971ع ۾ ’گلن جهڙا ٻارڙا‘ رسالي جو اجراءُ پڻ ڪيو. هيءُ رسالو 1978ع تائين باقائدي شايع ٿيندو رهيو، جنهن پڻ سنڌ جي ٻارڙن جي تمام گهڻي علمي ۽ ادبي آبياري ڪئي“ (آزاد، 2016ع ص 36 ). الهرڪيو ٻٽ پنهنجي ڪتاب سنڌي رسالن جي تاريخ ۾ لکي ٿو ته ”گلن جهڙا ٻارڙا “ماهوار ڪراچي روزانه هلال پاڪستان ڪراچيءَ پاران ٻارن لاءِ هي ”باتصوير“ ماهوار رسالو جون 1974ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. محمود يوسفاڻي هن رسالي جو ايڊيٽر هو. ٻارن لاءَ علمي، ادبي، معلوماتي ۽ تفريحي ادب ڏنو ويندو هو. هي رسالو اين. پي. ٽي پريس ۽ مشرق پريس ڪراچي ۾ ڇپبو هو. ”ننئون نياپو“ ماهوار حيدراباد رسالو ”سنڌ پيپلز اسٽوڊنس فيڊريشن“ پاران جولاءِ 1975ع کان نڪرڻ لڳو. رئيس غلام مصطفى جتوئي هن رسالي جوسرپرست، راڻو خان پٺو چيف ايڊيٽر ۽ فتح محمد پٺو ايڊيٽر هئا. هي رسالو پاپولر پرنٽرس ٿڌي سڙڪ حيدرآباد ۾ ڇپبو هو (ٻٽ، 1981ع ص96 - 100 ). ” 1978ع ۾ ساڻي ٻارڙا سنگت’ پاران ٻارن جو ماهواررسالو ’ساٿي‘شروع ڪيو ويو. پر ملڪ جي سُٽت ئي پوءِ مارشل لا لڳي وئي ۽ تنظيم ۽ رسالو بند ٿي ويا. هي رسالو پوءِ مختلف وقتن تي شايع ٿيندو رهيو“ ( آزاد، 2016 ع ص 36).

### 3.1.2 ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ۾ شايع ٿيل ڪتابي سلسلا:

هن باب ۾ ٻاراڻي شاعريءَ جومطالعو ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ۾ شايع ٿيل مختلف ڪتابي سلسلن جو اڀياس ڪيو ويو ۽ پڻ سنڌي ۾ شايع ٿيل ڪتابي سلسلن جي اشاعت جو جائزو پيش ڪيو ويو آهي. سن ” 1980ع کان وٺي 1990ع تائين سنڌ اندر ٻارن جي ڪتابي سلسلن جو دور آهي، جنهن دوران ڪافي ڪتابي سلسلا شايع ٿيا. جيتوڻيڪ ڪتابي سلسلا به هڪ لحاظ کان ٻارن جا رسالائي هئا.

الهرڪيو ٻٽ پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو ته: ”ٻالڪ“ ماهوار حيدرآباد رسالو روزانه سنڌ ٽائيمس حيدرآباد پاران هي رسالو سيپٽمبر 1980ع کان نڪتو آهي. محمد عثمان ڏيپلائي چيف ايڊيٽر، جان محمد پنهور ايگزيڪيوٽو ايڊيٽر، نياز پنهور ايڊيٽر آهي. سنڌ يونيورسٽي ۾ قائم ڪيل اشاعتي ادارو سنڌ پبلشرس هن رسالي جو ناشر آهي. ٻارن لاءِ هي ادبي ۽ معلوماتي رسالوآهي. هي رسالو اسلاميه پرنٽنگ پريس حيدرآباد ۾ ڇپبو آهي. هي رسالو جنوري 1981ع کان ماهوار ”ننئون نياپو“ ۾ ضم ڪيو ويو آهي (ٻٽ، 1981ع ص102 - 103 ). ” 1987ع ۾ نامياري صحافي ۽ اديب اسرار شام حيدرآباد مان ٻارن جو رسالو ’سنڌي ٻارڙا‘ شايع ڪرڻ شروع ڪيو، جيڪو پنهنجي رنگ ڍنگ ۾ هڪ ڪتابي سلسلو ئي هو، اڳتي هلي اسرار شام ان کي

هڪ سلسليوار ڪتابي سلسلو ڪري شايع ڪرڻ شروع ڪيو، جيڪو هر ٻئي مهيني حيدرآباد مان شايع ٿيڻ لڳو“ (آزاد، 201ع ص37)

”سال 1989ع ۾ الطاف ملڪاڻي ۽ سندس دوستن حيدرآباد مان ٻارن جو ماهوار رسالو ’لاٽ‘ پڻ شايع ڪرڻ شروع ڪيو، جيڪو 1990ع تائين شايع ٿيندو رهيو. هي رسالو 5 پرچا شايع ٿيڻ بعد بند ٿي ويو ۽ 1973ع ۾ ٻيهر جاري ٿيو“ (آزاد، 2016ع ص37 ). 1990ع کان وٺي سال 2000ع تائين واروڌهاڪو سنڌ اندر ٻارن جي ماهوار پندرنهن روزه،ٻه ماهي ۽ ٽه ماهي رسالن جو دور آهي.هنن ڏهن سالن دوران سنڌ جي مختلف شهرن مان ٻارن جا 40 کان مٿي پندرهن روزه، ماهوار، ٻه ماهي ۽ ٽه ماهي رسالا شايع ٿيا“ (آزاد، 2016ع ص38 ). ”هن دور جو ٻيو اهم رسالو ڪراچيءَ مان ’ٻالڪ رنگ‘ جي نالي سان 1991ع ۾ علي نواز ٻگهيي شايع ڪرڻ شروع ڪيو“ (آزاد، 2016ع ص 38 ). .سن 1990ع کان شڪارپور مان ”گلڙا“ جي نالي سان هڪ سلسليوار رسالو شايع ٿيو جو هر مهيني نمبر جي صورت ۾ شايع ٿيندو هو. اهو راسلو امام بخش ”عاصم“ جي نگراني ۾ شايع ٿيندو هو. ” 1992ع ۾ سياسي ۽ مذهبي پارٽي ’جماعت اسلامي ’ جي ٻارڙن جي تنظيم ’بزم ساٿيءَ‘ پاران ٻارن جو رسالو ’ساٿي‘ شايع ٿيو، جيڪو اڃا تائين ماهوار بنيادن تي شايع ٿيندو پيو رهي“ (آزاد، 2016ع ص 38 ).

1993ع ۾ سنڌ جي ٻن وڏين اخبارن ’روزاني عبرت‘ حيدرآباد پاران ٻارڙن جو علمي ادبي رسالو پندرنهن روزه ’ارچڪ مرچڪ‘ ۽ ’روزاني ڪاوش‘ حيدرآباد پاران ٻارڙن جو ماهوار علمي ادبي رسالو ’ٻارڙن جو سنڌ رنگ‘ پڻ شايع ڪيا“ (آزاد، 2016ع ص 39 ). ” 1993ع ۾ دادوءَ مان ماهوار ’چانداڻ‘، 1995ع ۾ پان سعيدآباد مان ماهوار’ڪنول‘ ۽ سلسليوار ’ٻارڙن جي ٻاري‘ ٺٽي مان ٽماهي ’آس‘، ساڳئي سال راڄو نظاماڻيءَ مان سلسليوار ’دوستي‘ پبليڪيشن پڻ شايع ٿيا“ (آزاد، 2016ع ص 39 ). ” 1996ع ۾ محبوب اي بلوچ شڪارپور مان ٻارن جو رسالو ’مهڪ‘ شايع ڪرڻ شروع ڪيو، جيڪو رسالو پڻ ان دور جو مقبول رسالو هو“ (آزاد، 2016ع ص 39 ). ”اپريل 1997ع ۾ شبير ساگر ٽنڊوڄام مان ٻارن جو رسالو ’گلڙا‘ شايع ڪرڻ شروع ڪيو.هي رسالو هن دور جو نهايت ئي مشهور ۽ مقبول رسالو ثابت ٿيو“ (آزاد، 2016ع ص 40 ). 1998ع ۾ ٻارن جا چار رسالا: عمرڪوٽ مان ماهوار ’پوپٽ‘، رتيديري مان ماهوار ’ٽانداڻو‘، ڍوري ناري مان ماهوار ’ماهتاب‘ ۽ ميرواه گورچاڻي مان ’گلڙن جي گفتار‘ شايع ٿيا (آزاد، 2016ع ص 40 ).

1999ع ۾ ٻارن جا 13 رسالا شايع ٿيا. هنن رسالن ۾ جيڪي مشهور رسالا هئا.تن ۾ روزاني ڪاوش حيدرآباد پاران ٻارن جو ماهوار رسالو ’ٻارن جي دنيا‘، ٽنڊي ڄام مان مير شاهنواز ٽالپر جو ٻارن جو رسالو’روشن دنيا‘، خانواه مان وهاب جروار جو ماهوار ’رانديڪو‘ ۽ ڪراچيءَ مان سرفراز عباسيءَ جو ماهوار ’روشن راهه‘ شامل آهن (آزاد، 2016ع ص 40 ) ”2000ع ۾ سنڌ جي مختلف شهرن مان ٻارن جا جيڪي ٻه رسالا شايع ٿيا تن مان مشهور ۽ مقبول رسالو ٻه ماهي ’سنگتي‘ شڪارپور هو“ (آزاد، 2016ع ص 41) . ”سال 2001ع کان وٺي 2010ع تائين سنڌ جي مختلف شهرن مان ٻارن جا 30 کان مٿي رسالا شايع ٿيا. سال 2001ع ۾ صرف ٻه رسالا: خيرپور مان سلسليوار ’سوچ‘ ۽ مٺيءَ مان سلسليوار ’ٻالڪ ديپ‘ شامل آهن“ (آزاد، 2016ع ص 42 ) سال 2002 ع ۾ سنڌ جي شهرن مان ٽي رسالا شايع ٿيا، جن مان ٽماهي ’گلدستو‘ سڀ کان وڌيڪ مشهور ۽ معروف رسالو ثابت ٿيو“ (آزاد، 2016ع ص 42 ). ”سال

2003ع ۾ ٻارن لاءِ ڪُل چار رسالا شايع ٿيا، جن ۾ ڄامشوري مان شايع ٿيندڙ ٻارن جو ماهوار رسالو 'رنگين دنيا' ۽ عمرڪوٽ مان ٻارن جو رسالو سلسليوار 'سرهاڻ' بيحد مقبول رسالا 'ثابت ٿيا. 'رنگين دنيا' جا ڪُل 11 پرچا، جڏهن ته 'سرهاڻ' رسالي جا ڪُل 24 پرچا شايع ٿي منظرعام آيا.هن سال جي ٻين رسالن ۾ 'ٻارن جي دعا' (حيدرآباد) ۽ سلسليوار 'علم' مرزاپور شامل آهن'' (آزاد، 2016ع ص 42 ). سال 2004ع ۾ ماهوار 'انڊلٺ' (ڄامشورو) ۽ ماهوار 'گلزارِ سنڌ' (حيدرآباد) بيحد مقبول رسالا ثابت ٿيا (آزاد، 2016ع ص 43 ). ''سال 2005ع ۾ ٻارن جو صرف هڪ رسالو، ٽنڊو محمد خان مان 'ٻالڪ منڊل' نالي سان شايع ٿيو، جيڪو ٻن شمارن کان پوءِ بند ٿي ويو. هن سال ۾ ٻارن جا 2 رسالا: ۾ماهوار 'ادا سائين' (حيدرآباد) ۽ ماهوار 'چانڊوڪي' (ٺٽو) ٻارن ۾ بيحد مقبول ٿيا. ماهوار 'ادا سائين ' نٽ ڪٽ گروپ آف پبليڪيشن حيدرآباد ما شايع ٿيندو هو'' (آزاد، 2016ع ص 43 ).

سال 2007ع ۾ صرف ٻه رسالا: سلسليوار 'رابيل' (جيڪب آباد) ۽ ماهوار 'سائينٽيفڪ' ميگزين (شهدادڪوٽ) شايع ٿيا. سال 2008ع ۾ ٻارن جا چار رسالا شايع ٿيا. 2008ع جي مقبول ۽ معروف رسالن مان ماهوار 'سجاڳي' (حيدرآباد) ۽ ۾ماهوار 'روشن تارا' (جاتي) شامل آهن. هن سال جو ٻيو مقبول رسالو ماهوار 'سجاڳي' هو جيڪو سجاڳ ٻار تحريڪ پاران نومبر 2008ع کان حيدرآباد مان شايع ٿيڻ شروع ٿيو'' (آزاد، 2016ع ص 44). ''سال 2009.10ع ۾ ٻارن جا صرف ٻه رسالا: سلسليوار 'ڦلواڙي' (حيدرآباد) ۽ ماهوار 'ست رنگ' (ٽنڊوڄام) شايع ٿيا'' (آزاد، 2016ع ص 44 ). ''سال 2015ع ۾ سنڌي ادبي سنگت، سنڌ جي ڪاروباري ڪميٽي فيصلو ڪيو ته سنگت مرڪز پاران ٻارن جو علمي ادبي رسالو شايع ڪجي. اهڙي ريت سنڌي ادبي سنگت، سنڌ جي ادبي ۽ اشاعتي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو ٻارن جوعلمي، ادبي ۽ سائنسي رسالو ٽماهي 'ٻارن جي سنگت' شايع ڪرڻ شروع ڪيو ويو'' (آزاد، 2016ع ص 45 ). سال 2016ع ۾ انور سومري حيدرآباد مان ٻارن جو رسالو 'منڙا ٻار' شايع ڪرڻ شروع ڪيو (آزاد، 2016 ص 45)

## 3.2سنڌي ۾ شايع ٿيل ٻارن لاءِ شاعري جي اشاعت

سنڌي ۾ شايع ٿيل ٻارن لاءِ شاعري جي اشاعت جو اڀياس ڪيو ويو. ٻاراڻي شاعري جو مطالعو رسالن، ڪتابن ۽ اخبارن جي ذريعي ڪيو ويو آهي ۽ انهن جواڀياس تفصيل وار پيش ڪيو ويو آهي.

### 3.2.1 رسالن ۾ شايع ٿيل ٻاراڻي شاعري:

سنڌي ۾ مختلف رسالن ۾ شايع ٿيل ٻاراڻي شاعريءَ جو اڀياس ڪيو ويو آهي. رسالن ۾ ڇپيل ٻاراڻي شاعري جهڙوڪ؛ ماهوار، ٻه ماهي ۽ ٽه ماهي رسالن جو مطلعو ڪيو ويو ۽ تفصيل سان پيش ڪيو ويو آهي.

ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو پنهنجي ڪتاب شڪارپور شهر جو سنڌي ادب ۾ حصو ۾ لکي ٿو ته: ” ورهاڱي کان پوءِ هندن جي لڏپلاڻ سبب جتي وڏن جو ادب متاثر ٿيو، اتي ٻاراڻو ادب به بيحد متاثر ٿيو ۽ طويل عرصو شڪارپور ۾ ٻاراڻي ادب جي اشاعت جوسلسلو منقطع رهيو (هڪڙو، 2009ع ص 598).

### ماهوار رسالن جو تفصيل:

خالد آزاد پنهنجي ڪتاب سنڌي ٻاراڻي ادب جي تاريخ ۾ ٻاراڻي شاعريءَ جي ارتقا جي شروعات ڪتاب، رسالن ۽ اخبارن جي ذريعي تفصيل ۾ لکي ٿو ته: ” ’اميد‘ (ڪراچي)، ماهوار ’گلستان‘ (حيدرآباد 1951) (آزاد، 2016 ص فهرست). ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو پنهنجي ڪتاب شڪارپور شهر جو سنڌي ادب ۾ حصو لکي ٿو ته: ” آگسٽ 1966ع ۾ ماهنامه ’گلستان سيريز‘ جي نالي سان جميل صديقي جي سرپرستي ۾ ڪجھ پرچا شايع ٿيا.“ (هڪڙو، 2009ع ص 599). خالد آزاد لکي ٿو ته: ”ماهوار ’گل ڦل‘ (چامشورو)، ’اطفال‘(ميرپور خاص)، ماهوار’ گلن جهڙا ٻارڙا‘ (ڪراچي)، سلسليوار ’سرهاڻ‘ (سيوهڻ)، ماهوار ’گونج‘ (حيدرآباد)، ماهوار ’ساٿي‘ (گهوٽڪ ي )، ماهوار ’ٻالڪ‘ (حيدرآباد)، سلسليوار ’سنڌي ٻارڙا‘ (حيدرآباد)، ماهوار ’لاٽ‘ (حيدرآباد)، ماهوار ’گلستان‘ (حيدرآباد1991 )، ماهوار’ ٻالڪ رنگ‘ (ڪراچي) ماهوار ’ناياب‘ (ٽنڊوجام)، ماهوار ’سا ٿي‘ (حيدرآناد) ماهوار ’گلستان‘ (حيدرآباد، 1991)، ماهوار ’ٻالڪ رنگ ‘ ڪراچي، ماهوار ’ناناب‘ (ٽنڊوجام)“ ماهوار ’ساٿي‘ (حيدرآباد)، ماهوار ’چانڊاڻ‘ (دادو)، پندرهن روزه ’ارچڪ مرچڪ‘ (حيدرآباد)، ماهوار ’ٻارڙن جو سنڌ رنگ‘(حيدرآباد)، سل سليوار ’ٻارڙن جي ٻاري‘ (ٻان سعيدآباد)، ماهوار ’ڪنول‘ (ٻان سعيدآباد)، سلسليوار ’دوستي‘ ٻبليڪيشن (راڃو نظاماڻي)، سلسليوار ’مهڪ‘ (شڪارپور)، سلسليوار ’روشن راهون‘ (پنگريو)، ماهوار ’گلڙا‘ (ٽنڊوجام)، ’حوصلو‘ ٻبليڪيشن (رڪ)، ماهوار ’ٽانڊاڻو‘ (رتوديرو)، ماهوار ’مهتاب‘ (ڊورونارو)، ماهوار ’پوپٽ‘ (عمرڪوٽ)، ’گلڙن جي گفتار‘ (ميرواه گورچاڻي)، ماهوار ’ٻاڪ‘ (ميرپوربٺورو)،ماهوار ’رانديڪو‘ (خانواهه)، ماهوار ’روشن دنيا‘ ( ٽنڊوجام)، ماهوار ’خرچي‘ (شڪارپور)، ماهوار ’سونهن‘ (شڪارپور)، ماهوار ’روشن راهه‘ (ڪراچي)، ماهوار ’سارنگ‘ (شاهپور چاڪر)،ماهوار ’ششر‘(حيدرآباد)، ماهوار ’ڪوڏو موڏو‘ شهدادڪوٽ)، ’مهراڻ جاتارا‘ (شڪارپور)، سلسليوار ’پتڪڙا‘

پبليڪيشن (ميرپورساڪرو)، ’هبڪار‘ (ٻڍڻ ـــ شڪارپور)، ماهوار ’گلن جهڙا ٻارڙا‘ حيدرآباد)، ماهوار ’گلستان‘ (حيدرآباد، 1991).

ماهوار ’ٻالڪ رنگ ‘ ڪراچي، ماهوار ’ناناب‘ (ٽنڊوڄام)، ماهوار ’ساٿي‘ (حيدرآباد)، ٻه ماهي ’گلڙا‘ (شڪارپور)، ماهوار ’چانڊاڻ‘ (دادو)، پندرهن روزه ’ارچڪ مرچڪ‘ (حيدرآباد)، ماهوار ’ٻارڙن جو سنڌ رنگ‘(حيدرآباد)، سلسليوار ’ٻارڙن جي ٻاري‘ (پان سعيدآباد)، ماهوار ’ڪنول‘ (پان سعيدآباد)، ٽماهي ’آس‘ (ٺٽو) (آزاد، 2016ع ص فهرست ) سلسليوار ’دوستي‘ پبليڪيشن (راڄو نظاماڻي)، سلسليوار ’مهڪ‘ (شڪارپور)، سلسليوار ’روشن راهون‘ (پنگريو)، ماهوار ’گلڙا‘ (ٽنڊوڄام)، ’حوصلو‘ پبليڪيشن (رڪ)، ماهوار ’ٽانڊاڻو‘ (رتوديرو)، ماهوار ’مهتاب‘ (ڀورونارو)، ماهوار ’پوپٽ‘ (عمرڪوٽ)، ’گلڙن جي گفتار‘ (ميرواهه گورچاڻي)، ماهوار ’ٻاڪ‘ (ميرپوربٺورو)،ماهوار ’رانديڪو‘ (خانواهڻ)، ماهوار ’روشن دنيا‘ ( ٽنڊوڄام)، ماهوار ’خرچي‘ (شڪارپور)، ماهوار ’سونهن‘ (شڪارپور)، ماهوار ’روشن راهه‘ (ڪراچي)، ماهوار ’سارنگ‘ (شاهپور چاڪر)،ماهوار ’ششر‘(حيدرآباد)، ماهوار ’ڪوڏو موڏو‘ شهدادڪوٽ)، ’مهراڻ جاتارا‘ (شڪارپور)، سلسليوار ’پتڪڙا‘ پبليڪيشن (ميرپورساڪرو) (آزاد، 2016ع ص فهرست ). (آزاد، 2016ع ص فهرست’هبڪار‘ (ٻڍڻ ـــ شڪارپور)، ماهوار ’گلن جهڙا ٻارڙا‘ حيدرآباد)، ٻه ماهي ’سنگتي‘ (شڪارپور)، ماهوار ’روشن تارا‘ (ٽنڊوڄام)، ماهوار ’پوپٽ‘ (ڳڙهي ياسين)، سلسليوار ’سُندرٻاڙا‘ (ٽنڊوڄام).

ماهوار ’ٻارن جي دنيا‘ (حيدرآباد)، سلسليوار ’سوچ‘ (خيرپور)، سلسليوار ’ٻالڪ ديپ‘ (مٺي)، ٽماهي ’گلدستو‘ (رتوديرو)، ماهوار ’منزل‘ (ميرو خان)، سلسليوار ’سنڌڙي‘ (ڏهرڪي)، ’ٻارن جي دعا‘ (حيدرآباد)، سلسليوار ’علم‘ (مرزاپور)، ماهوار ’رنگين دنيا‘ (چامشورو)، سلسليوار ’سرهاڻ‘ (عمرڪوٽ)، ماهوار ’اجرڪ‘ (شهدادڪوٽ)، ماهوار ’انڊلٺ‘ (چامشورو)،سلسليوار ’سنڌي ٻار‘ (چتو چنڊ، ٺٽو)، (چتو چنڊ، ٺٽو)، سلسليوار ’اسڪولي ٻار‘ (چتو چنڊ، ٺٽو)، سلسليوار ’روشن سنڌ‘ (چتو چنڊ، ٺٽو)، سلسليوار ’گلزار سنڌ‘ (حيدرآباد)، سلسليوار ’معصوم مرڪ‘ (سڄاول)، سلسليوار ’شاگرد‘ پبليڪيشن (وارهه)، سلسليوار ’ٻالڪ دنيا‘ (ٺل)، سلسليوار ’ٻالڪ منڊل‘ (ٽنڊو محمد خان)، سلسليوار ’دوست‘ پبليڪيشن (سکر)، ماهوار ’اداسائين‘ (حيدرآباد)، ماهوار ’چانڊوڪي‘ (ٺٽو)، ماهوار ’ٻالڪ اسيمبلي‘ (ڪراچي)، سلسليوار ’نئين لاٽ‘ (ڏهرڪي)، سلسليوار ’رابيل‘ (جيڪب آباد)، ’سائنٽيفڪ ميگزين‘ (شهدادڪوٽ)، ’روشن تارا‘ (جاتي)، ماهوار ’سڄاڳي‘ (حيدرآباد)، سلسليوار ’سونهن‘ (جيڪب آباد)، سلسليوار ’ڦلواڙي‘ (حيدرآباد)، ماهوار ’ست رنگ‘ (ٽنڊوڄام)، سلسليوار ’چنڊ چوڏهين‘ (سانگهڙ)، سلسليوار ’ٻاراڻو ادب‘ (ڪونڌڙي)، سلسليوار ’ٻارڙن جو آواز‘ (خيرپور ميرس)، سلسليوار ’گل تارا‘ (سيهوڻ)، سلسليوار ’دي وي جي دنيا‘ (نيو سعيدآباد)، سلسليوار ’مهراڻ جون مرڪون‘ (ڪپرو)، ماهوار ’اتساهه‘ (ڪراچي)، سلسليوار ’سڄاڳ‘ (شڪارپور)، سلسليوار ’منڙا ٻار‘ (حيدرآباد)، ’گلن جهڙا ٻارڙا‘ پبليڪيشن (نصرپور)، ’گل‘ پبليڪيشن (سانگهڙ)، ’تحفو‘ (لاڙڪاڻو)، ’پرهه ڦٽي‘ (ٽنڊو الهيار)، ’سنڌي ٻالڪ‘ (ميرپور ساڪرو) (آزاد، 2016ع ص فهرست ).

**ٻه ماهي رسالن جو تفصيل:**

ٻه ماهي ’مرڪ‘ (ڪراچي) ماهوار ’گلستان‘ (حيدرآباد1991 )، )، ٻه ماهي’ مرڪ‘ (ڪراچي) ، ٻه ماهي ’گلڙا‘ (شڪارپور)، ٻه ماهي ’سنگتي‘ (شڪارپور) (آزاد، 2016ع ص فهرست)

**ٽه ماهي رسالن جو تفصيل:**

**۽** ٽماهي’آس‘ (ٺٽو)، )، ٽماهي ’گلدستو‘ (رتوديرو)، )، ٽماهي ’موتي هن مهراڻ جا‘ (عمرڪوٽ)، )، ٽه ماهي ’ٻنڪڙيون‘ (عمرڪوٽ)، ٽماهي ’ٻارن جي سنگت‘ (حيدرآباد). (آازد، 2016ع ص فهرست) الهرکيو ٻٽ پنهنجي ڪتاب سنڌي رسالن جي تاريخ ۾ ڪتابي سلسلن بابت لکي ٿو ته: ”فردوس ڪتابي سلسلو هالا 1954ع کان شروع ٿيو. هن ڪتابي سلسلي جو ايڊيٽر سليم هالائي هو. سهڻي ڪتابي سلسلو حيدرآباد 1970ع کان ماهوار رسالي جي صورت اختيار ڪيائون.، سنڌو پبليڪيشن حيدرآباد مرتب جمالي پريس گاڏي کاتو حيدرآباد. انسانيت پبليڪيشن حيدرآباد 1970ع، مرتب پايونير پريس ۽ پاسبان پريس حيدرآباد مان ڇپيو هو. جدوجهد سلسلو بدين 1972ع، انڊس پرنٽرس حيدرآباد مان ڇپيل. سنڌي پبليڪيشن سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو 1973ع، پرفيڪٽ پرنٽرس حيدرآباد مان ڇپيل. مکڙي پبليڪيشن بدين ٻارن لاءِ علمي ۽ معلوماتي سلسلو بدين پريس مان ڇپيل. شاگرد پبليڪيشن حيدرآباد 1975ع شاهد پرنٽرس حيدرآباد ۽ مرتضى پريس حيدرآباد مان ڇپيل. ڪارونجهر پبليڪيشن ايل_ ايم_ سي ڄامشورو، شاگردن ٻاران ڪڍيل ترقي پسند ادبي سلسلو، اسلاميه پريس حيدرآباد ۽ عارف پريس حيدرآباد مان ڇپيل. ڪارونجهر پبليڪيشن ايل _ ايم _ سي ڄامشورو: شاگردن ٻاران ڪڍيل ترقي پسند ادبي سلسلو. خادم لاکير مرتب. اسلاميه پريس حيدرآباد ۽ عارف پريس حيدرآباد مان ڇپيل. ڏرتتي پبليڪيشن 1977ع ايل_ ايم_ سي ڄامشورو: شاگردن ٻاران ڪڍيل ترقي پسند ادبي سلسلو. مولا بخش مرتب. انڊس پرنٽرس حيدرآباد مان ڇپيل. ٻارڙا پبليڪيشن عمر ڪوٽ 1978ع: ٻارن لاءِ علمي ۽ معلوماتي سلسلو. معمور يوسفاڻي نگران. نيو گرين پرنٽرس حيدرآباد مان ڇپيل. گلشن پبليڪيشن ڳوٺ داد لغاري ضلعو سکر: ٻارن لاءِ علمي ۽ معلوماتي سلسلو. الطاف سومرو ۽ عبدالرشيد انصاري مرتب. ڪمال پريس مان ڇپيل. سڄاڳ ٻار پبليڪيشن حيدرآباد: ٻارن لاءِ علمي ۽ معلوماتي سلسلو. اياز لطيف، اسماعيل ۽ نوب مرتب. سردار پريس گاڏي کاتو مان ڇپيل. گلستان پبليڪيسن حيدرآباد 1980ع: سنڌي ساعت گهر ٻاران ٻارن لاءِ علمي ۽ معلوماتي سلسلو 1980ع: م _ ع ترابي مرتب. سهڻي پرنٽرس مان ڇپيل. روشن تارا پبليڪيشن هالا ٻاراٽا 1980ع: ٻارن لاءِ ادبي ۽ معلوماتي سلسو. خالد حسين، سهيل احمد ۽ آفتاب احمد ڀٽي مرتب هئا. زينت پرنٽرس حيدرآباد مان ڇپيل. روپا پبليليشن حيدراباد 1980ع: سنڌي يوٿ اسٽوڊنٽس ويلفيئر آرگنائيزيشن ٻاران ترقي پسند ادبي سلسلو.منير احبد پرڳڙي ۽ محمد عباس مرتب. جمالي پريس مان ڇپيل. گلن جهڙا ٻارڙا سلسلو حيدرآباد 1980ع: ٻارن لاءِ با تصوير علمي ع معلوماتي سلسلو . محمود يوسفاڻي ۽ خدابخش ابڙو مرتب. سنڌ پرنٽرس ۽ پبلشنگ هائوس گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپيل“ (ٻٽ، 1981ع ص 112 – 129).

### 3.2.2 ڪتابن ۾ شايع ٿيل ٻاراڻي شاعري:

سنڌي ۾ مختلف ڪتابن ۾ شايع ٿيل ٻاراڻي شاعريءَ جو اڀياس ڪيو ويو آهي. ڪتابن ۾ ڇپيل ٻاراڻي شاعري جو مطلعو ڪيو ويو ۽ تفصيل سان پيش ڪيو ويو آهي

خالد آزاد لکي ٿو ته: ”ڪتابي سلسلا مختلف موضوعن، عنوانن ۽ نالن سان جاري ٿيندا رهندا هئا، جن پڻ سنڌ ۾ ٻارن اندر وڏو علمي ادبي چاهه پيدا ڪيو ۽ ٻارن کي معاشري ۾ سرگرم ۽ مثبت ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ اُتساهيو. ٻارن جي ڪتابي سلسلي جي شروعات 1957ع ۾ ٽنڊو محمد خان مان اياز پاٽوليءَ جي ڪتابي سلسلي ’ادره گلشن ادب‘ جي اشاعت سان ٿي. اياز پاٽولي، ’اداره گلشن ادب‘ جي نالي هيٺ، ڌارڌار عنوانن سان پرچا شايع ڪندو هو، جيڪي هڪ قسم جا رسالائي هئا. اياز پاٽوليءَ جي هن ڪتابي سلسلي ورهاڱي کان پوءِ متاثرٿيل ٻاراڻي ادب کي ڪي سهارو ڏنو ۽ سنڌ ۾ ٻارن جي ادب جي سلسلي ۾ ماحول پيدا ڪيو. بعد ۾ 1960ع ڌاري محمد مستوئي ۽ اسلم آزاد حيدرآباد مان هڪ ڪتابي سلسلو ’شاگرد پبليڪيشن جي نالي سان شروع ڪيو“ (آزاد 2016ع ص 123).

”1966ع ڌاري غلام رسول ميمڻ ۽ بيدل مسرور بدوي سائين سان گڏ شڪارپور مان ’گلشن سيريز‘ نالي ٻارن جو ڪتابي سلسلو شروع ڪيو، جنهن جا پنج سلسلا شايع ٿيا. ساڳئي سال ۾ شڪارپور مان ’گلستان سيريز‘ ۽ ’ٻالڪ سيريز‘ نالي ٻارن جا ڪتابي سلسلا شايع ٿيا. ان دوران 1966-67ع ڌاري غلام مرتضى پٺي ’شمي سيريز‘ جي نالي سان حيدرآباد مان ٻارن جو ڪتابي سلسلو شروع ڪيو،انهن جو مرتب محمود يوسفاڻي ۽ اشرف واسفاڻي هئا. ’شمع سيريز‘ ان دور جو بيحد مقبول ڪتابي سلسلو هو، جن ٻارن ۾ وڏو علمي ادبي چاهه پيدا ڪيو“(آزاد 2016ع ص 124).

” 1973ع کان 1980ع تائين سنڌ جي مختلف شهرن مان چوڏهن مختلف ڪتابي سلسلا شايع ٿيا، جن مان سڀ کان مقبول ڪتابي سلسلو ’چٽنگ پبليڪيشن‘ هو، جيڪو ناز سنائي 1973ع ۾ جاري ڪيو. ’چٽنگ پبليڪيشن‘ سنڌ جي ٻارن ۾ علمي ۽ ادبي شعور پيدا ڪرڻ سان گڏ سندن سياسي آبياري پڻ ڪئي. هن ڏهاڪي جو ٻيو مشهور ڪتابي سلسلو ’سنڌي محفل ادب‘ (حيدرآباد) هو جيڪو 1975ع ۾ ناصر جمل پٺاڻ حيرآباد مان شروع ڪيو. 1977ع ڌاري

خيرپور ميرس مان قربان منگي ’پوپٽ پبليڪيشن‘ نالي ٻارن جو ڪتابي سلسلو شروع ڪيو. هي پڻ ڪتابي سلسلو ان دور جي مقبول ڪتابي سلسلن مان هڪ هو. 1977ع ۾ نظام عباسي لاڙڪاڻي مان ’رابيل پبليڪيشن‘ جي نالي سان ڪتابي سلسلو شرع ڪيو.78-1977ع ڌاري سيد زوار نقوي حيدرآباد مان ’ٻارن جي محفل‘ نالي هڪ ڪتابي سلسلو شروع ڪيو. آگسٽ 1978ع ۾ معمور يوسفاڻي عمرڪوٽ مان ’ٻارڙاپبليڪيشن‘ جي نالي سان هڪ ڪتابي سلسلو شروع ڪيو. 1980ع ۾ هالا مان عرفان مهدي ’وک وڌايو پبليڪيشن‘ نالي سان ٻارن جو هڪ علمي ادبي سلسلو شروع ڪيو، جيڪو ٻارن ۾ بيحد مقبول ثابت ٿيو. هڪ اهم ڪتابي سلسلو ’لالي پبليڪيشن‘ 1980ع ۾ حيدرآباد مان آغا قيوم شروع ڪيو. هن دور جي ٻين ڪتابي سلسلن ۾ ’روشن تارا پبليڪيشن‘ (حيدآباد)، ’وطن دوست ٻار پبليڪيشن‘ (ڏوڪري)، ’گلشن پبليڪيشن‘ (داد لغاري)، ’ٻارن جي محفل پبليڪيشن‘ (ٽنڊوباگو) ، روشن تارا پبليڪيشن‘ (مٽياري)، ’روشن تارا پبليڪيشن‘ (هالا پراڻا) شامل آهن.(آزاد، 2016ع ص 124-126).

” 1981ع کان 1990ع تائين سنڌ جي مختلف شهرن مان ويھ کان مٿي ٻارن جا ڪتابي سلسلا جاري ٿيا. تن ۾ ’مهراڻ پبليڪيشن‘ (حيدرآباد) 1988ع ۾ الطاف ملڪاڻي حيدرآباد مان شروع ڪئي. ’صداءِ وطن پبليڪيشن‘ 1988ع ۾ هالا مان عبدالڪريم ميمڻ شروع ڪئي. ’سنياسي پبليڪيشن‘ (هالا)، ’ڪتاب پبليڪيشن‘ (حيدرآباد)، ’گل ڦل ادبي سنگت پبليڪيشن‘ (هالا)، ’نصرت پبليڪيشن‘ (ڪنڊڪوٽ)، ’موتي داڻا پبليڪيشن‘ (ڪپرو)، ’چنڊتارا پبليڪيشن‘ (ميرپور ماٿيلو)، ’پريات پبليڪيشن‘ (حيدرآباد)، ’لطيف پبليڪيشن‘ (حيدرآباد)، ’چانڊوڪي پبليڪيشن‘ (نوشهروفيروز)، ’روشن تارا پبليڪيشن‘ (هالا)، ’سگھڙ پبليڪيشن‘ (هالا)، ’سنڌي ٻالڪ پبليڪيشن‘ (ميهڙ)، ’مکڙي ڪتابي سلسلو‘ (بدين)، ’لاٽ پبليڪيشن‘ (لاڙڪاڻو)، ’ڪونج پبليڪيشن‘ (حيدرآباد) ۽ ’جوت پبليڪيشن‘ (خيرپور ميرس) شامل آهن“ (آزاد، 2016ع ص 126)

## اداره گلشن ادب: ڪتابي سلسلو (ٽنڊو محمد خان):

”اداره گلشن ادب جي نالي سان ٻارن لاءِ هي علمي، ادبي ۽ اشاعتي ادارو، ٽنڊي محمد خان ۾ اياز پاٽولي، جنوري 1957ع ۾ قائم ڪيو. اداري جو بانيڪار اياز پاٽولي هو “ (آزاد، 2016ع ص 127.)

## اسٽوڊنٽس پبليڪيشن (حيدرآباد):

”هن نالي سان ٻارن ۽ خاص طور تي شاگردن لاءِ هڪ ڪتابي سلسلو حيدرآباد مان اسلم آزاد ۽ گل محمد مستوئيءَ ٻاران 1960ع واري ڏهاڪي ۾ شروع ڪيو ويو. هي ڪتابي سلسلو جمالي پرنٽنگ پريس حيدرآباد مان ڇپايو ويندو هو“(آزاد، 2016ع ص 128).

ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو لکي ٿو ته: ” سال 1966ع ۾ باشعور، نوجوان غلام رسول ميمڻ ۽ بيدل مسرور جن جي ساٿين جو ٽولو سرگرم ٿيو، جن وري ان کي اڳتي وڌائڻ جو سوچي ان جي آبياري ڪئي ۽ ’گلشن سيريز‘ نالي هڪ ٻاراڻي ڪتابچي جوسلسلو جاري ڪيو. ’ گلشن سيريز‘ جي جيتوڻيڪ پنج سلسلا سامهون آيا، پر ان ٿوري عرصي ۾ٿوري اشاعت ۾ هتان جي ٻاراڻي ادب جي بيڻل تلاءَ ۾ اڇلايل پٿرن جي حيثيت رکندڙ هئا. اهي سلسلا ’سنڌي ادب محل

پبليڪيشن شڪارپور‘ پاران منظر عام تي آيا. مٿي ڄاڻايل نوجوان جي ساٿ ۾ عبدالغني چنه ۽ نديم قاضي به شامل هئا. گلشن سيريز جي ٻي شماري ۾ ’گلشن جا پاسبان‘ جي عنوان هيٺ ڪجھ تعارف ۽ فو ٽو شايع ڪيا ويا هئا، جن مان خبر پوي ٿي ته ننڍن جي سرپرستي ڪندڙ وڏا به موجود هئا. لطف الله بدوي: سرپرست ادب محل ۽ بيدل مسرور بدوي: سيڪريٽري جنرل. هئا. ’ٻالڪ‘ نالي سلسليوار ڪتابچه ڇپائڻ جو سلسلو به مظهر شڪارپوري پاران پڌرو ڪيو. ان دور ۾ جيڪي ٻالڪ لکي رهيا هئا، انهن ۾ حيدربخش هَڪڙو، آصف علي، مشتاق احمد ۽ بشير احمد هَڪڙو کان علاوه ضياءُ الدين گوهر، نظير احمد هَڪڙو، محمد اڪبر هَڪڙو، مرچو مل همدرد ۽ جمال الدين علوي اڇي وجن ٿا (هڪڙو، 2009ع ص 598-599.).

## گلشن سيريز (شڪارپور):

”سال 1966ع ۾ غلام رسول ميمڻ ۽ بيدل مسرور ساٿين سان گڏ شڪارپور مان ’گلشن سيريز‘ جي نالي هڪ ٻاراڻي ڪتابي سلسلي جو بنياد وڌو. ’گلشن سيريز جا پنج ڪتاب شايع ٿيا، جيڪي ’سنڌي ادب محل پبليڪيشن شڪارپور‘ پاران منظر عام تي آيا. هن ٽيم ۾ عبدالغني چنو ۽ نديم قاضي به شامل هئا. گلشن سيريز جي ٻئي شماري ۾ ’گلشن جا پاسبان‘ جي عنوان هيٺ ڪجھ تعارف ۽ فوٽو شايع ڪيا ويا هئا، جن ۾ اها خبر پوي ٿي ته ننڍن جي سرپرستي ڪندڙ وڏا به موجود هئا“ (آزاد، 2016ع ص 128)

## گلستان سيريز شڪارپور (شڪارپور):

”آگسٽ 1966ع ۾ ’گلستان سيريز‘ جي نالي سان جميل صديقيءَ جي سرپرستيءَ ۾ ’گلستان سيريز‘ جي نالي سان هڪ ڪتابي سلسلو شروع ڪيو ويو“(آزاد، 2016ع ص 128).

## ٻالڪ سيريز (شڪارپور):

”هن نالي سلسليوار ڪتابي سلسلو شڪارپور مان مظهر شڪارپوري پاران 1966ع ڌاري شروع ڪيو ويو. ان دور ۾ جيڪي ٻار لکي رهيا هئا، انهن ۾ حيدربخش هڪڙو، آصف علي، مشتاق احمد ۽ بشير احمد هڪڙو کان علاوه ضياءُ الدين گوهر، نظير احمد هڪڙو، محمد اڪبر هڪڙو، مرچومل همدرد ۽ جمال الدين علوي شامل هئا“(آزاد، 2016ع ص 129).

## شمع سيريز (حيدرآباد ):

”هن نالي سان ٻارن جي لاءِ هڪ ڪتابي سلسلو 67-1966ع ڌاري غلام مرتضى پٽي، دينو جو پڙ حيدرآباد مان جاري ڪيو. هن ڪتابي سلسلي جو روح روان غلام مرتضى هو“(آزاد، 2016ع ص 129) .

## روشن تارا پبليڪيشن حيدرآباد:

1973ع ۾ حيدرآباد مان ’روشن تارا‘ نالي هڪ ڪتابي سلسلو پڻ جاري ٿيو. هن ڪتابي سلسلي جا روح روان ناز پٽو ۽ سندس ساٿي هئا (آزاد، 2016ع ص 129).

چٽنگ پبليڪيشن (سن): ”هيءُ ڪتابي سلسلو سن مان 1973ع ذاري ناز سنائي جاري ڪيو ، سرور سهتو ُن ڪتابي سلسلي جو مددگار هو. هن ڪتابي سلسلي سنڌ جي ٻارن ۾ علمي ۽ ادبي شعور پيدا ڪرڻ سان گڏوگڏ سياسي آبياري پڻ ڪئي. جيئن ته هي ڪتابي سلسلو ’چٽنگ سنگت‘ جي سهاري هيٺ جاري ٿيو هو“ (آزاد، 2016ع ص 129).

### سنڌي محفل ادب (حيدرآباد):

” 1975ع ۾ ’سنڌي محفل ادب‘ جي نالي سان هڪ ڪتابي سلسلو ناصر جمال پٺاڻ، گورنمينٽ سوسائٽي هاءِ اسڪول حيدرآباد (هاٿوڪي هاءِ اسڪول نمبر ون) مان جاري ڪيو. جنهن جو سرپرست غلام مصطفى دادوي هو“ (آزاد، 2016ع ص 130).

### پوپٽ پبليڪيشن (خيرپور ميرس):

”خيرپور ميرس مان قربان منگي 1977ع ذاري ’پوپٽ پبليڪيشن‘ جي نالي سان ٻارن جو هڪ ڪتابي سلسلو شروع ڪيو. 19 فيبروري 1982ع تي پوپت رسالي ٻاران خيرپور ميرس ۾ ڪُل سنڌ ٻالڪ ميلو منقعد ڪيو ويو. ان ٻالڪ ميلي ۾ ٻارن جي علمي ادبي تنظيم ’سنڌ ٻالڪ سنگت‘ جو بنياد وڌو ويو“ (آزاد، 2016ع ص 131)

### ٻارن جي محفل (حيدرآباد):

”ٻارن لاءِ هي علمي ڪتابي سلسلو 1977-1978ع ذاري سيد زوار نقوي حيدرآباد مان جاري ڪيو. انهيءَ سال هن ڪتابي سلسلي سان گڏ ’ٻارن جي محفل‘ نالي هڪ تنظيم پڻ قائم ڪئي وئي، جنهنجو آرگنائيزر ۽ باني پڻ زوار نقوي هو“ (آزاد، 2016ع ص 131-132).

### ٻارڙا پبليڪيشن (عمرڪوٽ):

” ٻارڙا پبليڪيشننالي سان هڪ ڪتابي سلسلو 1978ع ذاري عمرڪوٽ مان جاري ٿيو. ٻارن لاءِ علمي ۽ معلوماتي سلسلي جو نگران معمور يوسفاڻي هو. هيءُ ڪتابي سلسلو نيو گرين پرنٽرس حيدرآباد مان شايع ٿيندو هو“ ( ڀٽ، 1981ع ص 125۽ آزاد، 2016ع ص132).

### رابيل پبليڪيشن (لاڙڪاڻو):

”لاڙڪاڻي مان نظام عباسيءَ 1978ع ۾ 1978ع ۾ ’رابيل پبليڪيشن‘ جي نالي سان ڪتابي سلسلو ڪيو“(آزاد، 2016ع ص 132).

### وطن دوست ٻار پبليڪيشن (ڏوڪري):

”ٻارن لاءِ هي ترقي پسند دبي، معلوماتي ڪتابي سلسلو ڏوڪري مان 1979ع ۾ جاري ٿيو. هن سلسلي جا مرتب امر سنڌي، مجيب پيرزادو ۽ جي ايم مغل هئا.“ (آزاد، 2016ع ص 132).

### گلشن پبليڪيشن (داد لغاري – سکر):

”ٻارن لاءِ هي علمي ۽ معلوماتي ڪتابي سلسو، داد لغاري، سکر مان 1979ع ۾ جاري ٿيو. عبدالرشيد سومرو ۽ الطاف سومرو هن سلسلي جا مرتب هئا“.(آزاد، 2016ع ص 132-133)

### ٻارن جي محفل پبليڪيشن (ٽنڊوباگو:

''ٻارن جو هي ڪتابي سلسلو 1979ع ۾ ٽنڊي باگي مان شهزادي شنڪر لعل شايع ڪرڻ شروع ڪيو، جيڪو 48 صفحن تي ٻڌل هو. هن سلسلي جو پهريون ڪتاب 'مارڪيس ۽ لاچار' جي عنوان سان شايع ڪيو ويو، جنهن ۾ قربان جمالي، رزاق انصاري، اشوڪ ڪمارآزاد، وزير منگي وغيره جون لکڻيون ڏنيون ويون هيون''(آزاد، 2016ع ص 133).

### گلن جهڙا ٻارڙا سلسلو حيدرآباد:

هي ڪتابي سلسلو ٻارن لاءِ باتصوير علمي ۽ معلوماتي سلسلو هو. محمود يوسفاڻي ۽ خدابخش ابڙو مرتب. هن ڪتاب جي ڇپائي سنڌ پرنٽنگ ۽ پبلشنگ هائوس گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڪئي ويندي هئي (ڀٽ، 1981ع ص 129).

### فخر ادب پبليڪيشن (نواب شاه):

''ٻارن جو هي ڪتابي سلسلو 1980ع ۾ نواب شاه مان قمر ميمڻ شروع ڪيو، جيڪو 24 صفحن تي ٻڌل هوندو هو. قمر ميمڻ سان گڏ ٽيم ۾ صلاح الدين خشڪ، غلام حيدر شيخ، مشتاق علي لاشاري وغيره شامل هئا'' (آزاد، 2016ع ص 133)

### روشن تارا پبليڪيشن (مٺياري):

''ٻارن جو هي ڪتابي سلسلو 1980ع ۾ مٺياريءَ مان اعجاز حسين هاشماڻي ميمڻ شروع ڪيو ، جيڪو 48 صفحن تي ٻڌل هوندو هو. هن سلسلي جو پهريون ڪتاب 'اميدن جو آشيانو' شايع ڪيو ويو'' ( ڀٽ، 1981ع ص 127 ۽ آزاد، 2016ع ص 134).

### سڄاڳ ٻار پبليڪيشن حيدرآباد:

''ٻارن لاءِ هي علمي ۽ معلوماتي سلسلو 1980ع ۾ شروع ڪيو ويو. هن ڪتاب کي اياز لطيف، اسماعيل ۽ نواب مرتب ڏيندڙ هئا ۽ ڇپائي سردار پريس گاڏي کاتو مان ڪئي ويندي هئي ( ڀٽ، 1981ع ص 127)

### گلستان پبليڪيشن حيدرآباد:

'' سنڌي ساهت گهر ٻاران ٻارن لاءِ هي علمي ۽ معلوماتي سلسلو 1980ع ۾ شروع ڪيو ويو. م -ع ترابي ، مرتب ڏيندڙ هئا. هن ڪتاب لي ڇپائي سهڻي پرنٽنگ پريس مان ڪئي ويندي هئي (ڀٽ، 981ع ص 127).

### وڪ وڏايو پبليڪيشن (هالا):

'' ٻارن لاءِ هي علمي ادبي ڪتابي سلسلو عرفان مهدي 1980ع ۾ هالا مان شروع ڪيو، جيڪو 48 صفحن تي ٻڌل هو. هن ڪتابي سلسلي جو مرتب عرفان مهدي هو، جڏهن ته صلاحڪارن ۾ غلام قادر ارباب ۽ پرويز احمد شيخ شامل هئا''(آزاد، 2016ع ص 134).

## لالي پبليڪيشن (حيدرآباد):

1980ع ۾ حيدرآباد مان آغا قيوم ٻارن لاءِ هڪ علمي ادبي ڪتابي سلسلو ’لالاي پبليڪيشن‘ جي نالي سان شروع ڪيو، جيڪو ان وقت ٻارڙن ۾ بيحد مقبول ٿيو. هن ڪتابي سلسلي جو سرواڻ آغا قيوم هو. 1981ع ۾ هن رسالي جي سهاري هيٺ ٻارن جي هڪ تنظيم ’لالي چلڊرينس ڪلب‘ پڻ قائم ٿئي“(آزاد، 2016ع ص 135).

## گل ڦل ادبي سنگت پبليڪيشن هالا):

”گل ڦل ادبي سنگت پبليڪيشن هڪ ڪتابي سلسلي جو نالو آهي. جيڪو 1881ع ڌاري هالا مان شروع ڪيو ويو. هن ڪتابي سلسلي جو مرتب امتياز ابڙو ۽ ٻانهه ٻيلي پير فضل حسين، وزير رونجهاڻي، مصري وغيره شامل هئا“(آزاد، 2016ع ص 136).

## چانڊوڪي پبليڪيشن (مٽياري):

”ٻارن جو هي ڪتابي سلسلو 1982ع ۾ احمد علي سمي مٽياريءَ مان شروع ڪيو. هن ڪتابي سلسلي ٻاران ’تنهنجي تات طلب‘ ۽ ٻين عنوانن سان ٻارن جا ڪتاب شايع ڪيا ويندا هئا“ (آزاد، 2016ع ص 137)

## مهراڻ پبليڪيشن (حيدرآباد):

” 1988ع ڌاري حيدرآباد ۾ ٻاراڻي ادب جي ترقي ۽ واڌ ويجهه لاءِ هڪ ڪتابي سلسلي ’مهراڻ پبليڪيشن حيدرآباد‘ جو بنياد وڌو ويو. هن اشاعتي اداري جو سرپرست نوجوان ليکڪ ۽شاعر الطاف ملڪاڻي هو“ (آزاد، 2016ع ص 138).

## چانڊوڪي پبليڪيشن (نوشهرو فيروز):

”چانڊوڪي پبليڪيشن جي نالي سان هڪ ڪتابي سلسلو منظور جوکيي، مئي 1990ع ۾، ڪنڊياري، ضلعي نوشهروفيرز مان جاري ڪيو. هن ڪتابي سلسلي هو سرپرست منظور جوکيو ۽ سهيڙيندڙ فوزيه جوکيو هئا“ (آزاد، 2016ع ص 139).

## مکڙي ڪتابي سلسلو (بدين):

”ٻارن لاءِ هيءَ علمي ادبي ۽ معلوماتي ڪتابي سلسلو بدين مان شروع ٿيو. حڪيم محمد عثمان سرپرست ۽ محمدسومار شيخ مرتب هئا. بدين پريس مان هيءُ ڪتاب سلسلو شايع ٿيندو هو“ (آزاد، 2016ع ص 140).

”لاٽ پبليڪيشن (لاڙڪاڻو): لاڙڪاڻي مان ورتضی شيخ لاٽ پبليڪيشن نالي هڪ ڪتابي سلسلو شروع ڪيو“(آزاد، 2016ع ص 139).

## گونج پبليڪيشن (حيدرآباد):

’’ٻارن لاءِ هي ڪتابي سلسلو اداره هلچل پاران حيدرآباد مان جاري ڪيو ويو. نذر حسين بلوچ ۽ عابد بلوچ هن سلسلي جا مرتب هئا. هيءَ سلسلو زينت پريس حيدرآباد مان ڇپبو هو‘‘ (آزاد، 2016ع ص 140)

### جوت پبليڪيشن (خيرپور ميرس):

’’خيرپور ميرس مان مختيار مملڪ ’جوت‘ پبليڪيشن نالي هڪ ڪتابي سلسلو 1980ع واري ڏهاڪي ۾، خيرپور ميرس مان شروع ڪيو، جنهن پاران هڪ ڪتابي شايع ڪيو ويو. بعد ۾ حيدرآباد مان غفران عاقلاڻي ۽ سندن دوستن جي تعارن سان ٻيهر هن سلسلي کي شروع ڪيو ويو‘‘ (آزاد، 2016ع ص 140

## 3.2.3 اخبارن ۾ شايع ٿيل ٻاراڻي شاعري

سنڌي ۾ مختلف اخبارن ۾ شايع ٿيل ٻاراڻي شاعريءَ جو اڀياس ڪيو ويو آهي. اخبارن ۾ ڇپيل ٻاراڻي شاعري جو مطلعو ڪيو ويو ۽ تفصيل سان پيش ڪيو ويو آهي

خالد آزاد لکي ٿو ته: ’’سنڌي ٻوليءَ ۾ شايع ٿيندڙ روزاني اخبارن جو ٻاراڻي ادب جي واڌاري ۽ سُڌاري توڙي سنڌي ٻارن ۾ علمي ادبي شعور پيدا ڪرڻ جو ڏس ۾ وڏو ڪردار آهي. سنڌي

اخبارن پنهنجي هفتيوار ٻاراڻن ادبي صفحن ذريعي نه رڳو سنڌ جي ٻارن کي لکڻ پڙهڻ لاءِ اتساهيو، پر سنڌ جي ٻارن جي شعوري آبياري پڻ ڪئي ته جيئن ٻارن کي پنهنجي ٻولي، پنهنجن ماڻهن، ثقافت، تاريخ، ادب، تهذيب ۽ روايتن سان سلهاڙي سگهجي“ (آزاد، 2016ع ص 55).

”سنڌي ٻوليءَ ۾ شايع ٿيندڙ اخبارن ٻارن جا هفتيوار ادبي صفحا آچر واري ڏينهن شايع ڪندا هئا. اهوئي سبب آهي جو موڪل واري ڏينهن گهر اندر اخبار پهچڻ سان سنڌ جي ٻارن انهن ٻاراڻن ادبي صفحن ۾ دلچسپي وٺڻ شروع ڪئي ۽ انهن ۾ پنهنجون ڪچيون پڪيون لکڻيون شايع ڪرائي، پنهنجي ادبي ۽ صحافتي ڪيريئر جي شروعات ڪئي. اهڙيءَ ريت سنڌ جي ڪيترن ئي ادب دوست مائٽن نه رڳو پنهنجن ٻارن کي اهي هفتيوار ادبي صفحا مهيا ڪري ڏنا، پر ان ۾ لکڻ جي لاءِ اتساهيو. انهن صفحن سنڌ جا ڪيترائي اديب، صحافي، سماجي اڳوڻ ۽ ساڄاهه وند پيدا ڪيا، جيڪي اڄ معاشري ۾ مختلف شعبن اندر پنهنجو مثبت ڪردار ادا ڪري رهيا آهن“ (آزاد، 2016ع ص 76).

”سنڌ جي جن اخبارن هن ڏس ۾ تمام وڏو ڪم ڪيو، تن ۾ روزاني عبرت (حيدرآباد)، روزاني هلال پاڪستان (حيدرآباد ۽ ڪراچي)، روزاني مهراڻ (حيدرآباد)، روزاني خادم وطن (حيدرآباد)، روزاني سنڌ نيوز (حيدرآباد)، روزاني عوامي آواز (ڪراچي)، روزاني جاڳو (ڪراچي)، روزاني بختاور (حيدرآباد)، روزاني سنڌ (حيدرآباد) ۽ روزاني هلچل (حيدرآباد) جو ڪم تمام اهم ۽ شانائتو آهي. جڏهن ته روزاني سُڪار ، روزاني فيصلو، روزاني سنڌ ايڪسپريس، روزاني ڪاوش، روزاني تعمير سنڌ ۽ ٻين اخبارن جا ٻاراڻا هفتيوار صفحا پڻ، سنڌ جي ڪيترن ئي ٻارڙن لاءِ اهو پهريون ۽ بنيادي پليٽ فارم رهيا، جن ذريعي انهن کي پنهنجن صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ جو موقعو مليو. ان کان سواءِ پنڊرهن وار عبرت ميگزين، ماهوار، ’سائنس‘ رسالي ۽ ماهوار ’سوجهري‘ رسالي ۾ شايع ٿيندڙ ٻارن جي صفحن پڻ ٻارن جي ادبي آبياريءَ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو. 1998ع ۾ ٻارن جي مڪمل اخبار ’سنڌ سرهاڻ‘ نيو سعيدآباد مان شايع ڪئي وئي. ’سنڌ سرهاڻ‘ دراصل پهرين سنڌي اخبار هئي، جيڪا مڪمل طور تي ٻارڙن لاءِ هئي. هي اخبار حزب الله سمي، نيو سعيدآباد مان جاري ڪئي“ ( آزاد، 2016ع ص 77).

هيٺ اخبارن جي انهن سمورن ٻارن جي صفحن جا مڪمل تفصيل پيش ڪجن ٿا.

**ٻاراڻي محفل (روزاني هلال پاڪستان، حيدرآباد):**

”روزاني هلال پاڪستان پاران 1960ع ڌاري پهريون ڀيرو ٻارڙن جو هفتيوار ادبي صفحو ’ٻاراڻي محفل‘ خميس واري ڏينهن شروع ڪيو ويو. ان وقت ۾ هلال پاڪستان حيدرآباد مان شايع ٿيندي هئي، جنهن جو ايڊيٽر محمد علي جوهر هو. 1962ع ۾ هي صفحو خميس بجاءِ ڳڙ آچر تي شايع ٿيڻ شروع ٿيو. 1963ع ۾ هي صفحو پاڻمرادو بند ٿي ويو.بعد ۾ 1974ع ۾ ’گلن جهڙا ٻارڙا‘ جي نالي سان سلسلو شروع ڪيو ويو“(آزاد، 2016ع ص 78)

**معصومن جي مجلس (روزاني مهراڻ حيدرآباد):**

”روزاني ’مهراڻ‘ اخبار حيدرآباد پاران ٻارڙن جوعلمي ۽ ادبي صفحو ’معصومن جي مجلس‘ 26 مارچ 1963ع تي اڱاري ڏينهن شروع ڪيو ويو. هن صفحي جو انچارج ’ماما معصومي‘ نالي هڪ شخص هو، جيڪو اصل ۾ غلام مرتضى پٽي هو. انهيءَ صفحي ۾ ٻارن جا مضمون، پروليون، ڳجهارتون، چرچا ۽ ٻيون ڳالهيون شايع ڪيون وينديون هيون. ان دؤران ناميارو اديب تاج جويو، تاج محمد تاج جويو هن صفحي ۾ شاعري ۽ پروليون موڪليندو هو، جيڪي اهتمام سان شايع ڪيا ويندا هئا“ (آزاد، 2016ع ص 78).

**ماهوار.’سائنس‘ رسالي جا ٻاراڻا صفحا**

”سنڌ سائنس سوسائٽيءَ پاران 1971ع ۾ ڄام شوري مان شايع ٿيندڙ رسالي ماهوار ’سائنس‘ ۾ ابتدا کان ئي ٻارن لاءِ صفحا مخصوص ڪيا ويا، اڳتي هلي ويهن کان مٿي صفحا ڪيا ويا.. ٻارن جي هننن صفحن ۾ ڪائنات جي اسرارن، سائنس جي ڪرشمن، انساني بدن، صحت ۽ ٻين اهم موضوعن تي معلوماتي مضمونن سان خبرن کي پڻ شايع ڪيو ويندو هو. ماهوار سائنس رسالي جو ان وقت چيف ايڊيٽر ڊاڪٽر ممتاز علي قاضي، ايڊيٽرس سيد وڏل شاه ۽ محمد شريف ميمڻ، اسسٽنٽ ايڊيٽر غلم مرتضى پٽي هئا. اڳتي هلي ٻارن جي مخصوص صفحن جو انچارج ايڊيٽر غلام حسين پنهور کي بڻايو ويو (آزاد، 2016ع ص 80).

**معصومن جي محفل (روزاني خادم وطن، حيدرآباد**

”روزاني خادم وطن حيدرآباد پاران ٻيو پيرو ٻارن جو هفتيوار ادبي صفحو’معصومن جي مجلس‘ 15 آگسٽ 1973ع تي خميس ڏينهن شروع ڪيو ويو. روزاني خادم وطن جو ان وقت ايڊيٽر سردارلطف علي دل هو. هن صفحي ۾ ٻارن لاءِ آکاڻيون، معلوماتي مضمون ’ڪل ته سهي‘ جي عنوان سان لطيفا، ’ذهني آزمائش‘ جي عنوان سان سوالن جوابن جوسلسلو، ڳجهارتون ۽ ٻيون ڪيتريون ئي شيون پڙهڻ جوڳيون هيون. “(آزاد، 2016ع ص 81)

**ٻاراڻي دنيا (روزاني خادم وطن، حيدرآباد)**

14 جنوري 1973ع کان ’خادم وطن‘ جي ٻاراڻي ادبي صفحي ’معصومن جي محفل‘ جو نالو بدلائي ’ٻاراڻي دنيا‘ رکيو ويو، جڏهن ته هن صفحي جو ٻانهن ٻيلي ناصر جمال ٿيو ۽ بعد ۾ صفحي جو انچارج پڻ ٿيو“(آزاد، 2016ع ص 81)

**ٻالڪ رنگ (عبرت مئگزين جو ٻارن جو صفحو)**

”عبرت گروپ آف پبليڪيشن پاران شايع ٿيندڙ پندرهن روزه عبرت مئگزين ۾ ٻارن جو صفحو ’ٻالڪ رنگ‘ مئگزين جي شايع ٿيڻ واري سال يعني 1980ع کان شايع ٿيندو پيو اچي. صفحي ۾ ڪهاڻيون ، عام معلومات، مضمون ۽ شاعري وغيره شايع ٿيندي آهي. ٻارڙن جا رنگين فوٽو شايع ڪرڻ جي روايت به هن صفحي کان ٿي. هي صفحو هن وقت رنگين ۽ ٻن صفحن تي ٻڌل آهي. جيئن ته عبرت مئگزين سنڌيءَ جو فيملي مئگزين آهي، ان ڪري گهرن اندر پهچڻ جي

ڪري هن صفحي کي پڻ ڪيترائي ٻارڙا دلچسپيءَ سان پڙهندا رهندا آهن“(آزاد، 2016ع ص 83-82)

**ٻارن جو صفحو (روزاني سنڌ نيوز حيدرآباد)**

”حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ روزاني سنڌي اخبار ’سنڌ نيوز‘ پهريون ڀيرو ٻارن لاءِ هڪ صفحو 19 آڪٽوبر 1984ع جي ڏينهن تي شايع ڪيو ان وقت اخبار جو ايڊيٽر ناميارو صحافي مدد علي سنڌي هو“(آزاد، 2016ع ص 83)

**ٻارڙن جي ٻاري (روزاني سنڌ نيوز حيدرآباد)**

”روزاني سنڌ نيوز پاران هر جمعي تي شايع ٿيندڙ صفحي جو نالو بدلائي 8 ڊسمبر 1984ع کان ’ٻارڙن جي ٻاري‘ رکيو ويو. جڏهن ته هاڻي صفحي جونگران ايم اقبال بيوس ۽ نگران طاهر قريشي ٿيا“(آزاد، 2016ع ص 84)

**گلستان (روزاني سنڌ نيوز حيدرآباد):**

”روزاني سنڌ نيوز اخبار جي ٻارن جي هفتيوار صفحي ’ٻارڙن جي ٻاري‘ کي اپريل 1985ع تي بنا ڪنهن سبب ڇاٽائڻ جي بند ڪيو ويو. جيڪو پوءِ 19 جولاءِ 1985ع تي ٻيهر ’گلستان‘ جي نالي سان شروع ڪيو ويو. هن صفحي جو انچارج نظير احمد لغاري ٿيو“(آزاد، 2016ع ص 84-85)

**ٻارڙن جي ٻاري (روزاني سنڌ نيوز حيدرآباد):**

9 مئي 1987ع کان روزاني سنڌ نيوز جي هفتيوار صفحي ’گلستان‘ جو ڀيرو ٻيهر نالو بدلائي پراڻو نالو يعني ’ٻارڙن جي ٻاري‘ رکيو ويو. هن ڀيري صفحي جو انچارج عبدالستار درس مقرر ٿيو. مارچ 1988ع کان ٻارڙن جي هفتيوار صفحي کي رنگين ڪري ٻن صفحن تي جاري ڪيو ويو“(آزاد، 2016ع ص 86).

**ٻالڪ رنگ (روزاني سنڌ نيوز حيدرآباد):**

6 جولاءِ 1988ع تي روزاني سنڌ نيوز پاران هڪ ڀيرو وري ٻارن جي صفحي جو نالو بدلائي ’ٻالڪ رنگ‘ رکيو ويو. هن صفحي جو انچارچ نور علي بوزدار ٿيو“(آزاد، 2016ع ص 87).

**جوت (روزاني عوامي آواز، ڪراچي):**

”روزاني ’عوامي آوز‘ ڪراچي پاران ’جوت‘ جي نالي سان ٻارن ٻارڙن جو هڪ علمي ادبي صفحو 7 ءِ 1989ع تي شايع ڪيو“(آزاد، 2016ع ص 87)

**مهراڻ جا موتي (روزاني مهراڻ حيدرآباد):**

”روزاني مهراڻ اخبار پاران ٻارڙن جو هفتيوار علمي ادبي صفحو ’مهراڻ جا موتي‘ 8 آگسٽ 1991ع تي شروع ڪيو ويو. هي صفحو هر هفتي خميس ۽ پوءِ وري جمعي جي ڏينهن تي شايع ٿيندو هو. هن صفحي جو پهريون انچارج نور محمد نور خاصخيلي هو “(آزاد، 2106ع ص 88)

**جاڳو ٻالڪ (روزاني جواڳو، ڪراچي):**

”روزاني جاڳو اخبار ڪراچي پاران 11سيپٽمبر 1992ع ۾ ٻارن لاءِ هڪ علمي ادبي صفحو ’جاڳو ٻالڪ“ هر جمعي ڏينهن شروع ڪيو ويو. جنهن جو پهريون سهيڙيندڙ همسفر گاڏهي هو“(آزاد، 2016ع ص 89)

**ٻارن جي بختاور (روزاني بختاور، حيدرآباد):**

1996ع ۾ ’ٻارن جي بختاور‘ نالي سان ٻارن لاءِ علمي ادبي صفحو روزاني بختاور پاران هر آچر تي شايع ڪيو ويو. هن صفحي جو پهريون انچارج سندر سنڌي هو“(آزاد، 206ع ص 90).

**سنڌ سرهاڻ اخبار (ٻارن جي مڪمل اخبار):**

”سنڌيءَ ۾ ٻارڙن جو پهرين مڪمل ادبي اخبار ’سنڌ سرهاڻ‘1998ع ۾ نيو سعيدآباد، تعلقي هالا ضلعي حيدرآباد (هاڻوڪي مٽياري) مان نڪرڻ شروع ٿيو. اخبار جو ايڊيٽر ۽ پبلشر حزب الله ساگر سمون هو“(آزاد، 2016ع ص 95)

**روزاني تعمير سنڌ جو ٻارڙن جو ڪارنر:**

روزاني تعمير سنڌ پنهنجي اشاعت واري وقت کان وٺي هڪ صفحو تفريحي مواد لاءِ رکيو. ان صفحي جي آخر ۾ هڪ ڪارنر ٻارن لاءِ به رکيو ويو. (آزاد، 2016ع ص 92)

**مڪڙيون (روزاني هلچل، حيدرآباد)**

”**حيدرآباد ۾مان شايع ٿيندڙ روزاني سنڌي اخبار ’سنڌ‘ پاران ٻارڙن جو هفتيوار** .ادبي صفحو ’مڪڙيون‘ سال 2000ع ۾ شايع ڪيو ويو. هن صفحي جو انچارج غلام مصطفى سولنگي هو“ (آزاد، 2016ع ص 95)

**سُرهاڻ (روزاني هلچل، حيدرآباد):**

ڊسمبر 2001ع ۾ روزاني ’هلچل‘ اخبار پاران ٻارن جو علمي ادبي صفحو ’سرهاڻ‘ جاري ڪيو ويو هي صفحو هر هفتي آچر جي ڏينهن شايع ٿيندو هو. هن صفحص جو انچارج وفا مولا بخش قمبراڻي هو. هن صفحي ۾ ٻارن لاءِ هر اصلاحي ۽ معلوماتي مواد شايع ڪيو ويندو هو“(آزاد، 2016ع ص 92)

**ڪبز ڪارنر (روزاني ڪاوش، حيدرآباد):**

”روزاني ’ڪاوش‘ اخبار ۾ ٻارڙن جو هفتيوار رنگين صفحو ’ڪبز ڪارنر‘ جنوري 2005ع ۾ شايع ڪيو ويو. هن صفحي جو انچارج نيلم شيخ هئي. هن صفحي ۾ ڪهاڻيون، معلوماتي مضمون، لطيفا، شعر وغيره شايع ڪيا ويندا هئا. جن اديبن ۽ ساڃاهه وندن جي ٻارن لاءِپروفائيل لکيا ويا، تن ۾ ولي رام ولڀ، عبدالغفار تبسم، رزاق مهر، ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي، اياز گل ۽ ٻيا شامل هئا“ (آزاد، 2016ع ص 93).

## ٻارن جي دنيا (روزاني سڪار، حيدرآباد):

”روزاني سڪار حيدرآباد پاران ’ٻارن جي دنيا‘ نالي سان ٻارن ۾ هفتيوار صفحو 27 فيبروري 2011ع کان شروع ڪيو ويو، جيڪو پهرين هر آچر ۽ سومر تي شايع ٿيڻ لڳو. هي صفحو مڪمل رنگين ۽ باتصوير هو. هن صفحي جو انچارج آفتاب گل رند هو“(آزاد، 2016ع ص 94)

## شعور (روزاني فيصلو، حيدرآباد):

”روزاني فيصلو اخبار ۾ ٻارڙن جو صفحو هر جمعي تي ’شعور‘ جي نالي سان ڊسمبر 2011ع ۾ شروع ٿيو، جنهن جو انچارج ستار جانوري هو. هي صفحو مڪمل رنگين ۽ باتصوير هو“ (آزاد، 2016ع ص 94)

## چنڊ تارا (روزاني سنڌ ايڪسپريس):

”روزاني ’سنڌ ايڪسپريس‘ ۾ ٻارڙن جو هفتيوار صفحو ’چنڊ تارا‘ جون 2011ع کان چنڇر واري ڏينهن شايع ٿيڻ لڳو. هي صفحو ڪراچيءَ مان شايع ٿيندو رهيو. جڏهن ته 2015ع ۾ روزاني سنڌ ايڪسپريس جا سمورا ايڊيشن ۽ صفحا حيدرآباد شفٽ ٿيا. هن صفحي جو انچارج روزينا جوڻيجو مقرر ٿي آهي. هن صفحي ۾ ڪهاڻيون، معلوماتي مضمون، لطيفا ۽ ٻيون ڪيتريون ئي دلچسپ شيون شايع ٿينديون آهن“ (آزاد، 2016ع ص 94)

## تارا ڌرتيءَ جا (ڪاوش مڊويڪ مئگزين):

”روزاني ڪاوش پاران هر آچر تي شايع ٿيندڙ رسالي ’ڪاوش دنيا‘ کان پوءِ جنوري 2013ع کان هر اربع تي ’ڪاوش مڊويڪ مئگزين‘ شايع ڪرڻ جو سلسلو شروع ڪيو ويو. هن رسالي جي آخري صفحو ٻارن لاءِ مخصوص ڪري ’تارا ڌرتي جا‘ نالو ڏنو ويو “ (آزاد، 2016ع ص 95)

## ٻالڪ رنگ (عوامي آواز سنڌي مئگزين):

”روزاني عوامي آواز، ڪراچيءَ جي آچر ڏينهن شايع ٿيندڙ سنڌي مئگزين ۾ ’ٻالڪ رنگ‘ جي نالي سان سال 2014ع کان هڪ صفحو مخصوص ڪيو ويو سنڌ جا ٻار دلچسپيءَ سان هن صفحي کي پڙهندا آهن ۽ ان ۾ پنهنجيون لکڻيون شايع ڪرائيندا آهن“ (آزاد، 2016ع ص 95)

## ٻارن جي دنيا (روزاني فتح نيوز ،حيدرآباد):

”حيدرآباد جي مشهور صنعتي اداري فتح گروپ. آف انڊسٽريز پاران سال 2014ع ۾ حيدرآباد مان نئي روزاني اخبار’فتح نيوز‘ جي نالي سان شايع ڪرڻ شروع ڪئي وئي. اخبار جي شايع

ٿيڻ جي چنديءَ مهينن ڪان پوءِ جڏهن احسان ميمڻ اسسٽنٽ پروفيسر جي حيثيت سان هن اخبار جوائن ڪئي ته ’ٻارن جي دنيا‘ جي نالي سان ٻارن جو هفتيوار صفحو شايع ڪرڻ شروع ڪيو، جيڪو هر هفتي آچر واري ڏينهن شايع ٿيندو هو‘‘ (آزاد، 2016ع ص 96).

حواله

1 آزاد خالد: “سنڌي ٻاراڻي ادب جي تاريخ” : سنڌي لئنگئيج اٿارٽي سنڌ: 2016ع ج 2 ص 31، 33، 36، 37، 38، 39، 40

2 آزاد خالد: “سنڌي ٻاراڻي ادب جي تاريخ” : سنڌي لئنگئيج اٿارٽي سنڌ: 2016ع ج 2 ص ، 42، 43، ،44،

3 آزاد خالد: “سنڌي ٻاراڻي ادب جي تاريخ” : سنڌي لئنگئيج اٿارٽي سنڌ: 2016ع ج 2 ص فهرست

4 آزاد خالد: “سنڌي ٻاراڻي ادب جي تاريخ” : سنڌي لئنگئيج اٿارٽي سنڌ: 2016ع ج 2 ص فهرست

5 آزاد خالد: “سنڌي ٻاراڻي ادب جي تاريخ” : سنڌي لئنگئيج اٿارٽي سنڌ: 2016ع ج 2 ص 130-124

6 آزاد خالد: “سنڌي ٻاراڻي ادب جي تاريخ” : سنڌي لئنگئيج اٿارٽي سنڌ: 2016ع ج 2 ص 140-131

7 آزاد خالد: “سنڌي ٻاراڻي ادب جي تاريخ” : سنڌي لئنگئيج اٿارٽي سنڌ: 2016ع ج 3 ص ، 76-80، ، 81-96، 55

8 ڀٽ الهرکيو: ” سنڌي رسالن جي تاريخ“:سنڌ پبلشرس حيدرآباد: 1981ع ص 72-87.

9 ڀٽ الهرکيو: ” سنڌي رسالن جي تاريخ“:سنڌ پبلشرس حيدرآباد: 1981ع ص 88-89

10 ڀٽ الهرکيو: ” سنڌي رسالن جي تاريخ“:سنڌ پبلشرس حيدرآباد: 1981ع ص 90-95

11 ڀٽ الهرکيو: ” سنڌي رسالن جي تاريخ“:سنڌ پبلشرس حيدرآباد: 1981ع ص 96-102،،100،103

12 ڀٽ الهرکيو: ” سنڌي رسالن جي تاريخ“:سنڌ پبلشرس حيدرآباد: 1981ع ص ، 125، ، ، 112،129،127

13 ڀٽ الهرکيو: ” سنڌي رسالن جي تاريخ“:سنڌ پبلشرس حيدرآباد: 1981ع ص 112-12

14 ٻگهيو عزيزالرحمان ڊاڪٽر: سنڌي صحافت جي ارتقا ۽ تاريخ: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي يونيورسٽي: ايڊيشن پهريون ص

15 هڪڙو، انور فگار ڊاڪٽر: ”شڪارپور شهر جو سنڌي ادبي ۾ حصو“: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو: 2009ع ص 590- 589

16 هڪڙو، انور فگار ڊاڪٽر: ”شڪارپور شهر جو سنڌي ادبي ۾ حصو“: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاج سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو: 2009ع ص 591- 580

17 هڪڙو، انور فگار ڊاڪٽر: ”شڪارپور شهر جو سنڌي ادبي ۾ حصو“: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو: 2009ع ص 590- 591

18 هڪڙو، انور فگار ڊاڪٽر: ”شڪارپور شهر جو سنڌي ادبي ۾ حصو“: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو: 2009ع ص 166 596- 592

19 هڪڙو، انور فگار ڊاڪٽر: ”شڪارپور شهر جو سنڌي ادبي ۾ حصو“: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو: 2009ع ص 5970- 598

20 هڪڙو انور فگار ڊاڪٽر: شڪارپور جي صحافتي تاريخ: روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو: ص 166

باب چوٿون

# ٻاراڻي شاعريءَ جا اهم موضوع ۽ ڪردار

- ٻاراڻي شاعريءَ جا اهم موضوع ۽ ڪردار
- **ٻارن جي شاعريءَ جا مکُ موضوع ( ٻار ۽ فطرت)**
- **ٻارن جي شاعريءَ جا مقبول ڪردار (ٻار ۽ ان جا رشتا، ٻار ۽ سماج)**
- **ٻارن جي تربيت ۽ اصلاح لاءِ ڪتب ايندڙ اهم ڪردار (ٻارن جا آئيڊيل)**

## 4.1 ٻاراڻي شاعريءَ جا اهم موضوع ۽ ڪردار

ڪردار سماج جو هڪ اهم جزآهي. هن دنيا ۾ ٻارن ڪي فائديمند اسين صرف ۽ صرف ڪردارسازي جي ذريعي ئي بهتر ڪري سگهون ٿا. اڄ جو ٻار سڀاڻي جو استاد آهي، ڊاڪٽر آهي، حج آهي ۽ سڀاڻي جو پيءُ پڻ آهي. جيڪڏهن اڄ جي ٻار جي ڪردارسازي بهترين نموني ٿيندي ته اسان جو معاشرو به بهترين ٿيندو. معاشري جا عظيم مفڪر، سياستدان، شاعر، اديب، سماج سڌارڪ سڀ پهريان ٻار هوندا آهن پوءِ اهي وڏا ٿي اهو سڀ ڪجھ ٿيندا آهن.

ٻاراڻي شاعري جي به تمام گهڻي اهميت آهي. ٻاراڻي شاعري جو ٻارن جي زندگي ۾ تمام گهڻو ڪردار شامل آهي. ٻاراڻي شاعري جي ذريعي اسان ٻار ڪي وطن سان محبت، وڏن جي احترام ۽ عزت، سچ ڳالهائڻ جي اهميت، پنهنجي ثقافت سان پيار جي باري ۾ اجاگر ڪري سگهون ٿا. ٻاراڻي شاعري ٻار جي نفسياتي نشو نما ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي. ٻاراڻي شاعري ذريعي اسين انهن ڏکن پڻيان سک، جسماني طاقت، روحاني طاقت ۽ سمورن فائديمند شين بابت اڳ ۾ آگهاھ ڪري سگهون ٿا.

ڪنهن به قوم جو ترقي جو راز ۽ ان جو زنده رهڻ جو عمل صرف ٻار جي ڪردارسازي جي ذريعي ئي ٿي سگهي ٿو. ترقي يافته قومون پنهنجي ٻار جي ڪردارسازي ۾ اهم ڪردار ادا ڪنديون آهن.اهي پنهنجي قوم ۽ معاشري جو سهارو سمجهنديون آهن. وڏي سوچ ۽ لاءِ عمل سان ٻار جي ڪرداسازي ڪنديون آهن. ٻار جو طبعي، ذهني، جسماني ۽ فڪري پالنا ڪنديون آهن ۽ ان سڀ ڪجھ ترقي ۽ واڌ ويجھ لاءِ شاعري جو به هڪ اهم ڪردار آهي.

ٻارن جي ڪردارسازي ڪندڙ قومون ڪڏهن به ٻين قومن جو اهي غلام ناهن رهنديون ۽ هميشه اهي طرقي جون منزلون ماڻيندي وڌنديون آهن ۽ پنهنجي قومن ڪي دنيا ۾ مجرائينديون آهن ۽ جيڪي قومون انهن ڳالهين تي ڌسان نه ڏينديون آهن ته اهي تباھ و برباد ٿيڻ ۾ دير ناهن ڪنديون ۽ اهي جلدئي نيست و نابود ٿي ويندیون آهن. اهي قومون سست، ڪاهل ۽ پست قومون رهنديون آهن جيستائين آهي پنهنجن ٻارن تي ڌيان نه ڏينديون. منهنجي تحقيقي مقالي: ”سنڌي ادب ۾ ٻاراڻي شاعريءَ جي ڪردارسازيءَ جو مطالعو“ ۾ جيڪي اهم موضوع ۽ ڪردار پيش ڪيا ويا آهن، تن ۾ هن باب ۾ ٻاراڻي شاعريءَ ۾ آندل مواد تحت آيل آهن.

جهڙوڪ: ڪردار - رشتا – ناتا – ماءُ جو ناتو – پيءُ جو ناتو – جيئن ميران محمد شاھ جو شعر آهي:

” بابل تنهنجون کوڙ پلايون

ڪهڙيون ڳائي ڪهڙيون ڳايون “ وغيره

ڪردارسازي ڪي بهتربنائڻ لاءَ خيالن ڪي وڏيڪ بهتر، جذبات ۽ تصورات ڪي وڏيڪ ;ڪان وڏيڪ اجاگر ڪري سگهون ٿا. ڪردارساز قومون اڄ به زنده آهن ۽ ٻين ملڪن جي پڻ

رهنمائي ڪن ٿيون. اڄ جو ٻار سڀاڻي جو هڪ شخص آهي. جيڪڏهن ان جي صحيح رهنمائي ٿيل هوندي ته اهو پنهنجي معاشري يا ملڪ جو صحيح رهنمائي ڪندڙ شخص ثابت ڪري سگهي ٿو.
وڏيڪ مان چوندس ته ٻارن جي ڪردارسازي لاءِ ٻارراڻي ادب ۾ شاعري اجان وڏيڪ شامل ڪرڻ گهرجي ۽ صحيح طريقي سان ڪردارسازي جو ٻج پوکڻ گهرجي. ٻاراراڻي شاعري ۾ ڪردارسازي جي تمام گهڻي اهميت آهي. اسان جي سنڌي ادب ۾ تمام گهڻو ٻارن جي ڪردارسازي لاءِ ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي. ڇو ته اهو ٻار ئي آهي جيڪو سڀاڻي اسان جي معاشري جو هڪ ڪارائتو ٿنڀو ثابت ٿيندو. ٻاراڻي شاعري ۾ ڪردارسازي کي اهميت ڏيندي ان ٻار ۾ اسين وطن سان محبت، علم جي عظمت، سهڻي صلاهون ۽ هدايتو، وقت جي اهميت پيدا ڪري سگهون ٿا ۽ ان جو عمل ٻارن جي زندگي کي خوبصورت ۽ فائديمند بنائي سگهجي ٿي.
ڪردارسازي ٻاراڻي شاعري ۾ پيڙهه جو پٿر جي حيثيت رکي ٿو. ٻاراڻي شاعري کي پڙهندڙ هڪ ٻار ئي آهي ۽ اهو ٻارئي اڳتي هلي پنهنجي زندگي جو هڪ معتبر، مانائتو ماڻهون ۽ هڪ فائدو پهچائيندڙ شخص ثابت ڪري سگهي ٿو. ادب ۾ ٻاراڻي شاعري ٻار جي ذهن جي ودر ۽ اوسر جو هڪ اهم جز آهي.
هن تحقيق ذريعي اسين اها معلوما ت حاصل ڪئي آهي ته ڪردارسازي جي گهڻي اهميت آهي. ڪنهن به قوم، معاشري يا ملڪ کي ترقي بڻائڻ ۾ اهي قومون ڪڏهن به ترقي جون منزلون طئي ڪري نه ڪري سگهنديون آهن جيڪي پنهنجي ٻارن جي ڪردارسازي تي ڌيان تمام گهٽ ڏينديون آهن. ٻار جي ڪردارسازي تمام گهڻن طريقن سان ڪري سگهجي ٿي ۽ ٻاراڻي شاعري به هڪ اهم ۽ تمام ضروري جز آهي ٻار جي ڪردارسازي ۾. ٻاراڻي شاعري ۾ ڪردارسازي جي موضوع کي اهميت ڏيڻ سان ۽ وڌيڪ وضاحت ڪرڻ سان ٻار جي ذهن ۾ مفيد معلومات جي ٻج پوکي سگهون ٿا. ٻاراڻي شاعري ۾ ڪردارسازي کي اهميت ڏيڻ کي ۽ بيان ڪرڻ سان پڻ اها صلاح ڏئي سگهجي ٿي ته ٻاراڻي ادب ۾ يا ڪتابن ۾ يا ڪان وڌ شاعري ۾ ڪردارسازي جو بيان ڪري سگهجي ٿو.
ڪردارسازي جي استعمال سان پيش ڪرڻ سان شاعري ۾ اسين پنهنجي منڙي ٻولي کي وڌيڪ مضبوط ۽ سگهارو بڻائي سگهون ٿا ڇو ته ڪنهن به ٻولي کي سڀ کان وڌيڪ مضبوط ۽ پائدار ان جا پنهنجا ماڻهون ٻولي ڳالهائيندڙ آهن ۽ ان کان پوءِ اهو ادب يا شاعري ئي آهي جيڪا ٻولي کي محفوظ ڪندي آهي.

## ڪردارسازي (وصف)

ڪردارسازي کي صحيح طريقي سان سمجهڻ لاءِ اسين مختلف ڊڪشنري جي مطابق يا وڏن محققن ڇا چيو آهي اهو ڏسنداسين. 'ڪِرَدارُ' فارسي زبان جو لفظ آهي. جو صرفي لحاظ کان اسم مذڪر آهي. ان جو سنڌي زبان ۾ جمع ڪردارَ آهي. 'ڪردار' جي لغوي معنى: هلت، چلت، طريقو، طرز يا ورتاءُ وغيره ۽ ساڳي ڊڪشنري ۾ سازي جي معنى آهي: ڪلونت، ڪلا يا هنر، هوشيار ۽ ڏاهپ وغيره (بلوچ، 1955 ع ج 4 ص 2051 ). مٿئين وصف مان اهوبيان ڪجي ٿو ته ڪردار انسان جي هلت، چلت ان جو ونهوار پنهنجن ننڍن سان وڏن سان ۽ ان جو طرز طريقو هلڻ چلڻ جو پنهنجي پاڙيسرن سان يا جنهن سان ان جو تعلق هجي. ڪتابي دنيا ۾ لفظ 'ڪردار' کي ڪيترن ئي مطلبن ۽ مفهومن ۾ استعمال ڪيو ويو آهي. سماجيات ۾ لفظ

’ڪردار‘ ڪم (رول) جي معنى ۾ استعمال ٿئي ٿو. اخلاقيات جي خيال کان لفظ ’ڪردار‘ کي قومي ۽ ذاتي يا ملي ۽ انفرادي ڪردار جي مفهومن ۾ به ادا ڪيو ويو آهي (ٻوهيو، 2103ع ص 281). ڪردارسازي کي اسين ملي يا قومي معنٰى ۾ به استعمال ڪري سگهون ٿا. ان مان اسين ائين چئي سگهون ٿا ته ماڻهن سان بهترين طريقي رويو رکڻ وغيره. قرآن مجيد جي آيت جو ترجمو ”ماڻهن سان بهتر طريقي سان ڳالهايو“.(بقر، آيت 83). نبيءَ اڪرم ﷺ جن فرمايو آهي ته ”توهان مان ڀلو اهو آهي جنهن جا اخلاق ڀلا هجن“.(بخاري صحي، ص 87) حضور اڪرم ﷺ جن جي حديث مبارڪ مان پڻ اها خبر پوي ٿو ته ڀلي ڪير روزا، نماز، زڪوات يا حج وغيره ادا ڪري ٿو ته پر جي انهن جا اخلاق ڀلا نه آهن ته اهي روزا، حج يا زڪوات وغيره بي فائده آهن.

ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو لکي ٿو ته: ”سماجي نفسيات جي اصولن جي خيال کان ڪردار جو تعلق شخصيت جي حسن، جذبات جي بلنديءَ ۽ پاڪيزگيءَ، ضميرجي اطمينان ۽ آسودگيءَ، ذهني وسعت ۽ قوت اظهار سان آهي.“ (ٻوهيو، 2013 ع ص 288). ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو هڪ آرٽيڪل ” ادب ۽ نفسيات“ ۾ لکي ٿو ته: ”انسان پنهنجي سوچ جو محتاج آهي ۽ سوچ وري سماجي ماحول ۽ سماجي تصورن جي تابع رهي ٿي“ (ٻوهيو،بحواله هڪڙو، 2006 ع ص 108). ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو فرد جي ڪردار ۽ ايندڙ تبديلين سبب ٿيندڙ لکي ٿو ته: ” ڪردار سماجي زندگيءَ جو اهم جزو آهي. سماج ۾ فرد جو ڪردار سڃاڻپ ٿئي ٿو، ڇو ته اهو عادتن تي ٻڌل ٿئي ٿو. ان ۾ ڏيک ڏيکاءُ گهٽ ٿئي ٿو، پر ان ۾ سماج جنهن ۾ تڪڙي تبديلي ايندي رهي ٿي، ڏيک ڏيکاءُ وڌي ٿو وڃي، ڇو ته ان ۾ هر ماڻهو پنهنجي رتبي جي تلاش ۾ آهي ۽ ڳولي رهيو آهي ته هن جو سچو ۽ موزون ڪردار ڪهڙو هئڻ گهرجي“.(ٻوهيو، 1978ع ص21).
ڊاڪٽر نور افروز خواجه لکي ٿي ته ” ڪردارن جي زندگي جي حالت ۽ واقعن جي مطالعي ۽ تجزئي سان جتي گهڻين خوبين جي خبر پئجي سگهندي آهي اتي نقصن ۽ عيبن جو به پتو پوندو آهي“ (خواجه، 2010 ع ص 209). لڪونه لکي ٿو ته: ” سٺا اخلاق مشتمل هوندا آهن سُٺن شين جي چاڻ رکڻ، سُٺن شين جي خواهش ڪرڻ، دماغ کي سُٺن عادتن ۾ استعمال ڪرڻ ، دل جون عادتون ۽ عمل جون عادتون اپنائڻ آهي“ (لڪونه، 1991، ص 51).

ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو ”شڪارپور جي صحافت ۾ ٻاراڻو ادب بابت لکي ٿو ته: ” نننڍي کنڊ جي نوبل پرائيز يافته مفڪر ٽئگور چيو آهي ته هر نئون ڄاول ٻار اهو پيغام آڻي ٿو ته خدا انسان مان اڃان مايوس نه ٿيو آهي. ٻار هر گهر، محلي ۽ سماج جي سونهن هوندو آهي. ٻار دنيا جي انساني چمن ۾ گلن جي مثال آهن. هر هڪ ٻار پنهنجي والدين جي ڪمزوري ٿئي ٿو، پوءِ ڇو نه اهو ڪوجهوئي هجي. اڄ جو ٻار سڀاڻي جو معمار ٿيندو آهي. دنيا جي عظيم مفڪر، شاعر، اديب، سماج سڌارڪ، سياستدان توڙي سائنسدان ڪالهه ٻارڙا هئا، جي پنهنجي فطري جبلتن ۽ قوتن جون ارتقائي منزلون طئه ڪري، اڄوڪي پد تي پهتا. هر هڪ ٻار ۾ هڪجهڙيون ۽ هڪ جيتريون فطري قوتون ۽ جبلتون هونديون آهن. نفسات جي ماهرن انهن فطري قوتن جا ٽي قسم ٻڌايا آهن: 1 دماغي طاقت، 2 جسماني طاقت، 3 روحاني طاقت، انهن ٽنهي قوتن جي نشونما جو سمورو مدار ماحول تي ٿئي ٿو. شڪارپور جو مشهور اديب ۽ تعليمي ماهر پروفيسر شيوارام نرسنگهداس ڦيراواڻي پنهنجي ڪتاب ’سڃاڻپ ٻاراڻي سکيا‘ ۾

لکي ٿو ته: هر هڪ ٻار کي ڪا نه ڪا طاقت خاص طرح مليل هوندي آهي. جي ڪچي ئي ان طاقت کي ڳولهي وڌائيجي ته هر هڪ ٻار عجيب مها پرش ٿي سگهي ٿو.“ هڪڙو، ص 588).

## 4.2 ٻارن جي شاعريءَ جا مکُ موضوع ( ٻار ۽ فطرت)

### ٻار

ٻار ۽ محبت جي علامت هوندا آهن، جن جون مرڪون ڪنهن خوب صورت نديءَ جي اُجري پاڻي کان وڌيڪ وڻندڙ ٿين ٿيون. جن جون ٻاتيون ٻوليون ڪائنات جي سمورن رنگن کان وڌيڪ سڪون پهچائيندڙ هونديون آهن ۽ جن کي ڏسندي سموري زندگيءَ جا ٿڪ لهي وڃن ٿا.
خليل عارف سومرو لکي ٿو ته: ” ٻار مستقبل جو معمار آهي، ڇو ته مستقبل جون سموريون رٿائون ۽ ذميواريون ٻار جي امنگن سان مشروط ٿين ٿيون، اڄ جو ٻار جيترو وڌيڪ ذهين، سگهارو ۽ باشعور هوندو، قوم جو آئيندو به ايترو ئي شاندار ٿي سگهندو. دنيا جون صحتمند ۽ روشن دماغ قومون پنهنجي ٻارڙن جي بهتر تربيت، پالنا ۽ تحفظ لاءِ فڪرمند هونديون آهن“ (سومرو، 2010ع ص1). سيد زوار حسين شاهه نقوي لکي ٿو ته: ” ٻارَ، سماج جي ايندڙ اڏاوت جا بنياد ۽ معمار ٿين ٿا، تنهنڪري انهن جي ذهني ۽ جسماني تربيت ۽ نشونما به ايتروئي توجهه لهڻن ٿيون، جيترو هڪ مضبوط عمارت جي اڏاوت لاءِ سُٺي سِرَ جو هجڻ ضروري آهي. اڄ جا ٻار سڀاڻي جا وڏا آهن، تنهنڪري انهن جي ذهني ۽ جسماني طرح چُست ۽ ذهين هجڻ بيحد ضروري آهي“ (نقوي 2008ع ص1). ذوالفقار سيال لکي ٿو ته: ” ٻار مُڇ جو وار نه، پر مستقبل جو معمار آهي. جنهن به قوم، دل ۽ دماغ سان انهيءَ ڳالهه کي قبوليو ۽ ان تي عمل ڪيو، ان ترقيءَ جون منزلون ماڻي ورتيون. ان ڪري روشن مستقبل جو اونو رکندڙ قومون پنهنجي ابهم ٻارن کي پنهنجي ۽ قومي آئيندي جو سهارو سمجهندي، وڏي ويچار ۽ خيال سان ٻار جي طبعي، ذهني ۽ فڪري پالنا ۽ تربيت جو خيال رکنديون آهن، ۽ ان ۾ تر جيتري به ڪوتاهي نه ڪنديون آهن“ (سيال، 2013ع ص1).

انور هالائي لکي ٿو ته: ”ٻار اسان جي سماج جو بنيادي پٿر آهي، ان ڪري جيستائين ٻارن جي تعليم ۽ تربيت ڏانهن پورو پورو ڌيان نه ڏبو، تيستائين سماجي سڌارجي جا اهڃاڻ پيدانه ٿيندا“ (هالائي، 1978ع ص1). مولا بخش ڪاڪا لکي ٿو ته:” ٻار مستقبل جي خواهشن جو آئينو آهي ۽ ڌرتيءَ جو والي ۽ وارث به هوندو آهي. ڪنهن به قوم جو زنده رهڻ ۽ ترقي ڪرڻ جو دارومدار ٻار تي هوندو آهي. ٻار وقت جو مسيح ان ڪري به آهي، ته هن ۾ حق ۽ سچ چوڻ جي جرئت هوندي آهي، هو بنا روڪ ٽوڪ جي غلط يا صحيح ڳالهه چٽي ڏيندو آهي. ڪنهن ڏاهي جا هي لفظ ڪيڏا نه لاڀائتا آهن، ته : جنهن قوم جا نوجوان سجاڳ ۽ بيدار هوندا، اها قوم ڪڏهن

به ڪنهن جي محتاج ۽ غلام نه رهندي آهي، ان جي ابتڙ جنهن قوم جا نوجوان، سست، ڪاهل ۽ اٽِڇاڻ هوندا اها قوم ڪڏهن به ترقي ڪري نٿي سگهندي "(ڪاڪا، 1996ع ص 2).

**محنت ڪر تون! (گيت)**

" محنت ڪر تون محنت يار،

محنت سان تون ٿيندين هوشيار!

پُڙ تون يار، هيئنئين سان لائي،

جو تو کي استاد پڙهائي،

گهر ۾ پڻ تون اُن کي سار.

محنت ڪر تون محنت يار.

مائٽ مٽ تو کي پائيندا،

سنگتي ساٿي پڻ چاهيندا،

وڏنڌو تنهنجو ناماچار.

محنت ڪر تون محنت يار.

وهنجي سهنجي نيرن کائي،

اجرا ڪپڙا پهري، پائي،

مڪتب ڏي ٿي ترت تيار.

محنت ڪر تون محنت يار.

لکڻ پڙهڻ ۾ هوندين اڳرو،

لکي چوکي ۾ پڻ تکڙو،

نمبر کڻندين تون هر بار.

جيڪو محنت خود ڪري ٿو،

پنهنجي ڪم تي ڌيان ڌري ٿو،

تنهنجا ٿيندا بيڙا پار.

محنت ڪر تون محنت يار!"

(مرزا، بحواله بخاري 1981ع ص 6 )

**تشريح:** مرزا قليچ بيگ هن نظم جي آخري بند ۾ هڪ بهترين نصيحت ڪئي وڃي ٿي ۽ محنت ڪيو ۽ پڻ محنت ڪرڻ جا فائدا پڻ بيان ڪيا ويا آهن. مرزا قليچ بيگ هن نظم " محنت ڪر تون محنت يار" ۾ محنت جي عظمت هي باري ۾ ٻڌايو ويو آهي جنهن ۾ اسين محنت جي باري ۾ اهم معلومات حاصل ڪري سگهين ٿا. وڌيڪ مزا قليچ جي هن نظم ۾ فرمائن ٿا ته جيڪو يار محنت خوب ٿو ڪري ۽ پنهنجي ڪم ۾ ڌيان ٿو ڌري اهو پنهنجي پان کي هڪ سٺو انسان ثابت ڪري سگهي ٿو ۽ اهو ئي هن دنيا ۾ ڪامياب ٿي سگهي ٿو چو ته محنت کان سواءِ ڪير به

ڪنهن کي نه ئي پاڻ کي سٺو ڊاڪٽر، انجنيئر، اڳواڻ، سياستدان يا استاد ثابت نه ٿو ڪري سگھي. صرف محنت ئي آهي جيڪا اسان کي پنهنجي مرضي مطابق مقصد حاصل ڪري سگھي ٿو.

**بيت**

”چڱو ٻار سو جي چڱائي ڪري،

جو هر وقت سڀ سان ڀلائي ڪري

جي وعدو ڪري ڪنهن سان انجام ڪو

ته وعدي جي پنهنجي وفائي ڪري،

سکي نيڪ ڳالهيون ڪري نيڪ ڪم.

ائين پنهنجي عمر سجائي ڪجي،

نه ڪنهن کي ستائي نه ڪنهن کي ڏکوئي،

نه ڪنهن سان ڏنگائي لچائي ڪري،

وڏن جو ادب ۽ ننڍن جو لحاظ

اهو اٺج اهڙي ڪمائي ڪري.

نه ڪنهن سان ڪو تڪرار جهيڙو ڪري،

نه ڪنهن سان ڪچائي ڦڪائي ڪري. “

(مسافر،بحواله، بخاري 1981ع ص 4)

**تشريح:** هن نظم ۾ سنڌي شاعر محمد صديق مسافر اسان کي چڱي ٻار جي باري ۾ معلومات فراهم ڪئي آهي ته چڱو ٻار ڪهڙو آهي. هن وڌيڪ اسان کي ٻڌائي ٿو ته چڱو ٻار اهو آهي جيڪو ٻين سان چڱائي ڪري جيڪو هر وقت ٻين سان ڀلائي ڪري. اگر ڪنهن سان واعدو ڪريو ته هميشه واعدو پورو ڪريو ۽ هميشه پنهنجي واعدي جي وفائي ڪريو. سکو نيڪ ڳالهيون ۽ هميشه ٻين سان نيڪ عمل ڪريو انهي ۾ ئي توهان جي ڪاميابي آهي.

محمد صديق مسافر جي هيءَ نظم ”چڱو ٻار“ جي ٻي بند ۾ ٻارن جي ڪردار سازي جي باري ۾ هڪ بهترين نصيحت ٿو ڪري ته پنهنجي عمر سجائي ڪري چڱائي جا ڪم ڪري ۽ نه ڪنهن به ٻار کي يا شخص کي ستائي ۽ نه ڏکائي ۽ ڪنهن به ٻئي سان ڏنگائي يا لچائي ڪجي چو ته ان سان هميشه ڪردارسازي جي بهتري ۾ نقصان پيو ٿئي. وڌيڪ چئي ته وڏن جو ادب ڪريو ۽ هميشه ننـڍن جو لحاظ ڪريو چو ته اهائي ڳن دنيا ۾ توهان جي ڪما.ي آهي

چڱو ٻار نظم هڪ بهترين نظم آهي جنهن ۾ ٻار جي ڪردارسازي ڪئي وئي آهي ۽ پڻ بهترين نصحيت ڪئي آهي، جنهن تي عمل ڪرڻ سان اسين پنهنجي پاڻ کي سٺو ۽ فائديمند انسان ثابت ڪري سگھون ٿا ۽ آخر ۾ هن ۾ شاعر اها پڻ نصيحت ڪري ٿو ته ڪنهن سان به تڪرار ۽ جهيڙو نه ڪرڻ گھرجي.

**ڪرڻ آهي بهتر سڀن سان ڀلائي بيت**

” ڪرڻ آهي سڀن سان ڀلائي،

چڱي ڳالهه اهڙي نه ٻي آهي ڪائي

سڀني مال دنيا جي هٿ تون ڇڏيندين،

ادا جڳ مان نيڪي رڳو ساڻ نيندين.

مٽي مائٽي تو کي جت ڪم نه ايندي،

ڀلائي اُتي تنهنجي آڏار ٿيندي.

ڀڃاڙي چڱي جي ٿيڻ پنهنجي چاهين،

ته ڪر ٻيڻلائيءَ ۾ نيڪي سدائين.

دل ۽ جان سان ڪر ادا تون ڀلائي،

ته تحقيق ٿئي عمر تنهنجي سجائي.

ڏني مهر سان ٿئيءَ توکي مايا،

ته ڪر تون غريبن يتيمن تي ڇايا.

گهرين جيئن ٿو تو سان ڪري ڪو ڀلائي،

ڪرڻ گهرجي تيئن تو کي ٻين سان چڱائي.

ڀلائي ڪندين تان ڀلو تنهنجو ٿيندو،

ڀلائيءَ جا ڀاڙا ٿٽي تو کي ڏيندو. “

(مسافر، بحواله بخاري 1981ع ص 5)

**تشريح:** محمد صديق مسافر هڪ بهترين ۽ مشهور شاعر آهي. جنهن ٻڻ ٻارن لاءِ شاعري لکي آهي. جنهن ۾ نصيحت گيت هڪ بهترين نظم آهي.جنهن ۾ محمد صديق مسافر ٻارن کي نصيحت ٿو ڪري ته هميشه سڀني سان ڀلائي ڪريو ۽ ٻين سان ڀلائي ڪرڻ کان وڌيڪ ڪا چڱائي نه آهي ۽ ٻڻ ڀلائي جي نتيجو توهان کي ڀلائي ۾ئي ملندو ۽ ان جو اجر توهان کي الله ڏيندو. اها نظم”نصيحت“ ۾ ٻڻ هڪ بهترين نصيحت آهي.جيڪو ٻارن جي ڪردارسازي ۾ ٻڻ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو.

**ٻارو اچي مڙو هڪ ماڳ(نظم)**

” ڳايون چئن مندن جو راڳ،

هڪڙي تن مان آهي بهار

هي مند آهي واهه جي ٻار،

وڻ ٽڻ ڏسجن ٿا سڀ سهڻا.

باغ لڳن ٿا من کي مهڻا،

وڃي بهار ته اچي اونهارو،

ٻول انهيءَ جو آهه نيارو،

پوءِ سرءُ ٿي اچي وري،

هوا لڳي ٿو گهم پري.

ٿيو سرءُ جو پورو وارو،

آيو تنهن تان وري سيارو،

هوا اتر جي ڪري سوساٽ،

سيءُ ۾ پون ٺريو گهر گهاٽ،

ڇئن مندن ۾ پورو سال،

وري ٿئي ٿو ساڳيو حال.“

(مسافر، بحواله بخاري، 2017ع ص 5)

**تشريح:** هن نظم ۾ محمد صديق مسافر پنهنجي ديس جي مندن جي ذڪر ڪندي ٻارن کي مخاطب ٿيندي چوي ٿو ته هر هڪ مند جي پنهنجر خوشبو هوندي آهي. بهار جي مند ۾ وڻ ٽڻ ۽ ٻوٽا سڀ سهڻا ڏسڻ ۾ ايندا آهن. اونهاري کان پوءِ سرءُ ٿي اچي ۽ ان ۾ هوا گهم پري لڳي ٿي. ان کان پوءِ وري سيارو، جنهن اتر جي هوا ڪري سوساٽ ۽ گهر گهاٽ ٺريو پون ۽ وري ٿئي ٿي ساڳيو حال.

**ٻار جي سنڀال**

” جنهن ٻارڙي جي پرگهور پوري سنڀال ٿئي ٿي،

تنهن جي ڳلن تي لالي، گل جي مثال ٿئي ٿي.

گدلي رهڻ جي عادت هاجو ڪري ٿي ڪيڏو،

پيءُ ماءُ لئه اُنهن جي جندڙي وبال ٿئي ٿي.

ميري، ڪِني رهڻ کان جت آهه خا ص نفرت

اُت موت کي اچڻ جي ڪهڙي مجال ٿئي ٿي.

جت سادگي صفائي تن من جي اوجلائي،

”بيوس“ اُتي اگهائي، خود پائمال ٿئي ٿي.“

(بيوس، 2001ع ص 1)

**تشريح:** هن بيت ۾ ڪشنچند بيوس ٻارن جي پرگهور ۽ سنڀال سٺي نموني ڪرڻ گهرجي. ٻارن جي ڳلن تي لالي گل جي مثال ٿئي ٿي. بيوس ٻارن کي گدلي، موري ۽ ڪِني رهڻ جي عادتن کان پري رهڻ جي نصيحت ڪري ٿو. ٻار کي هميشه صاف سٿرو رهڻ ۽ سادگي سان رهڻ جي هدايت ڪري ٿو.

**گُل ڦُل**

باغ دنيا ۾ جاڳيو هُل،

” ٻالڪ ننڍڙا تون گل ڦل.

رهين سپن سان ٿي رل مل،

پيارپري ٿو ڏارين دل.

صورت تنهنجي ٻالي پولي،

چا ٻاتيلي تنهنجي ٻولي.

ٻول مٺيرا جي ٿو ٻولين،

ساز سُريلا سپ ٿو کولين.

اصلي علم سمايل تو ۾،

لعلن لعل لڪايل تو ۾.

تو کي ڪو به سنئين دڳ لائي،

دنيا ۾ سورج چمڪائي

”بيوس“ تو تي پاري بار،

آئنده جو سڄو مدار.“

(بيوس،2001ع ص 2)

**تشريح:** ٻالڪ آئنده جو ابو آهي، تنهن جي مٺي مهانڊي، پيار پري دل، ٻالي پولي صورت ۽ مٺڙن ٻولن، استاد بيوس جي دل ۾ گهري ڇاپ ڇڏي آهي. ان ڪري شاعر ٻار کي مخاطب ٿيندي چوي ٿو ته ٻار هڪ گل جي مثل آهي، جيڪو سپني سان رلي ملي وڃي ٿو ۽ سندس ٻولي ٻاتيلي اٿس.

## ٻارڙن کي نصيحت (بيت)

” صبح اچي ٿو، ٿي پرڀات،

آيو ڏينهن ۽ وئي رات.

پيارا ٻُترڙا ٿيءُ سجاڳ،

شال پلو ٿئي تنهنجو ڀاڳ.

ننڊ ڦٽي ڪر سستي ڇڏ،

اُٿي ڏٽيءَ کي پنهنجو سڏ.

اول اٿي تون هٿ منهن ڌو.

منڙا اٿيءُ اچو اُجرو

ماني ڪائي مڪتب وڃ،

رکُ ادب استاد سندو،

جو پڙ تو کي پيار ڪندو.

موٽي جڏهنا اچين تون گهر،

ماءُ ۽ پيءُ جي خدمت ڪر

ماني ڪائي گهرُ  دعا،

ساٿي تنهنجو ٿئي خدا."

(حسيني، 1981ع ص 6)

**تشريح:** امداد حسيني جن هن بيت ذريعي ٻارڙن کي نصيحت ٿو ڪري صبح جي اچڻ سان ٻاڪ ڦٽي ٿي ڏينهن ٿئي ٿو ۽ رات وڃي ٿي. شاعر ٻار کي سجاڳ ٿيڻ جي نصيحت ۽ پڻي پاڳ جي دعا ڪري ٿو. ننڊ ۽ سُستي کي ڇڏي پنهنجي ڏٽي کي ياد ڪرڻ جي هدايت ڪري ٿو. صبح جو وهنجهڻ، اچو اجرو ٿي اسڪول وڃڻ ۽ استاد جو ادب ڪرڻ ۽ ماءُ پيءُ جي خدمت ڪرڻ جي تلقين ڪري ٿو. جنهن تي عمل ڪرڻ سان اسين پنهنجو پاڻ کي هڪ سٺو ماڻهو ۽ انسان ثابت ڪري سگهون ٿا. ۽ جيڪڏهن اسان ۾ اهي شيون نه هونديون ته اسان پڻي ڇا به هجون ڪٿي به هجون ته اسان بيڪار آهيون. امداد حسيني ٻارن کي نصيحت  ڪري ٿو ته  سستي کي ڇڏيو ۽ گهٽي ننڊکي به ڇڏيو ڇو ته سستي ۽ ڪاهلي انسان جي سڀ کان وڏيڪ دشمن آهي. ۽ وڏيڪ چوي ٿو ته جڏهن توهان سستي ۽ ڪاهلي ڇڏيندو ته هڪ ڪامياب شخص ثابت ڪري سگهندو..

**(ننيڙا منڙا سهڻا ٻار نظم)**

" ننيڙا منڙا سهڻا ٻار،

آس وطن جي ۽ آڌار.

هاڻي پڙهڻ جي ڪريون تياري،

ديس جي ٿيندي ناماچاري.

لفظ پڙهون ٿا سولا سولا،

گيت سکون ٿا منڙا منڙا.

راند ڪندي ٿا علم پرايون،

علم پرايون سمجهه وڌايون.

سهڻاننيڙا منڙآ ٻار،

آس وطن جي ۽ آڌار."

(سيوهاڻي، بحواله بخاري، 1981 ص 2)

**تشريح:** شاعر ٻار کي مخاطب ٿيندي چوي ٿو ته علم جي حاصل ڪرڻ لاءَ دل لڳايو ۽ ان کي پرائڻ لاءِ چاهه رکو. جيڪڏهن اوهين علم پرائيندو ته اوهان جي سمجهه ۽ سوچ وڌندي ۽اهڙيءَ ريت اوهان پنهنجي ملڪ ۽ قوم جي خدمت ڪري سگهندو.

**اچ زماني کي نئون نروار ڏس بيت**

”اچ زماني کي نئون نروار ڏس

علم ۽ انسان جو ڏس تون ڪمال

چنڊ ڏي راڪيٽ جي رفتار ڏس!

علم ۽ اخلاق سان گڏ سڪ هنر،

واڌ ۾ هن ديس جو واپار ڏس.

عدل ۽ انصاف جو ڏاڪوچماءِ،

ملڪ پنهنجي ۾ نه ڪو آزار ڏس “

(عرساڻي، 1981ع ص 3)

**تشريح:** هن نظم ”اچ زماني کي نئون نروار ڏس“ ۾ اسين آساني سان ٻارن کي همٿائيندي ڏسون ٿا. پنهنجي پاڻ کي زماني سان گڏ هلايو ۽ ٻارن کي هي شاعرنصيحت ٿو ڪري ته ڏس ته علم ۽ انسان جيو ڪيڏو ڪمال آهي. ان ڪري پنهنجي پاڻ کي اهڙو بڻاءِ ۽ ڏس هي چنڊ ۽ راڪيٽ ۽ پاڻ کي به اهڙو بڻاءِ. وڌيڪ نصيحت ٿو ڪري محمد اسماعيل عرساڻي علم سکو، هن نظم ۾ انهن ٽنهي شين جي اهميت بيان ڪئي وئي آهي ته پنهنجي پاڻ کي پڙ ڪيو. انهن شين ۾ جيڪڏهن پاڻ کي يا پنهنجي ملڪ کي اڳيان وڌندي ڏسڻ چاهيون ٿا. وڌيڪ هن نظم جي آخري بند ۾ ٻارن کي نصيحت ٿو ڪري ته هميشه عدل ۽ انصاف جو ڏاڪو چماءِ ۽ پنهنجي ملڪ ۾ هميشه جٽي به آزار، ڏک يا تڪليف ڏسو ته ان کي دور ڪريو. اهي اهڙا عمل آهن جنهن سان ٻار يا اسان پنهنجي پاڻ کي سٺا انسان بڻائي سگهون ٿا.

.

**ٻارڙن کي نصيحت (بيت)**

” صبح اچي ٿو، ٿي پرڀات،

آيو ڏينهن ۽ ويئي رات.

پيارا پُٽڙا ٿيءُ سجاڳ.

ننڊ ڦٽي ڪر سستي ڇڏ،

اُٿي ڌٽيءَ کي پنهنجي سڏ.

اول اٿي تون هٿ منهن ڌو.

منڙا اٿيءُ اچو اُجرو.

ماني کائي مڪتب وڃ،

ڳالھ سڄڻ منهنجي مڃ.

رک ادب استاد سندو،

رکُ ادب استاد سندو،

جو پڙ تو کي پيار ڪندو.

موٽي جڏهن اچين تون گهر،

ماءُ ۽ پيءُ جي خدمت  ڪر.

ماني کائي گهرُ دعا،

ساٿي تنهنجو ٿئي خدا.

سمهه وڃي پوءِ منهنجا شير،

اُٿ وري تون صبح سوير.“

(عرساڻي، بحواله بخاري 1981ع ص 4)

**تشريح:** محمد اسماعيل عرساڻي صاحب جن هن بيت ذريعي ٻارڙن کي نصيحت ٿو ڪري جنهن تي عمل ڪرڻ سان اسين پنهنجي پاڻ کي هڪ سٺو ماڻهو ۽ انسان ثابت ڪري سگهون ٿا. ۽ جيڪڏهن اسان ۾ اهي شيون نه هونديون ته اسان پلي چا به هجون ڪٿي به هجون ته اسان بيڪار آهيون. محمد اسماعيل عرساڻي صاحب ٻارن کي نصيحت  ڪري ٿو ته  سستي کي ڇڏيو ۽ گهٽي ننڊکي به ڇڏيو ڇو ته سستي ۽ ڪاهلي انسان جي سڀ کان وڏيڪ دشمن آهي. ۽ اڏيڪ چوي ٿو ته جڏهن توهان     سستي ۽ ڪاهلي ڇڏيندو ته هڪ ڪامياب شخص ثابت ڪري سگهندو پر جڏهن ڪامياب ٿيو ته ماءُ ۽ پيءُ جي خدمت ضرور ڪجو نه ماءُ ۽پيءُ جي خدمت ڪانسواءِ ڪير به پنهنجي پاڻ کي سٺو انسان    ثابت نه ٿو ڪري سگهي.

### جو کير پئي نظم

” جو کير پئي، سووير ٿئي،

ڏند زور وٺن، سٺا سهڻا لڳن.

اکين جوت وڌي، ڏاڍاي سونهن ٿئي،

وڻي زور بدن، لڳ چست ٿين.

ڪير صفا سٺو، واه ڏاڍو مٺو،

ٻارو اچو پيون، پري ڪير وٺيون.

سڀ زور وٺون، پي ڪير وڌون.

ڏي ڪير، اما، پي پڙهڻ وڃان.“

(ڳل، بحواله بخاري 1981ع ص 8)

**تشريح:** هن نظم ۾ اياز ڳل ٻارن ڪي مخاطب ٿيندي چوي ٿو ته ڪير پيئڻ سان ڏند صاقت وٺن ٿا، لڳ چست ۽ بدن زور وٺن ٿو. ڪير صفا سٺو ۽ مٺو۽ ان ڪي پيئڻ سان ٻارن جي جسم مظبوط ٿئي ٿي.

**روشن تارا (گيت)**

” هر اڪ جا هي روشن تارا،

ٻالڪ سارا آهن پيارا.

مونجھ مٿائن دل جي ٻالڪ،

دل تان لاهن ٿا مونجهارا.“

(چوهاڻ ،2001ع ص 50)

**تشريح:** هن گيت ۾ وفا منظور چوهڻ ٻارن ڪي روشن تارن سان تشبيح ٿو ڏي ۽ چوي ٿو ته هي سچا ٻار روشن تارن جيان آهن. وڌيڪ ٻارن جي اهميت بيان ٿو ڪري اسان سڀ وڏن جي زندگي ۾ ته اهي ننيڙا ٻارڙا اسان جي زندگي جي مونجھ ٿا مٿائن.

**چڱو ٻار**

”لکڻ پڙهڻ سان وڏو شوق آهي،

تڏهن هرڪو استاد مون ڪي ٿو چاهي،

مان اسڪول جو چڻ ته سينگار آهيان،

چڱو ٻار آهيان

امڙ ۽ ابي جو چئي وان آهيان،

انهن جو ڳائيندو مان احسان آهيان،

چڱو ٻار آهيان.

اُٿي صبح جو ڳڻ خدا جو ٿو ڳايان،

ڪيي سينڌ، سرمو اکين ۾ ٿو پايان،

صفائيءَ ۾ سڀني کان نروار آهيان،

چڱو ٻار آهيان.“

(غازي،2008ع ص 4)

**تشريح:** هن گيت ” چڱو ٻار“ ۾ لکڻ پڙهڻ جي شوق جو جذبو ٻار جي اندر پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. هن نظم ۾ غلام محمد غازي تمام سٺيون ڳالهيون بيان ڪيون آهن جيڪي ڪردارسازي ۾ آهم ڪردار سرانجام ڏئي سگهن ٿيون. هن ۾ ٻار کي صبح جو سوير اٿڻ، وقت سان اسڪول جي تياري ڪرڻ ۽ صفائي ڪرڻ جي ترغيب ڏني وئي آهي.

**ٻارڙا (گيت)**

”ننيڙا وڏڙا ٻارڙا

ڌرتيءَ جا هي تارڙا

گڏجي سڏجي کيڏن ٿا

اچا پورا ڪارڙا“

( مهر ، 2003ع ص 71)

**تشريح:** هن گيت ”ٻارڙا“ ۾ اسان کي ننڍن ٻارن جي خوبين جي باري ۾ بيان ڪيو ويو آهي. هن نظم ۾ خادم مهر ٻارن کي ڌرتي جي تارن يا ستارن سان تشبيح ڪيو ويو آهي. هن ۾ سڀ کان بهترين ڳالهيون بيان ڪيو ويون آهن جيڪي اسان جي ۽ ٻارن جي ڪردارسازي ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهِي ٿي. هن ۾ رنگ جي فرق کانسواءِ گڏجي سڏجي پاڻ ۾ ملي جلي کيڏن ٿا جيڪا هڪ بهترين خوبي آهي. جيڪر اها خوبي اسان وڏن ۾ به هجڻ گهرجي.

**التجا**

”هر ٻار مرڪندو رهي

گلاب جي گل جيان ٽڙي

ٻاجهارو هٿ جيجل جو

ٿئي نه ڪنهن ڪان پري“

( مهر ، 2003ع ص 43)

**تشريح:** هن گيت ”التجا“ ۾ مهر خادم الله تعالى کي التجا ٿو ڪري ۽ ان التجا ۾ اسين ٻارن لاءِ محبت، سڪ ۽ اڪير محسوس ٿئي ٿي. هن گيت ۾ مهر خادم صاحب دعا ٿو ڏئي ته ٻار هميشه مرڪندو رهي ۽ الله ٻرن جي امڙين کي سلامت رکي ۽ وڏيڪ دعا ٿو ڪري ته شل، رب سائين ڪنهن جو پيءَ ۽ ماءِ ڪڏهن به پنهنجي اولاد ڪان پري نه ٿي.

**ٻالڪ سارا (گيت)**

”مرڪن مرڪن

جُڳ جُڳ جرڪن

پيارا پيارا

ٻلڪ سارا

جهُومن جهُومن

ٻهه ٻهه ٻهڪن

رسڻ ڪان پوءِ

جلدي پرچن

پيارا پيارا

ٻالڪ سارا.

علم پرائن

چاڙ وڌائن

نظم ٻين کي

ياد ٻڌائن

پيارا پيارا

ٻالڪ سارا“.

**( مهر، 2003ع ص 16)**

**تشريح:** مهر خادم کي هن بهترين نظم ”ٻالڪ سارا“ کي جڏهن اسين پڙهندا سين ته هن نظم جي هر بند ۾ اسان کي ٻارن لاءِ پيار، سڪ، اڪير ۽ محبت نظر ايندي ۽ هن ۾ ڪردارسازي به

ڪئي وئي آهِي. هن نظم ۾ مهر خادم ٻڌائي ٿو ته ٻارن جون ننڍ يون ننڍ يون خوشيون آهن ۽ هڪ بهترين خوبي ٻارن جي بيان ڪئي وئي آهي جيڪا اسان وڏن کي پڻ اپنائڻ گهرجي جيڪي خوبي آهي ڪردارسازي ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي.. سا آهي ته ٻار جڏهن رسندا يا ناراض ٿيندا آهن ته جلدي پرچي ويندا آهن اها هڪ بهترين خوبي آهي جنهن سان هن معاشري ۾ ڪوڙ ساريون رنجشون ختم ٿي سگهن ٿيون.

ٻارن لاءِ شاعر وڏيڪ چوي ٿو ته ٻار هميشه خوش ۽ خرم رهن ٿا. رسڻ کان پوءِ جلدي پرچن ٿا. اهي هميشه علم حآصل ڪندا آهن ۽ پنهنجي چاڻ کي به وڌائيندا آهن. هيءَ نظم به تمام پياري نظم آهي جيڪا ڪردارسازي لاءِ تمام گهڻي ڪارگر آهي.

**رنگ برنگي گلڙن جهڙا (گيت)**

” رنگبرنگي گلڙن جهڙا

سارا ٻار هي خوشبو آهن

سهڻا سهڻاپيارا پيارا

سرها سرها ويس هي پائن

منهنجي ديس جا آهن تارا

آئي مند بهار جي آهي

ڳايون گڏجي گيت ٿا سارا

شال سدائين کلندا رهجو

ٿين تنهنجا ڀاڳ ڀلارا.“

(سيال، 1989ع،ص 35)

تشريح: هن بيت ۾ ذولفقار سيال جن ٻارن کي رنگ برنگي گلڙن سان تشبيح ڏيندي چوي ٿو ته ٻار منهنجي وطن جا تارا آهن جيڪي هميشه چمڪندا رهندا ۽ وڏيڪ ٻارن کي دعا ٿو ڏئي ته هميشه اُهي خوش وخرم رهن. خوش باش رهڻ يا مرڪندو رهڻ به پنهنجي ڪردارسازي کي بهتر ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي.

### 4.2.2 فطر

فطرت جي لغوي معنى آهي قدرت، بناوت، طبيعت، مزاج (بلوچ، 2017ع، ص 452). ٻار فطرت جي هڪ خوبصورت تخليق آهي، جيڪو لفظن جومحتاج ئي ناهي، هو پنهنجي اظهار لاءِ ٻنان معنى ۽ ترتيب وارا لفظ چئي ٿو. هننن جون ٻاتيون ٻوليون ۽ ٻول ٻوليءَ جي بگاڙ ۾ نه پر ان جي ميٺاج ۾ شمار ڪيا وجن ٿا. (سنڌي، 2014ع: ص مهاڳ )

**(بيت)**

**حياتي**

جستجو آهي ضروري، زندگي لاءِ سائين،

زندگي لئه ڪي نوان گيت ڳانا ڳايو.

هت نه پاڻي هجي، پوءِ ڪئين ڪاٺو ڪائبو،

ٿي پلا مجبور بک تي، ڪيترو ڳالهائبو.

(غازي، 1977ع ص 1.4)

**تشريح:** هن بيت ۾ اسان کي فطري شين جي باري ۾ ٻڌايو ويو آهي ته اهي قدرتي يا فطرتي شيون پڻ انسان جي ڪردارسازي ۾ وڏي اهميت رکن ٿيون. جنهن ۾ حياتي يا زندگي جي وڏي اهميت آهي. هن بيت ذريعي اسان کي اها نصيحت ملي ٿي ته جيڪو شخص دنيا ۾ اڳتي وڌڻ چاهي ٿو ته ان کي پنهنجي حياتي ۾ جستجو يا محنت ڪرڻ تمام لازمي آهي. هن بيت ۾ اسان کي محنت ۽ جستجو جي باري ۾ ٻڌايو ويو آهي ۽ وڌيڪ بيان ڪيو ويو آهي ته هن دنيا ۾ پاڻي ۽ ڪاٺي جي اهميت آهي. انهن سڀ شين جي قدر ڪرڻ گهرجي.

**(بيت)**

**روشني**

سوا روشني جي ڏسي ڪين سگهبو

اونده ۾ ويهي لکڊ ڪين سگهبو.

(غازي، ص. 01 1997)

**تشريح:** هن بيت ذريعي اسان کي روشني جي اهميت جي باري ۾ بيان ڪيو ويو آهي جنهن ۾ اهو ٻڌايو ويو آهي ته روشني اسان کي ڏسڻ ۽ سمجهڻ ۾ وڌيڪ مدد ڪري ٿي. روشني ئي آهي جيڪا اسان کي صحيح طور انسان بنڻ ۾ مدد ڪري ٿي. روشني قدرتي شين ۾ شامل آهي جيڪي پڻ انسان جي ترقي ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي.

**(بيت)**

**تارا**

ڪاري رات ۾ نڪري تارا،

ڪيڏا لڳندا آهن پيارا.

(غازي، ص 01 1977)

**تشريح:** هن بيت ۾ قدرتي شين جي تعريف ٿيل آهي جنهن ۾ ڪاري رات ۽ تارن جو ذڪر ڪيل آهي جيڪي اهي ٻئي شيون قدرتي شين سان لاڳاپيل آهن.

**(بيت)**

**چنڊ**

چنڊ اڀري اونده مٽائي،

۽ ٿو ساري جڳ ۾ چمڪائي.

(غازي، 1977ع ص. 10)

**تشريح:** هن بيت ۾ پڻ قدرتي شين جي اهميت ۽ انهن جو اسان جي زندگي ۾ ڪهڙو عمل دخل آهي اهو بيان ڪيو ويو آهي. هن بيت ذريعي غلام محمد غازي صاحب اسان کي چند جي اهميت جي باري ۾ ٻڌائي ٿو ۽ اهو پڻ چوي ٿو ته چنڊ اسان جي جڳ کي روشني ڪري ٿو ۽ جيڪا اونداهي آهي اها مٽائي ٿو .

**(بيت)**

**سج**

سج چڙهي هر شيءِ چمڪائي،

سج چڙهي سنسار سجائي.

(غازي، ص 01 1977)

**تشريح:** هن بيت ۾ اسان کي سج جي اهميت جي باري ۾ بيان ٿيل آهي ۽ ٻن سٽن جي ذريعي اهو ٻڌايو ويو آهي ته الله تعالى جون تخليق ڪيل هر شيون انسانن لاءِفائديمند آهن. جنهن ۾ سج پڻ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو. سج هر شيءِ کي چمڪائي ٿو ۽ انسان جي دنيا کي روشني فراهم ڪري ٿو. جنهن ۾ انسان کي شين کي سمجهڻ ۽ سڃاڻڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو.

**(بيت)**

**ڌرتي**

ڌرتي مان هر ڌن مليو ٿو،

ڌرتي سان هر من کليو ٿو.

ماکي ۾ فولاد سمورو، کائڻ سان ڏي طاقت،

هر بيماري دور ڪري ٿي، دل کي ڏي ٿي راحت.

(غازي، ص 01 1977)

**تشريح:** پهرين بيت ۾ اسان کي قدرت طرفان عطا ڪيل شيءَ جي باري ۾ بيان ڪيو ويو آهي ته الله تعالى جي تخليق ڪيل شين مان ڌرتي به هڪ آهي ذريعي اسان دولت، ڌن، خزانو ۽ اناج ملي ٿو.

هي شعر ۾ سنڌي شاعر غلام محمد غازي فرمائي ٿو ته قد رتي شين مان ماکي جو به هڪ اهم عمل دخل آهي. ماکي کائڻ سان اسان کي طاقت ءَ سگهه ملي ٿي ۽ ڪيترن ئي بيمارين جوعلاج پڻ ماکي ۾ آهي ۽ اسان جي دل کي وڏي راحت ملي ٿو. اهي سڀ قدرتي شيون انسان ذات لاءِ وڏيون فائدي رسان خاصيتون آهن.

**سنڌو درياءُ**

سدائين تو ۾ آهي آب جاري،

ٿئي سانوڻ ۾ توکي ٿي بهاري.

سدا اڪسير تنهنجي آبياري،

تنهنجي واري به آهي سون واري،

ڪرين ٿو شاد ۽ خوش خلق ساري.

(چنا، سنڌي درسي ڪتاب ڪلاس ستون ص. 89)

**تشريح:** هن بيت ۾ حافظ محمد احسن چنا قدرت جي هڪ ڪرشمي کي تمام بهترين طريقي سان بيان ڪيو آهي ۽ ان جون خوبيون خاصيتون بيان ڪيون اٿس. وڌيڪ هن بيت سنڌو درياءُ ۾ فرمائي ٿو ته درياءُ پاڻي مهيا ڪري ٿو جيڪو زندگي جي بقاءَ لاءِ تمام ضروري آهي. درياءُ انسانن جي ڪيترين ئي دور ڪري ٿو. پنهنجو پاڻي مهيا ڪري جنهن سان ابساب پوک ڪري پيٽ پري ٿو. وغيره وغيره.

**واهه قدرت رب ڪريم!**

اڄ ته باغن ۾ بهاريون، واهه قدرت رب ڪريم!

اڄ ته ملڪن ۾ ملهاري، واهه قدرت رب ڪريم!

(ملاح، درسي ڪتاب ستون ص 43)

**تشريح:** هن بيت ذريعي اسان کي هي سنڌي شاعر مولوي حاجي احمد ملاح الله جي قدرت جي تعريف ڪندي فرمائي ٿو ته الله تعالى جا اسان تي لکين ٿورا آهن. قدرت جو ڪم انسان جي فلاح وبهبود آهي. اها قدرت ئي جيڪا انسان جي ڪردارسازي ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو.آهي

**(بيت)**

**بهار آيو**

چنبيلي، موتيو، نرگس، گلابي گل ٽڙيا آهن،

اکيون تن ۾ وڃي اٽڪن، بهار آيو، بهار آيو!

(بزمي، درسي ڪتاب، ستون ڪلاس، ص66)

**تشريح:** چنبيلي، موتيو، نرگس، گلابي گل ۽ بهار وغيره قدرتي شيون آهن جيڪي الله تعالى اسان جي ڀلا.ي ۽ بهبود لاءِ پيدا ڪيون آهن ۽ اهي سڀ شيون قدرتي آهن. هن بيت ذريعي قدرتي شيون ٻڌايون ويون آهن. بهار الله تعالى جي تخليق ڪيل شين مان هڪ آهي جنهن ۾ وڻ، ٽڻ ۽ ٻوٽا ٽڙن ٿا ۽ خوشبو رسائن ٿا.

**(بيت)**

**بادل ٻوڙو**

بجلي چمڪي چم چم چم، پاڻي برسي رمجهم رمجهم،

ٿ چوڌاري چم چم چم چم، رنگجي رنگ نئين ۾ عالم،

ڪارا ڪارا بادل ٻوڙ.

(دکايل، ، سنڌي درسي ڪتاب ڪلاس اٺون، ص61)

**تشريح:** بجلي، پاڻي ۽ عالم وغيره اسان جي قدرت ۾ اچن ٿا. هن بيت ذريعي قدرت ۽ فطرت بيان ڪئي وئي آهي ته بادل اچڻ ، بارش جي اچڻ جي هڪ نشاني آهي ۽ بارش خوشحالي جي نشاني آهي. بارش سان سڄي دنيا فائدو حاصل ڪندي آهي ۽ ملڪ سرسبز ٿيندو آهي. تنهن ڪري چئي سگهجهي ٿو ته قدرتي شيون جيڪي به الله تعالى انسانن لاءِ خلقيون آهن. اهي سڀ انسانذات، حيوانن ۽ ٻوٽن لاءِ ڪارائتيون ۽ فائديمند آهن. ائين ئي اسان کي پڻ هر انسان، حيون ۽ ٻوٽن لاءِ فائديمند هئڻ گهرجي. اهي خاصيتون پڻ ڪردارسازي ڪري سگهن ٿيون.

**شاگرد**

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ سنڌي لغت ۾ لفظ 'شاگرد' جي لغوي معنى لکي ٿو ته: طالب علم- متعلم- اُستاد کان سکندڙ. سکيا وٺندڙ. ٻالڪو- پوئلڳ. (بلوچ، 2017ع ص408 ). محبوب علي جوکيو لکي ٿو ته: ''مثالي شاگرد اهو آهي جيڪو پنهنجي ۽ پنهنجي والدين جي مقصدن، قوم جي مراد ۽ملڪ جي اميدن موجب ڪم ڪري ۽ ٻڌايل اصولن ۽ مقرر ٿيل قانونن پٽاندر محنت ڪري ۽ پاڻ ۾ اهڙا گڻ ۽ اخلاق پيدا ڪري، جو ٻيا شاگرد هن جي پيروي ڪرڻ لاءِ تيار ٿين، بلڪه مجبور ٿين، ۽ هر وک تي هن جو مثال وٺڻ ۽ هن جي نموني تي به هلن ۽ محنت ڪن ٻين کي به ائين ڪرڻ جو ڏس ڏي" (جوکيو، 1981 ع ص 1 ). محبوب علي جوکيو لکي ٿو ته: " جيڪڏهن ويهي سوچجي ته اسين سڀ شاگرد آهيون. هن دنيا ۾ اسين سڀ سکڻ آيا آهيون ۽ سکندا رهون ٿا. اسين ڄمڻ شرط سکڻ جو عمل شروع ڪري ڏيون ٿا. پهريائين ماءُ ٿڃ پيارڻ سيکاري ٿي، پوءِ ابا ۽ اما ڪرڻ سيکاري ٿي، ۽ ٻين شين جا نالا سيکاري ٿي ۽ انهن جا فائدا ۽ نقصان پڻ ٻڌائي ٿي. اٿي ويهڻ، ريڙهيون پائڻ، پنڌ ڪرڻ، ٻوڙون پائڻ ۽ ٻيا ڪيترائي عمل اسان کي گهر ۾ئي سکڻا پون ٿا. جڏهين اسين گهر مان ٻاهر نڪرڻ جهڙا ٿيون ٿا ۽ اسان جي سمجھ ڪجھ وڌي ٿي، ته اسان کي اسڪول موڪليو وڃي ٿو.جتي اسان جي لکڻ ۽ پڙهڻ جو خاص انتظام ڪيل آهي اسان کي ڪيترن ئي ڪتابن جي وسيلي، وڏن اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽن ۾، وڌيڪ تعليم ڏني وڃي ٿي. انهيءَ جو مطلب اهو آهي ته اسين پينگهي کان وٺي قبر تائين، تائين شاگرد

يعني سڪندڙ آهيون. انهيءَ ڪري نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسم جن فرمايو ته پينگهي کان وٺي قبر تائين علم حاصل ڪريو“.(جوکيو، 1981ع ص1)

**پنهنجي مدد پاڻ ڪريو(گيت)**

”جو نه پنهنجي مدد ڪري ٿو پاڻ،

ڪير ڪندو مدد اچي ان ساڻ.

ڏس پنهنجي همٿ سندا ڪر ڪم ڪار،

ٿي ادا مڙس، پنهنجو ٻوٽو ٻار.“

**(مرزا، 1981ع ص 6)**

**تشريح:** هن بهترين گيت ۾ مرزا قليچ بيگ صاحب ٻارن کي ُهمٿائي ٿو ته پنهنجي مدد پاڻ ڪريو ڪنهن ٻئي تي نه ڀاڙيو ۽ هميشه پنهنجي همٿ بلند رکو ۽ ان همٿ جي بدولت تمام وڏو سوچيو. همٿ ڪيوڊيڪ تاڪيد ڪري ٿو ته جي ڪجھ ڪرڻو آهي ته پاڻ پنهنجي قسمت تبديل ڪيو. اهو پڻ ڪردارسازي لاءِ هڪ اهم نظم آهي جيڪا ٻارن کي همٿ ڏيڻ ۽ پنهنجي تقدير پنهنجي مدد ڪري پاڻ تبديل ڪرڻ جو سبق ڏئي ٿو.

**قدم وڌائي اڳتي هل نظم**

” سستيءَ مان ڇا هڙ حاصل، قدم وڌائي اڳتي هل.

چنڊ تي پهتو آ انسان، محنت جو سڀ آهي ڦل.

ڪنهن جو تون محتاج نه ٿي، ڪنهن جي آڏو جهول نه جهل.

همت وارنجي آڏو، جهُڪي پوي ٿو نيٺ جبل.

گرمي سردي سِر تي سهي، گل جهلي ٿي تڏهن وَل.

گذري جيڪو وقت ويو، هاڻي انهيءَ تي هٿ نه مل.

ڏونگرپاڻ ڏري پوندا، اگر ارادو آهي اَٽل.

علم ته آهي سچ جي واٽ، واٽ انهيءَ تي هلندو هل.

پهاڙ پرزا ٿي پوندا، ٻانهُن ۾ آهي ٻَل.

وقت وڃائي، مفت متان،

قيمت لهڻي هرڪو پلَ.“

(حسيني، بحواله بخاري 1981ع ص 5).

**تشريح:** هن نظم ۾ شاعر ٻارن کي سستي جو رستو ڇڏي ڪري همت ۽ محنت جو درس ڏئي ٿو. ڪنهن جي اڳيان جهول نه جهلڻ گهرجي ڇاڪاڻ ته محنت ڪرڻ وارن ۽ همت وارن جي اڳيان جبل به جهڪي پون ٿا. ٻارن کي پنهنجي ارادي کي اٽل رکڻ سان گڏوگڏ وقت کي اجائي وڃائڻ کان منع ڪيو آهي.

**سهڻيءَ سنڌ جا روشن تارا.**

” شال سدائين جڳ مڳ جرڪن،

سهڻا ٻار سي روشن تارا.

ٻاتائون پهتاڻ جنين کي سهڻي ٽوپي ساڻ تنين کي.

پ ۽ ڳاڙهي اجرڪ وارا، ٿو

سهڻا ٻار سي روشن تارا.

حق جي هردم لاٽ لنون ٿا، هر هنڌ جيڪي سچ چون ٿا.

همت وارا ٻار سگهارا،

سهڻا ٻار سي روشن تارا.

ماڪيءَ جهڙا مٺڙا پيارا،

سهڻا ٻار سي روشن تارا.“

(گل، بحواله بخاري، 1981ع ص 8)

**تشريح:** شاعر ٻارن کي روشن تارن سان تشبيح ڏني آهي ۽ جيڪي ٽوپي اجرڪ پائي تمام سهڻا لڳن ٻارن جي قدرتي فترت هوندي آهي ته اهي هميشه سچ چوندا آهۓ ماڪي جهڙا مٺڙا هوندا آهن.

**نصيحت (گيت)**

”ٻڌو و پيارا ٻارو سڀئي ٻڌو

ڪيان ڳلھ جيڪا سا ڪن ڏئي ٻڌو.

جڏهن صبح جو باک ساجهر ڦُٽي

۽ نيٽن اوهان جي ننڍڙي ڪُٽي.

اول سپ کان اوهين سنپاري ڏٽي

هٿو ڏندڻ روزانو ۽ ڏيو ڦٽي.

وجو جلدي جلدي پوءِ اسڪول ڏي

ادب سان سلامي ڏيو استاد کي.

سبق کي نه جلدي وساري ڇڏيو

ذهن تي سو جلدي تيري ڇڏيو.

رهو پنهنجي امتحان جي لاءِ تيار

ڪيو روز محنت ۽ ٿيو هو شيار.

ادب سان اچو پيش وڏڙن اڳيان

ڪيو قرب جي ڳالهه ننڍڙن اڳيان.“

(درگاهي اختر،1989 ع ص 16)

**تشريح:** هن نظم ۾ اختر درگاهي جن هڪ بهترين نصيحت ڪري ٿو ته جيڪا ٻارن جي صحت ۽ تندرستي سان لاڳاپيل آهي. چوندا آهن ته صحتمند ۽ تندرست ٻار صحتمند ۽ تندرست شخص ٿي سگهي ٿو تڏهوئي تندرست ۽ صحتمند شخص هڪ صحتمند معاشرو جوڙي سگهي ٿو ته تندرستي ۽ صحت جو پڻ ڪردارسازي ۾ اهم ڪردار آهي. هن نظم ۾ اختر درگاهي صاحب ٻارن کي نصيحت ڪري ٿو ته جڏهن به صبح جو سوير اٿو ته پنهنجي رب کي ياد ڪريو ۽ ان جو شڪر ادا ڪريو ۽ وڏيڪ اٿڻ کان پوءِ ڏندڻ ڪريو ۽ پڻ ڦڻي ڏيو. وڏيڪ فرمائي ٿو ته تيار ٿيڻ کان پوءِ اسڪول وڃو ۽ ادب ۽ احترام جي باري ۾ پڻ فرمائي ٿو ته استادن جو احترام ۽ ادب ڪريو جيڪو پنهنجي استادن جو ادب ۽ احترام ڪندو آهي اهي ماڻهو ڪامياب ٿيندا آهن. ۽ وڏيڪ ٻارن کي نصيحت ڪري ٿو ته جلدي جلدي پنهنجو سبق ياد ڪريو ۽ هميشه پنهنجي سبق لاءِ تيار رهو.

وڏيڪ آخري بند ۾ فرمائي ٿو ته هميشه محنت ڪريو ڪامياب ٿيڻ لاءِ. هميشه پنهنجن وڏن بزرگن جي اڳيان عزت ۽ احترام سان پيش اچو ۽ هميشه پيار ۽ قرب سان اچو پنهنجن ننڍن سان. اهي سڀ ڳالهيون ڪردارسازي ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون ۽ ان نظم لاءِ اهو چوڻ تمام صحيح هوندو ته هن نظم جي لفظن تي عمل ڪرڻ سان ٻاڻ کي بهترين شخص ثابت ڪري سگهون ٿا.

**اصول (گيت)**

”انسانيت سکي تون انسان ٿي پيارا

انسان ساڻ الفت پنهن جو اصول ڪرتون.

هيٺن کي ڏج هٿڙا، آدار ٿي انهن جو،

اڳواڻ پنهن جو پيارا، پيارو رسول ڪر تون.

تو کي اگر ملي ڪا تڪليف راه حق ۾،

انعام ان کي سمجهي جلدي قبول ڪر تون.

همٿ سان حق کسي وٺ، خيرات گهر نه ڪنهن کان،

پنهن جو حصو بين کان زوري وصول ڪرتون..

محنت ڪري مٿاهين تعليم پڙهه ضروري،

ويهي نه وقت پنهن جو پڙا فضول ڪر تون.

مرڪي ورهاءِ ”گل“ جان خوشبوءِ هيڏي هوڏي،

هڪڙي گهڙي نه پنهن جو منهڙوملول ڪر تون.“

(گل ، 1985 )

**تشريح:** هن بهترين نظم ۾ مقصود گل جن بهترين اصول پيش ڪيا آهن جنهن اصولن تي عمل ڪري اپنائڻ سان اسان پنهنجو ڪردار بهترين ڪري سگهون ٿا ۽ پنهنجي پاڻ کي هڪ بهترين ۽ ڪارآمد شخص بڻائي سگهون ٿا ۽ پنهنجي ملڪ ۾ امن قائم ڪري سگهون ٿا ۽ ان کي ترقي ڏياري سگهون ٿا. هن بيت ۾ جيڪي اصول بيان ڪيا ويا آهن اهي آهن ته سڀ کان پهريان انسان ٿيو ۽ انسان سان پيار ۽ الفت ڪيو. هيڻن ۽ ڪمزورن جي هميشه مدد ڪريو ۽ حضور اڪرم صلعم کي پنهنجو اڳواڻ ڪري ان جي راه تي هل ۽ ائين ڪرڻ سان پار پنهنجي پاڻ کي هڪ بهترين ڪردارسازي ڪري سگهن ٿا. وڌيڪ هن بيت ۾ صبر جي تلقين ڪري ٿو. شاعر ته هميشه سٺي ۽ پلي ڳالهه ڪرڻ ضرور تڪليف ايندي آ ته ان کي انعام سمجهه ۽ صبر ڪريو.

وڌيڪ هن نظم ” اصول “ ۾ اصول بيان ڪيا اٿن جيڪو توهان جو حق آ اهو ڪسي وٺو ۽ خيرات گهرڻ، پنڻ کان يا ڪنهن جي اڳيان هٿ جهلڻ کان منع ٿو ڪري . شاعر وڌيڪ اصول ٿو بڌائي ته ُميشه محنت ڪريو چو ته محنتي يا مزدور خدا جا دوست آهن ۽تعليم حاصل ڪرڻ جي به تاڪيد ڪري ٿو .شاعر ٻارن کي فضول ويهڻ کان ۽وقت ضايع ڪرڻ کان به پاسو ڪرڻ جو اصول بڌايو آهي ۽ ڪنهن به ڳالي تي ڏکي نه ٿيو.

اهي سڀ اصول بهترين اصول آهن جنهن تي عمل ڪرڻ سان اسان پنهنجي ڪردارسازي ڪري سگهون ٿا ۽ پنهنجي پاڻ کي هن معاشري جو هڪ ڪارگر شخص ثابت ڪري سگهون ٿا.

## سهڻي صلاح (گيت)

”سدائين وڏن جي چوڻ تي هلو

انهيءَ ۾ سڀن جو سراسرڀلو.

بزرگن جي عزت، سدا ڌارجو

ڏجو پيار ننڍن، نه تن مارجو

نه ڏجو جاءَ ڪا ڪوڙ کي جان ۾ .

ڪتر ٿو وجهي ڪوڙ ايمان ۾

وڏن لاءِ عزت ۽ ننڍن لاءِ پيار.“

(مائل، 1981ع ص 4 )

**تشريح:** مائل جي هي خوبصورت، پياري نظم تمام اهم نظم آهي جيڪا ٻارن جي ڪردارسازي لاءِ نصيحت ٿيل آهي. مائل صاحب جي نصيحت ۾ جيڪي به خوبيون بيان ڪيون ويون آهن.

انهن ڪانسواءِ ڪڏهن به ڪير پنهنجي پاڻ کي بهترين شخص قرار نه ٿو ڏئي سگهي. ائين چوڻ غلط نه هوندو ته جيڪڏهن ٻار انهن خوبين تي ۽ ان سهڻي صلاح تي جيڪو عمل ڪندو ته ان جي ڪاميابي پڪي آهي. مائل صاحب سهڻي صلاح ۾ فرمائن ٿا ته هميشه وڏن جي فرمانبرداري ڪريو چو ته انهيءَ ۾ ئي توهان جو سراسر ڀلو آه ي. هميشه پنهنجن بزرگن جي عزت ڪجو ۽ پنهجن ننڍن کي هميشه پيار ڏجو ۽ انهن کي ڪڏهن به نه مارجو.اها به صلاح ڏني وئي آهي ته ڪڏهن به ڪوڙ نه ڳالهائجو جنهن ڪري ڪوڙو ماڻهو ڪڏهن به سٺو، بااثر ۽ سٺو انسان نه ٿو سڏائي سگهي. هميشه انهن جوبين تي عمل ڪريو. انهن خوبين کان سواءِ ڪنهن جو به ڪردارسازي بهتر نه ٿي سگهي ۽ انهن کان سواءِ ڪو به پنهنجي پاڻ کي سٺو انسان نه ٿو بڻائي سگهجي.

**اسڪول ( گيت )**

” اسڪول وڃو اسڪول وڃو،

هي عرض اوهان منهنجو به مڃو.

ڳالهه چڱي اسڪول وڃڻ آ،

بهتر ين ۾ علم پڙهڻ آ.

اسڪول ۾ استاد سٺا هِن،

تن جا بيحد ٻول مٺا هن.“

(چوهاڻ ، 2001ع ص 59)

**تشريح:** هن خوبصورت نظم” اسڪول“ ۾ اسين اسڪول وڃڻ جي نصيحت ٿا پڙون جيڪو شاعر ٻارن کي نصيحت ڪري ٿو ۽ اسڪول اهو ادارو آهي جنهن ۾ ٻار سکڻ ۽ علم حاصل ڪرڻ لاءِ داخل ٿيندو آهي ۽ واپس هڪ ڪامياب انسان بڻجي ن ڪرندو آهي جسڪو پنهنجي گهر، خاندان، ڳوٺ، شهر ۽ ملڪ جي خدمت ڪندو آهي. ۽ هن نظم ۾ اسڪول وڃڻ ۽ علم جي حاصل ڪرڻ تلقين ٿيل آهي. هن نظم ۾ ٻارن کي اسڪول وڃڻ جي نصيحت ڪئي وئي آهي ته اسڪول هلو. سڀ ڀلين ڳالهين مان اها هڪ اهم ڳالهه آهي ته اسڪول وڃڻ ۽ اسڪول وڃي علم حاصل ڪرڻ آهي . اسڪول جي اهميت بيان ڪندي وڌيڪ شاعر تاڪيد ٿو ڪري ته اسڪول ۾ استاد سٺا آهن ۽ اها اسان کي تمام گهڻو ڪجهه پڙهائن ٿا.

**علم ۽ عظمت (گيت)**

” آ محنت ۾ عظمت، پڙو هيءَ ٻارو

علم آهي دولت، پڙهو هيءَ ٻارو

علم سون آهي ۽ تعليم زيور

رکو چاه ان سان، سکو هيءَ ٻارو

چئو سچ، ٻڌو سچ، ڏيو مان سچ کي

سدا ڳالهه من ۾، رکو هيءَ ٻارو

جهالت جهڙي دشمن ڪوئي نه آهي

علم روشني آ، ڏسو هيءَ ٻارو“

(سيال ، 1989ع ص 19)

**تشريح:** ذوالفقار سيال جن جو بهترين گيت ”عڪم ۽ عظمت“ آهي جيڪو ٻارن جي بهترين ڪردارسازي ڪري ٿو ۽ هن گيت جي ٻولن يا لفطن تي عمل ڪرڻ سان ٻاڻ کي بهترين ٻار يا شخص بڻائي سگهجي ٿو ۽ ان سان گڏوگڏ پنهنجي معاشري ۾ هڪ ذميدار سگهڙ ۽ فئديمند شخص يا ٻار بڻائي سگهجي ٿو. ان نظم جي ٻولن تي عمل ڪرن سان اسان پنهنجي معاشري ۾ امن ۽ سڪون آڻي سگهون ٿا. هن گيت ۾ ذوالفقار سيال اسان کي نصيحت ۽ صلاح ڏيندي چوي ٿو ته عظمت صرف ۽ صرف محنت ۾ آهي . ۽ وڌيڪ چوي ٿو ته علم ۾ ئي دولت اٿو ان ڪري علم حاصل ڪريو ۽ علم سان ئي چاهه رکو. وڌيڪ نصيحت ڪندي چوي ٿو ته هميشه سچ ڳالهايو ۽ سچ ڳالهائڻ واري کي هميشه عزت ۽ مان ملندو آهي ۽ ان سان گڏوگڏ ٻاڻ ۾ ٻه سچ ٻڌڻ جي صلاحيت رکو ۽ هميشه سچ کي مان ۽ عزت ڏيو.ان گيت ۾ ذوالفقار صاحب چئي ٿو ته ٻارو جهالت سڀ کان ي وڌيڪ دشمن اٿو ۽ ان دشمن کي صرف علم ذريعي ئي شڪست ڏئي سگهجي ٿي.هن گيت ۾ ذوالفقار سيال ٻارن کان واعدو ٿو وٺي ته هميشه علم حآصل ڪندو. سچ ڳالهائيندو ۽ محنت ۾ ئي عظمت سمجهندو. اهي خوبيون تمام اهم آهن ڪنهن به معاشري جي ڪردارسازي ۾.

## 4.3 ٻارن **جي شاعريءَ جا مقبول ڪردار ( ٻار ۽ ان جا رشتا، ٻار ۽ سماج)**

### ٻار ۽ ان جا رشتا

تحقيق مان معلوم ٿيو آهي ته ماءُ، پيءُ، ڀائرن ڀينرن ۽ دوستن جو اسان جي ذهنن تي وڏو اثر هوندو آهي، جن مان ماءُ تمام خاص ۽ اهم هوندي آهي. جڏهن ٻار واڌ ويجهه ڪندو آهي ته گڏو گڏ هو لاشعوري طور تي جذبات ۽ رويا به سکندو ويندو آهي، اهڙي قسم جي سکيا خاص ڪري شروعاتي 18 کان 25 سالن جي چمار تائين ٿيندي آهي. مستقبل ۾ ٻار پوري دنيا سان ڪهڙو رويو رکي ٿو، ان جو دارومدار ان ڳالهه تي هوندو آهي ته ان ٻار جي ماءُ ساڻس ڪهڙو رويو ٿي رکي. مزي جهڙي ڳالهه ته ٻار ماءُ کي ڪيئن ٿو ڏسي، يا ان سان زباني يا غيرزباني ڳالهيون

ڪيئن ٿو ڪري، ان جو ٻنهي جي جذباتي صحت تي وڏو اثر پوندو آهي. ايتري قدر جو هڪ 6 مهينن جي ٻار کي به اها خبر پوندي آهي ته سندس ماءُ ڪاوڙيل آهي، خوش، اداس، ٿڪل يا پريشان آهي. (ٿاروائي، انٽرنيٽ)

## ٻار ۽ ماءُ جو ناتو

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ پنهنجي ڪتاب ’سنڌي لغت‘ ۾ لفظ ماءُ جي معنى لکي ٿو ته: ”ماءُ: اُها عورت جنهن ڄڻيو هجي - والده - مادر- امڙ- آئي“. (بلوچ، 2017ع ص 602 ). نسرين هاشمي لکي ٿي ته” ’ امان‘ ، ’آئي‘، ’جيجل‘ ۽ ’ماءَ‘ هڪ ئي ڪردار جا انيڪ نالا آهن.اُهي لفظ اُچارڻ ۾ مٺا آهن، ان رشتي ۾ ميناج پڻ آهي، ڇو ته ماءُ جو ڪردار به اهڙوئي منڙو آهي، هونئن ته هر ماءُ پنهنجن ٻچن لاءِ ڇپر ڇانو هوندي آهي، پر ڪن مائرن جا ڪردار اولاد لاءِ رهنما هوندا آهن ۽ جيڪي سماج ۾ هڪ مثالي حيثت رکندا آهن“ (هاشمي، 2005ع ص 9.). ڊاڪٽر نواز علي شوق ماءُ جي مطلق لکي ٿو ته: ”انساني ناتي ۾ ماءُ کان وڌيڪ پياري ٻي ڪابه شيءِ ڪانه آهي. ماءُ جا پنهنجي اولاد تي ايترا ته ٿورا آهن، جوسندس اولاد اُهي

ٿورا ساري ڄمار ۾ به لاهي نه ٿو سگهي“ (شوق 1981ع ص 4) ). مير آصف پنهور لکي ٿو ته: ” ڪنهن عالمي مفڪر جو قول آهي ته ٻار جي پهرين درسگاهه ٻار جي ماءُ جي گود آهي، يعني ٻار جو پهريون مڪتب سندس گهر آهي. جتان ٻار پنهنجي بنيادي سکيا تعليم وتربيت،، اٿڻ، ويهڻ، کائڻ، پيئڻ ۽ ڳالهائڻ وغيره سکي ٿو، يعني اهو آهي ٻار جو سڌرڻ، سنوارڻ جو بنياد. والدين ۾ وري ماءُ جو ڪردار وڏي اهميت رکي ٿو، ڇو ته ماءُ ٻار جي پهرين استاد به آهي، ۽استاد به ٻار جو آئينو آهي. ان مان ٻار پنهنجي عادتن ۾، خصلتن ۾، سڌارو يا بگاڙ آڻي سگهي ٿو“ (مير، 1997ع ص4 ). محبوب علي جوکيو لکي ٿو ته: ” ما ٻار جو پهريون ۽ مشفق استاد آهي. ٻار جو هن دنيا ۾ اچڻ کان پوءِ، ماءُ ئي پهريون رهنما ءُ استاد آهي. هوءَ گهر ۾ ڪيس ڪيترين ئي شين کان واقف ڪرائي ٿي ۽ ڪيترائي ضروري عمل سيکاري ٿي ۽ منجهس سٺيون عادتون وجهي ٿي. جيترو پيار ۽ گهڻگهرائي ماءُ جي دل ۾ ٻار لاءِ موجود آهي، تنهنجو ته ڪو مثال ئي ڪونهي“(جوکيو، 1981ع ص 3).

**(ماءُ ۽ پيءُ جو چيو مڃجي نظم)**

”ماءُ ۽ پيءُ جو چيو مڃجي،
سدا ادب ۾ تن جي رهجي.
نت استاد کي مان ڏجي،
جيئن هو چوي تيئن ڪجي.
ڀاءُ ۽ ڀيڻ سان رکجي پيار،
تن سان نه ڪجي ڪو تڪرار.
سوير سمهجي سويل اُٿجي،
اول ڏڻيءَ جو نالو ڳنهجي.
ڪوڙ نه ڇئجي ڏجي نه گار،
شيءِ چورائي ٿجي نه خوار.
هِن نصيحت تي جو ئي هلندو،
مائٽ مٽ کي سو ئي وڻندو.“

(مسافر ، بحواله راشدي، 2018 ص 5)

**تشريح:** هن نظم ۾ محمد صديق مسافر ماءُ جي اهميت کي اُجاگر ڪيو آهي. ٻارن کي ڪوڙ ۽ چوري کان پري رهڻ جي هدايت ڪئي آهي. جيڪو ان ڳالهين تي عمل ڪندو اهو مائٽ مٿن کي پڙ وٺندو.

**(ماءُ پيءُ جي خدمت نظم)**

" ادب ماءُ پيءُ جو آهي ضرور،
ڪجو ڪو نه هر گز انهيءَ ۾ قصور.
نه هو عقل يا زور تو ۾ جڏهن،
لڏي سار تنهنجي انهن ٿي تڏهن.
رهيو رات ڏينهن تن کي ٿي هي خيال،
سدا خوش رهي اسن جو نونهال.
هو تڪليف سڀ پاڻ سهندا رهيا،
ڏکن ۾ سندءِ سار لهندا رهيا.
ڏسي تو کي ڏک ۾، ٿيا هو ڏکي،
سُکيو تو کي ڏسندي، ٿيا هو سُکي.
چون جيڪي تو کي ائين ڪر ابا،
ته تو سان رهن خوش ۽ راضي سدا."
(مرزا، بحواله شوق، 1981 ص 1)

**تشريح:** هن نظم ۾ ماءُ ۽ پيءُ جي خدمت ڪرڻ جي نصيحت ڪري ٿو. هو ڏک ۽ تڪليف برداشت ڪري پنهنجي ٻچي جي سدا سکيو رکن ٿا.

**منهنجي امڙ (بيت)**

"مون کي ڪنهن تي کير پياريو،

پيار منجهان ٿي گود ويهاريو

خوش ٿي هرهر مون ڏي نيهاريو- منهنجي امڙ!.

پنڌ ڪندي جي ڏڪو کاڌم،

ڪنهن ڪڍي ٿي چاتيءَ لاتم،

پيار منهنجان ٿي پاڪر پاتم- منهنجي امڙ!

ننڊ ڦٽي مون جڏهن ٿي پيئي،

ڪنهن ٿي سمهاريو لولي ڏيئي،

چڙي نه مون کي ڪيڏانهن ويئي- منهنجي امڙ!

ٿيس جڏهن آءُ بيمار،

دوا ڪرڻ لئه ٿي تيار،

ننڊ ڦٽائي رهي هوشيار - منهنجي امڙ!

وڏي جڏهن آءُ وڏو ٿيندس،

سک سوين آءُ تو کي ڏيندس،

توتي پنهنجو ساهه ڇڏيندس- منهنجي امڙ!

تو ڪئي مون سان آهه ڀلائي،

تنهن لئه ڪريان شُڪر سدائي،

مُور نه وسري تنهنجي چڱائي- منهنجي امڙ.

ننڊ ڦٽي مون جڏهه پيئي،

ڪنهن ٿي سُمهاريو لولي ڏيئي،

ڇڏي نه مون کي ڪيڏهن ويئي- منهنجي امڙ. .

صبح سانجهي سار لڌائين،

ڪاڌو پيتو ڪيئن ٿي ڏنائين،

مون تي پنهنجو ساهه ڇڏيائين- منهنجي امڙ.

وڏي جڏهن آءٌ وڏو ٿيندس،

سُک سوين آءٌ توکي ڏيندس،

توتي پنهنجو ساهه ڇڏيندس- منهنجي امڙ.''

(سيوهاڻي،بحواله بخاري 1981ع ص 2 )

**تشريح:** هن بيت حڪيم فتح محمد سيوهاڻي ماءُ جي ڪردار کي ظاهر ڪيو آهي. ان ممتا جي شفقت جو ڪو به پئمانو ته ماپي نه ٿو سگهي. ڇاڪاڻ دنيا جو ڪو اهڙو پئمانو نه جڙيو آهي جنهن سان ماءُ جي ممتا جو ڪاٿو لڳائي سگهجهي! پر هڪ حساس دل رکندڙ ذميوار فرد جي حيثيت ۾ ڪاڪوپيرو مل ٻارن ۾ اهو احساس جاڳائي رهيو آهي. نندپڻ ۾ امڙ ٻار جي تربيت ۽ ان جي ڪردارسازي کي اجاگر ڪرڻ ۾ جهڙوڪ ٻار جي سارسنڀار، اخلاقي قدرن جي تربيت ۽ ٻار جي سٺي نموني تربيت ڪرڻ ته جئين اهو معاشري جو هڪ اهم فرد ثابت ٿئي. ٻار کي کير پيارڻ، کاڌي پيتي جو خيل ڪرڻ ۽ صبح سانجهي سار لهڻ مڙ جي ڪردار کي هن بيت ذريعي ظاهر ڪيو ويو آهي.

**منهنجي پياري امڙ**

''منهنجي منڙي امڙ، منهنجي پياري امڙ،

آهين سون سچو تون ساري امڙ!

تنهنجي پاڇن هيٺان پلجان ٿو،

تنهنجو ٻالڪڙو مان سڏجان ٿو،

تنهنجي ٻولي آهي ٻاجهاري امڙ.

منهنجي پياري امڙ.

منهنجي لاءِ سهين ٿو سور سوين،

ته به مون ڏي ڏسين ٿو مرڪي پوين،

ڪائي تو نج ڪئي بيزاري امڙ.

منهنجي امڙ."

(غازي، 2008 ع ص 7)

**تشريح:** هن بيت ۾ غلام محمد غازي ماءُ جي ڪردار کي چٽي نموني سان اَجاگر ڪيو. ٻار جي ننڍپڻ ۾ ان جي پاچن هيٺان پلجڻ، ٻار جي هر درد ۽ تڪليف امڙ سهڻ ۽ ان کي مرڪون ڏيڻ کي بيت زيعي ظاهر ڪيو آهي.

**ٻار ۽ پيءُ جو ناتو**

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ پنهنجي ڪتاب سنڌي لغت ۾ لفظ بابو جي معنى لکي ٿو ته: " بابو: اَبو- پيء _ والد " (بلوچ، 2017ع ص 56 ). محبوب علي جوکيو پنهنجي ڪتاب مثالي شاگرد ۾پيءُ جي اهميت جي باري ۾ لکي ٿو ته: " ويچارو پيءُ، سخت پورهيو ڪري، ذهني توڙي جسماني ڪشالا ڪڍي، پاڻ کي تڪليفن ۾ ڳاهي، وقتي پنهنجي ضرورتن کي مختصر ڪري يا قربان ڪري، رڳو اولاد لاءِ ئي ڪجھ ڪري ٿو" (جوکيو، 1981ع ص 3 ). سيد ميران محمد شاھ پنهنجي ڪتاب خوش خصلت خاتون ۾ لکي ٿو ته: " پيءُ هڪ والدين جي حيثيت ۾، پنهنجي محبت جي منٺڙي ميوي کي، پنهنجي گهٽيل سايي، ۽ رحم ۽ پيار جي پناھ هيٺ پالين ٿا: نه صرف پالي وڏو ٿا ڪن، ليڪن هِن ڪشاديءَ دنيا جي خرابين کان، هن لاءِ بچاءَ جو سهارو پڻ هُوئي آهن. جوابداري محسوس ڪندڙ والدين ته اولاد کي تهذيب ۽ تربيت جي اعلى سانچي مان ڪڍي، اُن کي هڪ صحيح معنى ۾ انسان بنائي، علم جي زيور سان آراسته ڪري، هڪ مُنور ۽ روشن ستاري واري حيثيت بخشين ٿا " (شاھ، 1966ع ص 4).

هڪ ٻار پنهنجي پيءُ کي به ماءُ جي پيٽ ۾ هئڻ دوران ئي سڃاڻيندو آهي، خاص ڪري آواز جي ذريعي. ٻار جڏهن اجنبي ماڻهن کي ڏسندو آهي ته تمام گهڻو غيرمحفوظ محسوس ڪندو آهي. تحقيق ٻڌائي ٿي ته پيءُ جو پاڪر پائڻ يا ڳالهيون ٻار کي ٻاهرين دنيا ۾ وڌيڪ محفوظ ٻڌائيندڙ آهن. پيءُ ٻار کي زباني يا غيرزباني ٻوليءَ ذريعي سيکاريندو آهي ته پنهنجي حفاظت ڪيئن ڪجي ۽ ڇا غلط ۽ ڇا صحيح آهي، ماءُ جي پاڪر پائڻ جي پيٽ ۾ پيءُ جو پيار سندس اکين، ڳالهائڻ، هلڻ ذريعي ٻار تائين منتقل ٿيندو آهيئ (ٿاروائي، انٽرنيٽ)

(ماءُ پيءُ جي خدمت نظم)

” ادب ماءُ پيءُ جو آهي ضرور،
ڪَجو ڪو نه هر گز انهيءَ ۾ قصور.
نه هو عقل يا زور تو ۾ جڏهن،
لڏي سار تنهنجي انهن ٿي تڏهن.
رهيو رات ڏينهن تن کي ٿي هي خيال،
سدا خوش رهي اسن جو نونهال.
هو تڪليف سڀ پاڻ سهندا رهيا،
ڏکن ۾ سندءِ سار لهندا رهيا.
ڏسي تو کي ڏک ۾، ٿيا هو ڏکي،
سُکيو تو کي ڏسندي، ٿيا هو سُکي.
چون جيڪي تو کي ائين ڪر ابا،
ته تو سان رهن خوش ۽ راضي سدا.
(مرزا، بحواله شوق، 1981 ص 1).

**تشريح:** هن نظم ۾ شاعر ماءُ پيءُ جي خدمت ڪرڻ تي زور پريو آهي. ننڍ پڻ ۾ جڏهن ٻار کي شعور ۽ عقل نه هو ان وقت ماءُ ۽ پيءُ پنهنجي ٻچي کي سدا خوش رکڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. ڏک ۽ سک پاڻ برداشت ڪندا آهن ۽ پنهنجي ٻچي کي سکيو رکڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪندا آهن.

**اَ با مون کي پڙهاءِ ( گيت)**

| | |
|---|---|
| ” ڪجان اهڙو فيصلو، | وفا جي ٻڌ تون ڳالهه، |
| وڌي جيئن ڪو حوصلو، | ڪڏهن ايندو ته ڳالهه، |
| عرض منهنجو اگهاءِ، | ڪتاب جلدي گهراءِ، |
| اَ با مون کي پڙهاءِ، | اَ با مون کي پڙهاءِ، |

نه تون جاهل ٻڻاءِ.“

(چوهاڻ ، 2001ع ص58 )

**تشريح:** هن بهترين نظم ۾ شاعر ٻارن کي پڙهڻ جي اهميت جي باري ۾ اگاهه ٿو ڪري. ٻار هن گيت ۾ پنهنجي پيءَ کي زور ٿو ڀري ته ابا مون کي پڙهاءِ چو ته پڙهائي جي ڪنهن به ٻار جي زندگي جي ڪاميابي ۾ تمام گهڻي اهميت آهي. جڏهن اسان هن گيت تي غور ڪنداسين ته اسان کي پڙهڻ جي قاعدن جي باري ۾ بيان ڪيو ويو آهي. چو ته هن دور ۽ وقت جي َضرورت آهي. پڙهڻ سان ماڻهو صحيح فيصلو ڪرڻ جي سگهه ڌاري سگهي ٿو.وڌيڪ پنهنجي والد کي شوق ظاهر ڪندي ٻار چوي ٿو ته ابا مون کي پڙهاءِ وين کي جاهل ٿيڻ کان بچاءِ. هيءَ نظم پڻ تمام اهم آهي ۽ ٻار جي ڪردارسازي جي حوالي سان ۽ هن نظم تي عمل ڪرڻ سان اسين پڙهي سگهون ٿا ۽ جلدي ڪامياب ٿي سگهون ٿا ۽ پنهنجي پاڻ کي هڪ سٺو انسان ثابت ڪري سگهون ٿا.

**بابو**

’’آخر بابوس آهي،

بابو قبلو ڪعبو آهي.

پيءُ کي جيڪو رنجائي،

پنهنجو ان کي پاڻ پٽائي،

تنهن تي شامت ڪڙڪي پئي ٿي،

چڏي اڳوتر پنهنجي ڊاهي،

بابو آخر بابو آهي‘‘

(دايو، 2014ع ص 6 )

**تشريح:** هن بهترين نظم ۾ شاعر بابي جي ڪردار کي اجاگر ڪرڻ جي بهترين ڪوشش ڪئي آهي. پنهنجي بابي کي ڪعبو قبلي سان ڀيٽ ڪئي وئي آهي. جيڪو به ٻار پنهنجي پيءُ جي خدمت ڪندو اهو ڇڻ پنهنجي آخرت سنواري ٿو. ڪردارسازي جي حوالي سان ٻار بابي جي خدمت ڪري دنيا ۽ آخرت سنواري سگهون ٿا.

**بابل جون پلايون**

’’بابل! تنهنجون ڪوڙ پلايون،

ڪهڙيون ڳائي ڪهڙيون ڳايون.

سر تي بار سهي تو پاليو،

تڏهن ته نندپڻ خوش ٿي جاليو،

علم پڙهي جو وک وڌايم،

جڳ ڏنيون پو جيءَ ۾ جايون،

بابل! تنهنجون ڪوڙ پلايون.‘‘

(دايو، 2014 ع 7 )

**تشريح:** هن بهترين نظم ۾ شاعر بابي جي ڪردار کي اجاگر ڪرڻ جي بهترين ڪوشش ڪئي آهي. بابو سر تي سردي ۽ گرمي سهي ٻار کي علم پرائڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪري ٿو. جڏهن هو علم پرائي وڏو ٿئي ٿو ته جڳ ۾ هن جو نالو نرالو ٿئي ٿو ۽ پنهنجي پيءُ جي پلائين کي ياد ڪري ٿو.

**ڀاءُ جو ڀاءُ سان ناتو**

هي رشتو ٻنهي جي ڍنگ ۽ ڪردار تي جڙيل هوندو آهي، ٻنهي ۾ ڪافي ڳالهيون هڪ جهڙيون به ٿي سگهن ٿيو ته ٻئي مختلف به ٿي سگهن ٿا (ٿارواٽي، انٽرنيٽ).

**ڀاءُ ۽ ڀيڻ سان ناتو**

سڳو ڀاءُ پنهنجي ڀيڻ لاءِ هميشه پيءُ واري حيثيت رکندو آهي، سئيون ڀينرون وري هميشه پنهنجي ڀائرن جو ماءُ جيان خيال رکنديون آهن. اسان جي ثقافت ۾ ڀينرن کي ديوين جو درجو مليل آهي، جيڪي ڀائرن سان پيار ۽ احترام ماءُ کان به وڌيڪ ڪنديوون آهن (ٿارواٽي، انٽرنيٽ).

**ٻار ۽ سماج**

**ٻار** انساني سماج جي خوبصورت وٽ ۽ ڪارائتو سرمايو آهن، جنهن سان نه رڳو انساني سماج جي سونهن واڳيل آهي پر ٻار انساني نسل جي ارتقا جا مظهر پڻ آهن. انساني سماج ۾ ٻارن جي تعليم ۽ تربيت سڀ کان اهم ۽ سڀ کان ڏکيو ڪم آهي، ڇاڪاڻ ته ٻار ئي مستقبل جا معمار آهن ۽ اهي ئي مستقبل ۾ اهم ذميواريون سنڀالين ٿا، ان ڪري انهن جي صحيح تربيت لاءِ گهڻ پاسائين ڌيان جي ضرورت آهي. ٻارن جي صحيح تربيت ئي بهتر سماج جوڙي ٿي، اسان جا والدين ٻارن جي نصابي سرگرمين تي تمام گهڻو ڌيان ڏين ٿا پر ان جي غير نصابي تربيت کي نظر انداز ڪن ٿا، نتيجي ۾ ٻارن جي شخصيت جوڙڻ وارا اهم مرحلا هٿان هليا وڃن ٿا ۽ ٻار جي شخصيت اڌوري رهجي وڃي ٿي. دُنيا جا ترقي يافته ملڪ ۽ قومون پنهنجي مستقبل جي معمارن ڏانهن مڪمل ڌيان ڏئي انهن لاءِ گهربل سهوليتون مهيا ڪن ٿا، ان ڪري سُڌريل سماجن جا ٻار به ڀرپور صلاحيتن وارا ٿين ٿا (وڪيپيڊيا، انٽرنيٽ).

**ٻار ۽ ماحول**

ماحول جي لغوي معنى آهي آسپاس، چوڌاري، وايومنڊل، جيڪو وهي واپري ٿو. (بلوچ، 2017ع، ص 597). الله تعالى جي تخليق ڪيل شيون قدرتي شين ۾ اچين ٿيون. جيڪي پنهنجو پاڻ ٿين ۽ وڌن ويجهن. الله تعالى جي تخليق ڪيل هر شيءَ انسان ذات لاءِ فائدي رسان آهي. جنهن مان ڪو به اهو سبق وٺي سگهجي ٿو ته هر اها شيءَ جي جيڪا اسان لاءِ الله تعالى جي تخليق ٿيل آهي انسان ذات جي ڀلائي لاءِ آهي ۽ ڀلائي ۾ رهندي. جنهن کي ڏسي ڪري ٻار يا انسان پاڻ ۾ اهي خوبيون اپنائي سگهي ٿو چو ته انسان پڻ الله تعالى جي تخليق ڪيل شين مان هڪ خاص شيءَ آهي جنهن کي ماسٽر پيس چئي سگهجي ٿو. هوا، پاڻي، ٻوٽا، زمين، جاندار ۽ بي جان شيون ماحول ۾ ايڊيون آهن. انهن شين سان جنهن سان اسان جو ڪو لڳاتار سڌو يا اڻ سڌو واسطو پئي ته ان کي ماحول چئبو آهي. ماڻهو يا ڪنهن به شخص جي جسماني يا ذهني واڌ ويجهه ۾ ماحول وڏي اهميت رکي ٿو ۽ ماحول ڪنهن به ماڻهو يا شخص جي ذهني يا جسماني واڌ ويجهه ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو.

"An environment is something that is close to you or your surroundings".

ترجمو " ماحول اهو آهي جيڪو توهان جي ويجهو هجي تا توهان جي چئو گرد هجي."

**(نظم)**

**اتحاد**

جيڪو ٻئي جي ڀلائي چڱائي ڀلائي ڪري ٿو،

ڀلو خير خلق خدائي ڪري ٿو.

چڱوڀين جي پڻ چڱائي ڪري ٿو.

ڀلائي صفائي سدائين گھري ٿو.

رکي جو سڀ سان هو صاحب سلامت نه رخصت ڏسي ڪا مصيبت نه آفت.

(ابوجهه، سنڌي درسي ڪتاب ڪلاس ستون ص. 77).

**تشريح:** هن بيت ۾ ماحول جي اهميت جي بيان ڪئي وئي آهي. چو ته اتحاد به اسان جي مآحول ۾ اچي وجي ٿو ۽ هن نظم ذريعي مولوي الھ بخش ابوجهه اتحاد جي اهميت ۽ فضيلت بيان ڪندي چوي ٿو ته اسان کي پاڻ ۾ جيڪڏهن گڏجي سڏجي رهڻو آهي ته هڪ ٻئي سان ڀلائي ڪرڻ گھرجي. خلق خدا جي ڀلائي خير خواهي ڪرڻ گھرجي. صفائي ڪرڻ گھرجي ۽ ڀين جي پڻ خير برڪت ڪرڻ گھرجي. اهي سڀ خاصيتون ڪردارسازي لاءِ وڏي اهميت رکن ٿيون.

**(بيت)**

**سونا سونا سنگ**

ڪنهن جي پوتي، ڪنهن جو چولو،

ڪنهن جي پيٽ پرڻ جو لولو،

ڪنهن جي عزت، شان ۽ شوڪت،

ڪنهن جا آهن آهن ننگ ٻنين ۾.

(پيرزادو، ، درسي ڪتاب ستون ص 32)

**تشريح:** هن بيت ذريعي اسان کي اناج جي اهميت جي باري ۾ بيان ڪيو ويو آهي ته اناج انسان جي پيٽ پرڻ لاءِ آهي. ۽ اهو اناج انسان جي عزت، شان ۽ شوڪت جو پوڻ ذريعو آهي. هن بيت ذري سنڌي شاعر مير محمد پيرزادو انسان جي ڪردارسازي جي اهميت ۾سوننا سنگ جي تمام گھڻي اهميت آهي.

**(بيت)**

**محبت وطن جي**

ڪيو نيڪ ناميءَ سان دنيا ۾ نالو،

وڌايو ائين شان، عزت وطن جي.

(آصف، ص. 54)

**تشريح:** هن بيت ۾ پڻ وطن جي حب جي باري ۾ بيان ڪيو ويو آهي. اها هڪ حديث آهي ته جنهن جي پنهنجي وطن سان پيار نه آهي ته ان شخص جو ايمان نا مڪمل آهي. هن بيت ذريعي اهو پيغام ڏنو ٿو وڃي ته اسان ڪي نيڪي ڪري دنيا ۾ نالو ڪڍڻ گهرجي ۽ ائين ڪرڻ سان اسان جي ملڪ ۽ معاشري جو نالو مشهور ٿيندو.

**نعت**

**قلم کي ڪنهن چيو سڀ ڪجھ لکي وٺ.**

ڪمال فڪر جي عظمت لکي وٺ.

رسول الله جي مدحت سوائي،

خدا جي حڪمتن جي رونمائي

(هاشمي، سنڌي درسي ڪتاب، ڪلاس ستون، ص 6)

**تشريح:** جيڪي به شيون جيڪي ڪنهن به سماج، معاشري، مذهب يا ثقافت سان لاڳاپيل آهن يا تعلق رکن ٿيون اهي ماحول ۾ اچن ٿيون. اسان جا عقيدا اسان جي ماحول جا پيداوار آهن. اسين جيڪي شيون ڏسون ٿا يا ڪم اسان سان ٿئي ٿو ان جوسڌو يا اڻ سڌو اسان جي زندگي تي اثر ٿئي ٿو ۽ اسان جي مذهب اسان کي انسانن، جانورن ۽ پڻ ٻوٽن سان پيار ڪرڻ سيکاري ٿو. هن بيت ۾ حضور اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم اها شخصيت آهي جيڪي هميشه انسانذات جي لاءِ فائديمند رهيا آهن. حضور اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن جي زندگي تي عمل ڪري اسان نه صرف پاڻ کي بلڪه هن معاشري کي فائدو رسائي سگهون ٿا ۽ ڪردارسازي کي چمڪائي هڪ نئون سٺو ۽ فائديمند معاشرو تخليق ڪري سگهون ٿا.

**(بيت)**

**وطن جي حب**

غربت سندي وطن تان، قربان سڀ خزانو،

آباد رکن الاهي، سک سان غريب خانو،

پکين کي پڻ وڻي ٿو، پنهنجوئي آشيانو،

۽ ٿا وڻي پڙهون سڀ، شب روز هي ترانو،

بلبل کي گل پيارو، گل کي چمن پيارو

آهي مگر اسان کي، پنهنجو وطن پيارو

(نظامي، درسي ڪتاب ڪلاس اٺون ص. 32)

**تشريح:** وطن سان محبت يا حب اسان جي ماحول ۾ اچي ٿي ۽ وري بلبل، گل ۽ شب و روز قدرتي ماحول ۾ اچن ٿا. هن بيت ۾ اسان کي پنهنجي وطن سان محبت ڪرڻ جي باري ۾ بيان ٿيل آهي ته جيڪڏهن ڪنهن کي پنهنجي وطن کي ڪامياب بڻائڻو آهي ته ان ملڪ جي رهاڪن کي

پنهنجي جان ۽ مال قربان ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪنهن به ماڻهو ۾ سڀ خوبيون موجود هجن ۽ پنهنجي ملڪ سان پيار نه آهي ته اهو ماڻهو بيڪار شخص آهي. لحاظ ائين چئي سگهجي ٿو ته ڪنهن به شخص جي ڪردار اسان جي لاءِ وطن سان محبت هجڻ هڪ اهم جز آهي.

**(بيت)**

**ٻڌايون سک جو سنسار**

ذاتيون پاتيون وڏايون، رنگ نسل جون سڀ ارڏايون،

آهي جنگ فساد جو باعذاتيون پاتيون وڏايون، رنگ نسل جون سڀ ارڏايون،

آهي جنگ فساد جو باعث، زهر سندو پرچار.

ٻڌايون سک جو سنسار!

(گدائي، سنڌي درسي ڪتاب ڪلاس ائون، ص. 47)

**تشريح:** ذاتيون، فخر، وڏايون، رنگ نسل، جنگ، فساد يا سنسار وغيره اسان جي ماحول ۾ اچن ٿيون. هن نظم ۾ عبدالڪريم گدائي تمام بهترين نصيحت ڪري رهيو آهي. جنهن سان اسان جي معاشري مان ڪوڙ ساريون برايون ختم ڪري سگهجن ٿيون. هن بيت ذريعي اسان کي انسان ذات جي برابري جو سبق ملي ٿو ته انسان پاڻ ۾ برابر آهن ۽ ڪنهن کي به ڪنهن تي ڪا فوقيت نه آهي.

هن بيت ذريعي اسان کي هڪ بهترين نصيحت ٿيل آهِي. جنهن تي عمل ڪري اسان پنهنجي ملڪ ۽ معاشري ۾ امن ۽ سڪون پيدا ڪري سگهون ٿا. انسانيت ۽ هن سڄي دنيا کي فائدو رسائي سگهون ٿا.

**(بيت)**

**پورهيت جي عزت**

هاري همٿ وارو آهين

ڌرت ڌڪر سان سينو ساهيج،

ڪاهين پوکين لاهين ڳاهين،

جهنگل سنوارين جنت ٺاهين.

رنگ رچائي تنهنجي محنت،

تنهنجي محنت قوم جي محنت.

(بخاري، ، سنڌي درسي ڪتاب ڪلاس ائون، ص83)

**تشريح:** هاري ۽ جهنگ وغيره به اسان جي ماحول ۾ اچن ٿا. هن بيت ۾ مشهور سنڌي شاعر اسان کي هاري جي اهميت جي باري ۾ بيان ڪندي فرماي ٿو ته هاري هڪ همٿ وارو شخص

آهي. ڏڪر ۽ ڏرت ڪي منهن صرف ۽ صرف هاري ڏي ٿو. پوک ڪري ماڻهن کي اناج۽ خوراڪ مهيا ڪري ٿو. وڌيڪ بيان ڪري ٿو ته جيڪڏهن هاري سکيو رهندو ته معاشري ۽ ملڪ پڻ ترقي ڪندو.

**(بيت)**

**پورهيت جي عزت**

جيڪي تو کي جاهل رکندا،

ڪنڌ اهي پوءِ ڪهڙو ڪٽندا،

پنهنجا ننيڙا ٻچڙا پڙهندا.

علم آهي تنهنجي دولت،

تنهنجي دولت قوم جي دولت!

(بخاري، ، سنڌي درسي ڪتاب ڪلاس اٺون، ص83)

**تشريح:** پورهيت ڪنهن به معاشري ۾ ڪرنگهي جي اهميت رکي ٿي. هن بيت ذريعي اسان کي محنت جي عظمت جي خبر پوي ٿي. هن بيت ذريعي اسان کي ڪردارسازي لاءِ هڪ اهم مثال بيان ڪيو ويو آهي ۽ اهو پڻ ٻڌايو ويو آهي ته جيڪي پورهيت کي جاهل رکندا آهن اها قوم يا معاشرو ڪڏهن به ترقينه ڪري سگهندو. پورهيت کي ترقي ڏيارڻ لاءِ اسڪول ۽ علم جي تمام گهڻي ضرورت آهي چو ته تعليم يافتيه پورهيت ڪنهن به قوم، ملڪ ۽ معاشري جي لاءِ وڌيڪ فائديمند ثابت ٿي سگهي ٿي ۽ ماڻهن کي اڃان وڌيڪ فائدو رسائي سگهجي ٿو. اسان جي ماحول جو مقصد ڪنهن به شخص کي هڪ سٺو شهري بنائڻ آهي.

**(بيت)**

**سوپارو ساٿيه**

مٽي ان جي سون آهي،

هاري ان تي هر ٿو ڪاهي،

سونا سونا سنگ اپائي،

ڪانپاٽيءَ سان جهار اڏائي.

(حسيني، سنڌي درسي ڪتاب، ڪلاس اٺون، ص 95)

**تشريح:** هاري، مٽي ۽ سوناسنگ اسان جي ماحول ۾ اڇن ٿا. هن بيت ۾ ڪردارسازي لاءِ اسان کي هڪ بهترين مثال پيش ڪيو ويو آهي جنهن ۾ امداد حسيني اسان جي ماحول جي باري ۾ بيان ڪري ٿو ته سٺو ماحول سڌي يا اڻ سڌي طرح انسان جي ڪردارسازي ڪري ٿوهتي هن بيت ۾ اسان کي مٽي جي اهميت جي باري ۾ بيان ڪيو ويو اهي ته اها انسان جي بهبود ۽ بهتري ۾ تمام تمام گهڻو ڪردار آهي. اسان جي ملڪ جي مٽي سوني آهي. جنهن ۾ هاري هر ڪاهي ٿو ۽ اها

مٿي اسان کي اناج ۽ پوک جي شڪل ۾ اسان جي مدد ڪري ٿي. جنهن سان ماڻهو پنهنجو پيٽ پرين ٿا ۽ ان کي وڪڻي پنهنجو گذرسفر ڪن ٿا. هن بيت ذريعي اسان کي مٽي ۽ سونن سنگن جي اهميت جي خبر پوي ٿي ۽ پڻ اها ڄاڻ ملي ٿي ته هر شيءَ جيڪا اسان جي ماحول ۾ آهي اها انسان لاءِ وڏي ڪارائتي آهي ۽ فائديمند آهي.

## 4.4 ٻارن جي تربيت ۽ اصلاح لاءِ ڪتب ايندڙ اهم ڪردار (ٻارن جا آ.ئيڊيل ڪردار)

ٻار کي اسڪول ۾ معاشري سان واسطي ۾ اچڻ کان پهريائين گهر ۽ خاندان جي تربيت جو مرحلو طئه ڪرڻو پئي ٿو. ان تربيت ۾ سڀ کان وڏو هٿ ماءُ ۽ پيءُ جو آهي. جيڪڏهن ڪنهن ٻار جو اعلى ۽ سٺو ڪردار هوندو ته هر ماڻهو سمجهندو ته والدين سندس تربيت تمام بهتر نموني ڪئي آهي. هر ٻار پهريائين تقريباً گهر ۾ پنج سال زندگي گذاريندو آهي، انهن پنجن سالن ۾ ٻار، جيڪو ڪجھ گهر ۾ سکيو، ٻاهر به اهوئي ظاهر ڪندو. ٻار ڪجھ ٻاهر جو به ماحول سکندو رهندو آهي، جتي هو مختلف طريقا ۽عادتون سکندو رڳي ٿو. معلوم ٿيو ته گهر جي ماحول کان ٻاهر، ٻار کي قدم قدم تي رهنمائي ملي ٿي. (جسڪاڻي، 1996ع ص 3).

**استاد**

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ سنڌي لغت ۾ لفظ استاد جي معنى لکي ٿو ته: ”استاد: سيکاريندڙ، معلم، رهبر، چالاڪ- اٽڪلي، هوشيار“ (بلوچ،2017 ع ص 28). محبوب علي جوکيو لکي ٿو ته: ” استاد اسان کي هن دنيا ۾ رهڻ ۽ سهڻي نموني زندگي گذارڻ جا آداب ۽ طريقا سيکاري ٿو ۽ آخرت موچاري ڪرڻ لاءِ پڻ ڪي نصيحتون ڏئي ٿو، اسان جي اخلاق کي سڌاري ٿو، اسان ۾ ڪيترائي وڻندڙ گڻ پيدا ڪري ٿو، اسان جي لڪل صلاحيتن ۽ لياقتن کي اڀاري ٿو ۽ چمڪائي ٿو، ۽ اسان مان حيواني صفتون ڪڍي صحيح معنى ۾ اسان کي انسان بڻائي ٿو. ڪنهن مثالي شاگرد پنهنجي استاد لاءِ ڪهڙي نه عمدي ڳالھ چئي آهي ته والدين مون کي عرش تان لاهي فرش تي آندو ۽ استاد مون کي فرش تان کڻي عرش تي پهچايو“( جوکيو، 1981ع ص 3). اڪبر جسڪاڻي لکي ٿو ته: ” هڪ ڪامل استاد پنهنجي شاگرد کي روحاني رنگ ۾ رنگي، اُن جي دل ۽ دماغ کي علم جي آب حيات سان ڌوئي، اڇو اُجرو ڪري، انسانيت جو علمي پوش

پهرائيندو آهي“ ( جسڪاڻي، 1991 ع ص 3) عبد عبالجبار لکي ٿو ته: ’استاد‘ اصل فارسي ٻوليءَ جو لفظ آهي. جنهن جي معنى آهي، سيکارڻ وارو، معلم ، ماستر، تجربيگار ۽ پنهنجي فن ۾ ڪامل اهڙي محترم انسان کي عربي ۾ استاد چيو ويندو آهي جنهن جي معنى ”مدرس“ يا ”معلم“ يا سيکاريندڙ آهي. اهو استاد ئي آهي، جيڪو مستقبل جي معمارن کي سکيا ڏئي، ڪين معاشري جو ڪارآمد فرد بڻائي ٿو“ .( عبد، 1998 ع ص 4) ڊاڪٽر اسد الله حسيني لکي ٿو ته: ”استاد زبان جو مالڪ آهي ۽ محافظ آهي. استاد جي زبان مٺي، جاذب ۽ ولولي واري آهي. استاد جي زبان مستند آهي. استاد وٽ لفظن جو ذخيرو اڻ کٽندڙ آهي. سوچ جو اصلي مفهوم استاد جي زبان ئي ادا ڪري سگهي ٿي. استاد درياءَ دليءَ جو مجسمو آهي. عالم ۽ استاد هڪ معنى آهن. عالم ۽ استاد نبين جي قطار ۾ آهن. پيغمبر ۽ استاد روشنيءَ ۽ سوجهري جا ڏيئا آهن.“ (حسيني،1974ع ص4)

(سچي سعادت نظم)

” استاد ماءُ پيءُ جي خدمت سچي سعادت

تن جي ادب جي هردم رک پاڻ ۾ تون عادت

استاد ٿو سيکاري علم وادب جون ڳالهيون

ان جي ئي فيض سان ٿي درجو وڌو پرا پت

گهر تون دعا خدا کان هردم ۽ هر گهڙي ۾

تن جي سدا ادب جي تو کي ڏي هو طاقت.“

(احسان احمد بدوي، بحواله هڪڙو، 2009ع، ص 595)

تشريح: هن نظم ۾ ٻارن جي ڪردارسازي کي اُجاگر ڪرڻ لاءِ اهميت واريون ڳالهيون بيان ڪيل آهن. استاد ٻار کي علم سيکارڻ سان گڏوگڏ ادب ۽ احترام ڪرڻ بابت به سيکاريندو آهي. استاد جي فيض سان ئي ٻار واڌ ويجهه ڪري پنهنجي منزل کي رسي ٿو.

(نظم)

”ماءُ ۽ پيءُ جو چيو مڃجي،
سدا ادب ۾ تن جي رهجي.
نت استاد کي مان ڏجي،
جيئن هو چوي تيئن ڪجي.
ڀاءُ ۽ ڀيڻ سان رکجي پيار،
تن سان نه ڪجي ڪو تڪرار.
سوير سمهجي سويل اُٿجي،
اول ڏٿيءَ جو نالو ڳنهجي.
ڪوڙ نه چئجي ڏجي نه گار،
شيءِ چورائي ڻجي نه خوار.
هِن نصيحت تي جو ئي هلندو،

مائٽ مٽ کي سو ئي وڻندو.“

(مسافر ، بحواله راشدي، 2018 ص 5)

تشريح: هن نظم ۾ محمد صديق مسافر ماءُ جي اهميت کي اُجاگر ڪيو آهي. ٻارن کي ڪوڙ ۽ چوري کان پري رهڻ جي هدايت ڪئي آهي. جيڪو ان ڳالهين تي عمل ڪندو اهو مائٽ مٽن کي پڻ وڻندو.

(اَستاد جا حق نظم)

”اٿو ماءُ ۽ پيءُ کان پوءِ دوستو،

سڀن کان وڏوحق اَستاد جو.

سڌاري ڪري دل اوهان جي درست،

ڪري ٿو اوهان کي هو چالاڪ چست.

گهڻي کان گهڻي تنهن جي عزت ڪريو،

دل ۽ جان سان تنهن جي خدمت ڪريو.

نه ٽاريو ڪڏهن حڪم ان جو اوهين،

رکو تنهن کي راضي ۽ سرهو اوهين،

سندس حڪم جي نِت مڃيندو اوهين،

ته خادم مان مخدم ٿيندو اوهين.“

(مرزا، 1981ع بحواله شوق، ص 1)

تشريح: هي نظم “ استاد جا حق” هڪ سٺو نظم آهي. هن نظم ۾ ڪردارسازي جي مطلق اهم ڳالهيون بيان ڪيل آهن. ٻارن کي شاعر استاد جو ادب ڪرڻ ۽ ان جي دل و جان سان خدمت ڪرڻ جي اهميت کي اجاگر ڪيو ويو آهي. استاد جيڪو ٻار کي ڪتابي علم سان گڏوگڏ ٻار جي اخلاقي ڪردار کي به اجاگر ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو.

**استاد**

استاد جي عظمت کي آمنهنجو سلام،

استاد جو اعلى عجب آ هي مقام،

استاد کان مون کي مليو جو در س آ،

ان درس کان منهنجو به وڏيو آهي نام.

(غازي ،2002 ع ص 23)

تشريح: هي نظم ‘‘استاد’’ هڪ بهترين نظم آهي جنهن ۾ ڪردارسازي جي حوالي سان تمام سٺي ڳالھ بيان ڪيل آهي ۽ ان تي عمل ڪرڻ سان اسين پنهنجي پاڻ کي هڪ بهترين شخص بڻائي سگهون ٿا ۽ پڙ هن معاشري لاءِ هڪ بهترين فائديمند ۽ ڪارائتا انسان ثابت ٿي سگهون ٿا. ڇو ته ڪو به شخص يا معاشرو تڏهن تائين ترقي نه ٿو ڪري سگهي جڏهن تائين اسين پنهنجي استاد محترم جو احترام، ۽ قدر نه ڪنداسين ۽ ان ڳالھ کان سواءِ اسين پنهنجي پاڻ کي ڪڏهن به ڪامياب انسان نه ٿا بڻائي سگهون. هن نظم ۾ شاعر چوي ٿو ته استاد جي عظمت کي منهنجو سلام آهي ۽ وڌيڪ چوي ٿو ته استاد جو انسان جي زندگي ۾ هڪ اهم ۽ معتبر مقام آهي ڇو ته استاد ئي انسان کي ڪامياب شخص بڻائي ٿو وڌيڪ چوي ٿو ته استاد جي غزت دل سان ڪريو ۽ اهو استاد ئي آهي جنهن اسان کي علم ڏنو آهي. اڳتي آخري بند ۾ شاعر دعا ڪري ٿو الله تعالى کان ۽ پڙ اسان کي نصيحت ڪري ٿو ته اي خدا! مون کي توفيق ڏجان ته مان استاد جي هميشه عزت ڪريان ڇو ته اڄ جي مان ڪامياب آهيان ته استاد جي ڪري ئي آهيان.

حوالا:


1 بخاري استاد: ” پاراٽا گيت امداد حسيني“ : سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو: جنوري 1981 صفحو نمبر3،4،5،6،7،8.

2 بلوچ نبي بخش ڊاڪٽر: “هڪ جلدي سنڌي لغت”: سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ حيدرآباد: ڇاپو ٽيون جنوري 2017ع ص 28

3 بلوچ نبي بخش ڊاڪٽر: “سنڌي لغت”: سنڌي لئنگئيج اٿارٽي حيدرآباد، سنڌ”: ڇاپو ٽيون جلد هڪ 2017ع ص .56

4 بلوچ عبدالستار ۽ الانا غلام علي ڊاڪٽر:“ سنڌ يڪا لغط”: 2001 ع ص 445

5 بيگ مرزا قليچ: "ٻاراڻا گيت": سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو: 1981 ع ص 6

6 بيگ مرزا قليچ: "ٻاراڻا گيت": سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو: 1981 ع ص 7 .

7 ٻوهيو الهداد ڊاڪٽر: "ادب ۽ نفسيات" (تتنقيدون): انسٽيٽيوٽ سنڌالاجي ڄامشورو: نومبر 1980 ع بحوالا: ادب زندگي ۽ سماج: مرتب: ڊاڪٽ انور فگارهڪڙو 2006 ع مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور ص 108.

8 ٻوهيو الهداد ڊاڪٽر: "ادب جا فڪري محرڪ": روشني پبليڪيشن ڪنديارو: 2013 ع ص 288.

9 ٻوهيو الهداد ڊاڪٽر: "ادب جا فڪري محرڪ": روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو: ڇاپو پهريون 2013ع ص 281.

10 جسڪاڻي اڪبر:" گُل ڦُل": سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو: جلد 25 نمبر 2 : فيبروري 1991 ع ص 3

11 جوکيو محبوب علي: "مثالي شاگرد": سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو: ايڊيشن پهريون 1981ع ص 3.

12 جوکيو، محبوب علي:" مثالي شاگرد": سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو: 1981 ع ايڊيشن پهريون ص 3 .

13 جوکيو محبوب علي: " مثالي شاگرد": سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو: ايڊيشن پهريون 1981 ع ص 1

14 ٻيوس ڪشنچند:" ڇهه ڇهه پئسا ٻه ٻه پايون":سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو: ايڊيشن پهريون 1981 ص1.

15 چوهاڻ وفا منظو: "پنهنجي ديس جا ٻار": 2001 ع پبليڪيشن ص 50.

16 چوهاڻ وفا منظو: "پنهنجي ديس جا ٻار": 2001 ع پبليڪيشن ص 58 .

17 حسيني اسد الله شاه ڊاڪٽر: معاشرو ۽ تعليم: سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو: ايڊيشن پهريون 1974ع ص 4.

18 دايو پريل: " ٻار اڪين جا ٺار": سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو: ايڊيشن پهريون 2014 ع ص 6 .

19 دايو پريل: "ٻار اڪين جا ٺار": سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو" ايڊيشن پهريون 2014 ع ص7.

20 درگاهي اختر: " گل ۽ مکڙيو ن": سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو؛ 1989ع ص 16 .

21 عبد عبدالجبار:گُل ڦُل:سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو: جلد 32 نمبر نمبر 10-12 : آڪٽوبر، ڊسمبر 1998 ع ص 4.

22 عرساڻي محمد اسماعيل: “ٻاراڻا گيت” سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو ، 1981 صفحو نمبر 3 .

23 غازي غلام محمد: ‘‘وطن گل آ مون لئه’’: سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو: پبليڪيشن 2002 ع. ص 23 .

24 غازي غلام محمد: ‘‘ٽرتيءَ تارا’’: سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو: پهريون پبليڪيشن 2008 ع. ص 4 .

25 غازي غلام محمد: ‘‘ٽرتيءَ تارا’’: سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو: پهريون پبليڪيشن 2008 ع. ص 7

26 غريب جمعو خان: “ٻاراڻا گيت”، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو: جنوري 1981 صفحو نمبر6 .

27 شاهه سيد ميران محمد: ‘‘خوش خصلت خاتون’’: روشني ڪنڊيارو پبليڪيشن’’: ڇاپو ٻيو 1966ع ص 4.

28 شوق نواز علي ڊاڪٽر: ‘‘ وڏن جو ادب’’: سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو:ايڊيشن پهريون 1981ع ص1،4

29 مائل: “ٻاراڻا گيت’’: سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو: 1981 ع اصفحو نمبر 4 .

30 مسافر محمد صديق: ‘‘ٻاراڻا گيت’’ سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو: 1981 ع صفحو نمبر4

31 مسافر محمد صديق: “ٻاراڻا گيت: سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو: 1981 ع صفحو نمبر5.

32 مهر خادم: ‘‘اکيوٽ’’: پبليڪيشن 2003 ع ص 16 .

33 مهر خادم: ‘‘اکيوٽ’’: پبليڪيشن 2003 ع ص43 .

34 مهر خادم: ‘‘اکيوٽ’’: پبليڪيشن 2003 ع ص 71 .

35 سيال ذوالفقار: “لفظن جا راند يڪا”. . پبليڪيشن 1989 ع : ص19 .

36 سيال ذوالفقار: “لفظن جا راند يڪا”. . پبليڪيشن 1989 ع : ص35

37 هڪڙو انورفگار ڊاڪٽر: ’’شڪارپور شهر جو سنڌي ادب ۾ حصو‘‘: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو: سال 2009ع ص 588

.

# باب پنجون

## ٻاراڻيءَ شاعريءَ ۾ شاعر

- سوانع عمري
- انتخاب

.

**5 سوانح عمري ۽ انتخاب**

هن باب ۾ ٻارن جي شاعرن جي خدمتن تي مختصرتعارف ۽ تصنيفن جو تذڪرو موجود آهي.

## 5.1 شمس العلماءُ مرزا قليچ بيگ:

شمس العلماء مرزا قليچ بيگ 4 محرم 1270هه مطابق 7 آڪٽوبر 1853ع تي ضلعي حيدرآباد جي ڳوٺ ٽنڊي ٿرڙي ۾ پيدا ٿيو. مرزا قليچ بيگ هڪ ذهين، سنجيده، امن پسند، ۽ خوش مزاج شخص هو. سنڌي شاعريءَ جي حوالي سان سندس مڪمل ديوان ”ديوان قليچ“ آهي، ان ڪان علاوه هن شاعريءَ جي مختلف صنفن تي پڻ ڪم ڪيو آهي. شاعريءَ کان علاوه نثر ۾ به سنڌي ادب جي خدمت ڪيائين. هن ناول، ڊراما، ادب ۽ تنقيد جهڙن اهم موضوعن تي 350 کان وڌيڪ ڪتاب لکيا آهن. (وساڻ، 2011). هن شاعريءَ، رومانس، ٻولي، گرامر، لغت، سنڌ جي تاريخ ۽ ٻارن جي ادب سميت سمورن شعبن ۾ ڪم ڪيو..

**انتخاب**

چچنامو (انگريزي)، سنڌ جي مختصر تاريخ، سنڌ جا قديم شهر ۽ انهن ۾ وسندڙ ماڻهون، چچنامو (سنڌي)، لغات لطيفي، سنڌي لغات قديمي، پهاڪن جي حڪمت، پارسي زبان جي تاريخ جهڙا ناياب ۽ قيمتي ڪتاب لکي پنهنجي ڏاهپ ۽ علميت جي ڇاپ ڇڏي آهي.

ٻارن لاءِ لکيل سندن ڪتاب جهڙوڪ: به جاڙا ڀائر، نيلو پکي، ٻٽيل اکيون ۽ پوريل اکيون، رستم، شهزادي قدم برگ، شهزادي محبوب جي آکاڻي، عجيب تلسم، ٿي ديو يا راڪاس (وساڻ، 2011ع).

**تندرستي (بيت)** .

آهي تندرستي دولت سچي سان،

”جيءَ خوش جهان خوش“ ائين چون ٿا.

گند نيت عادتن کي پاسو نت ڪجي،

صفائيءَ تي هر طرح سدا ڌيان ڏجي.

(مرزا قليچ بيگ، ٻاراڻا گيت1981)

**5.2 محمد صديق مسافر:**

محمد صديق مسافر نامور استاد ، تعليمدان ۽ شاعر ٿي گذريو آهي. جيڪو 8 محرمالحرام 1234هه ۾ ڄائو. سندس والد جو نالو گلاب هو. پيءُ جي وفات وقت محمد صديق مسافر جي عمر9 سال هئي. 14 سالن جي عمر ۾ مامي ڪيس مڪتب مان ڪيرائي اسڪول ۾ داخل ڪرايو. هو ڊسمبر 1901ع ۾ ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد ۾ اسسٽنٽ ماستر مقرر ڪيو ويو. تعليم کاتي جي جاري ڪيل اخبار تعليم جا ايڊيٽوريل به محمد صديق مسافو لکيا. ان اخبار ۾ مسافر جا نثري مضمون ۽ نظم ڇپندا هئا. جن مان ڪيترائي نصابي ڪتابن ۾ ڪيا ويا. ان وقت سنڌي پهرين، ٻئين ۽ ٽئين ڪتابن جا سڀ نظم ۽ ڪيترائي سبق به مسافر کان تيار ڪرايا ويا. اهوئي سبب آهي جو نصابي ڪتابن ۾ محمد صديق جا نظم ۽ گيت ٻارن کي اڄ به بر زبان ياد آهن. محمد صديق کي ادب ۽ شعري سان گهڻو لڳاءُ هو. شاعري ۾ تخلص ”مسافر“ سان نروار ٿيو شاعري جي صنفن ۾ نظم، گيت، مناجات، غزل، قصيدن، ڪافين وغيره ۾ خوب لکيو. مسافر جي قلم سنڌي ادب کي بي بها لکڻيون ڏنيون آهن محمد صدريق مسافر جا علمي، ادبي ۽ تحقيقي مقالا بي مثال آهن (آزاد، 2016ع).

**انتخاب:**

محمد صديق مسافر جي ٻين ڪتابن ۾ قرب قليچ، غلام آزادي، عبرتناڪ نظارا، مناظر مسافر، ڪليات مسافر ۽ پڻ ٻيا شامل آهن.

.

**ڪرڻ آهي سڀني سان ڀلائي(بيت)**

چڱي ڳالهه اهڙي نه ٻي آهي ڪائي.

ڀلائي ڪندين تان ڀلو تنهنجو ٿيندو،

ڀلائي جا ٻاڙا ڏٽي تو کي ڏيندو.

(محمد صديق مسافر، ٻاراڻا گيت 1980ع )

## 5.3 حڪيم فتح محمد سيوهاڻي:

حڪيم فتح محمد سيوهاڻي انگريزي دور جو وڏو محقق، اديب ۽ سياستدان هو. هن علمي دنيا ۾ نالو ڪمايو ۽ سياست جي ميدان ۾ به وڏيون خدمتون سرانجام ڏنيون. حڪيم صاحب وانگر هو به شاعر ۽ نثر نويس هو. هر ڪو سندس تحريرون ڏسي سگهي ٿو. جيتوڻيڪ هن عربي ۾ ڪتاب لکيا، پر مديني ۾ رهڻ جي باوجود سندس لائبريري هميشه کليل هئي. پهرين لقب ”صغير“ پوءِ ”حڪيم“ هو. پير علي محمد راشدي سندس ڪردار بابت لکي ٿو ت ڇا سنجيدگيءَ وارو، ادب وارو، يا اخلاق جو

مالڪ، ضمير جي آزادي، اصول زندگي، حڪيم فتح محمد. سيوهاڻي جن انهن ۾ ٻين صفتن جو مجموعو هو.

حڪيم صاحب جو جنم 1882ع ۾ سنڌ جي مشهور شهر سيوهڻ ۾ معزز عباسي خان ۾ ٿيو. سندس والد جو نالو گرامي حڪيم حافظ غلام محي الدين هو. حڪيم فتح محمد دستاربندي ڪري عالم ٿيو. هو طب ۾ اڳي ئي تربيت وٺي چڪو هو ۽ ڪراچيءَ آيو ۽ صوفيخانو کوليائين، جتي هو واقفيت، لاڳاپو ۽ پهچندو هو. حڪيم فتح محمد 1908ع ۾ سيوهڻ جي قريشي خاندان مان شادي ڪئي، ڪيس پنج ڌيئرون ۽ ٻه پٽ ٿيا.

## انتخاب

حڪيم صاحب جا سنڌي ۾ 16 ڪتاب ڇپيل آهن. ان ڪان علاوه عربيءَ ۽ فارسيءَ ۾ ڪجهه رسالا به لکيا ۽ انهن جو ذڪر پنهنجي ڪتاب نور الايمان ۾ ڪيو آهي. لسانيات ۾ حڪيم فتح محمد سيوهاڻي جو ڪتاب ’آفتاب اديب عرف ساهت جو سچ‘ هڪ يادگار ڪتاب آهي (پريم، 2007، ص 6).

## وطن جي حب (گيت)

وطن جي حب جي دل ۾ نه ٿي، ايمان ڪهڙو ٿيو؟

عمل ناهي جي انسان ۾ ته پوءِ انسان ڪهڙو ٿيو؟

اڃان تائين جي غريبن سان نه ذاري ڪو جو همدردي،

غريبن لئه سندن دل ۾ پلا ارمان ڪهڙو ٿيو؟

نه ٿي تعليم جي ڳٽتي نه ٿي بيروزگاري گهٽ،

ترقي جو اسان ۾ پوءِ وري امڪان ڪهڙو ٿيو؟

عجب آهي اڃان غفلت جي آهيون ننڊ ۾ اڄ پي،

اسان مان پوءِ سڌاري جو تڏهن جو اها ڪهڙو ٿيو؟

ڪيون ڪو اهڙو هنڌ، جو نڪري پاڪستان جو نالو،

ائين جي ڪين ڪيو سين ملڪ تي احسان ڪهڙو ٿيو؟

(حڪيم فتح محمد سيوهاڻي،ٻاراڻا گيت 1981)

## 5.4 ٻيوس ڪشنچند:

جديد سنڌي شاعري ۽ سنڌي ٻاراڻي ادب جو باني، محسن ڪشنچند ٻيوس سنڌيءَ ۾ ٻارن جي ادب جي ميدان ۾ ڪيس وڏي اهميت حاصل آهي. هو هڪ استاد هو، تنهنڪري هن انگريزي ٻولي ۽ ٻارن جي رويي ۽ نفسيات کي نظر ۾ رکندي شاعري ڪئي. شاگرد گروپ پڻ ڳائيندا هئا. سندس ڪردار ٻارن جي حوالي سان آهن، جيڪي شاگرد هڪ پيرو پڙهڻ کان پوءِ ياد ڪندا هئا (آزاد، 2016ع).

ڪشنچند ٻيوس 25 فيبروري 1885ع تي لاڙڪاڻي شهر جي ڪٽي گهراڻي ۾ تيرٿداس ڪٽي جي گهر ۾ جنم ورتو. هن جو پيءُ وڏو عالم هو ۽ هن جي ماءُ به حڪمت جو ڪم ڪندي هئي. پيءُ ۽ ماءُ جي اثر ٻيوس کي حڪيم بڻايو ۽ 1935ع ۾ لاڙڪاڻي ۾ ”ٻيوس شفقانو“ کوليو ويو. جيتوڻيڪ ڪشن هڪ ڪامياب حڪيم هوندي به شعر ۾ ٻيوس بڻجي ويو (آزاد، 2016).

### انتخاب:

ٻيوس سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙا گيت لکيا جو اڄ به هو پنهنجي دور جو، ويهين صديءَ جو عظيم ترين شاعر سمجهيو وڃي ٿو. سندس ٻارن لاءِ لکيل ڪتاب ”موجي گيت“ جي نالي سان ڇپيل آهي. سندس شاعريءَ جا ڪتاب ساموندي سپون، ڦولداني وغيره ڇپجي چڪا آهن. نصيرمرزا ڪشنچند ٻيوس جي ٻارن لاءِ لکيل سمورن شعرن کي

سهيڙي ”ڇهه ڇهه پئسا ٻه ٻه پايون“ جي نالي سان ڪتاب، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شوري وٽان ڇپايو آهي “ (آزاد، 2015ع).

**گل ڦل (فطرت گيت)**

با غ دنيا ۾ جاڳيو هل،

ٻالڪ ننڍڙا تون گل ڦل.

مٺو مهانڊو ڇا من مهٺو

ڏوتل گل ڪان سندر سهٽو.

( بيوس بحواله، ڊاڪٽر محمود شاھ بخاري، (1991)

## 5.5 احسان بدوي:

احسان بدوي، پروفيسر لطف الله جو فرزند، سنڌي مانوري ليکڪ ۽ سنڌي ٻوليءَ جو وڏو شاعر ۽ اديب هو. سندس ادبي ۽ علمي سرگرميون والد جي نگرانيءَ ۾ تعليم هيٺ شروع ٿيون. احسان الله بدوي مارچ 1926ع ۾ شڪارپور ۾ پيدا ٿيو. هن ابتدائي ۽ ثانوي تعليم شڪارپور مان حاصل ڪئي. تعليم دوران علامه دائود پوٽو ۽ آغا محمد يعقوب جي به مدد ڪندا رهيا.. هو پهريون سنڌي شاگرد هو جنهن اردو ۾ ايم اي ڪئي ۽ سنڌي ۾ ايم اي ڪئي. پنهنجي مهربان استاد پروفيسر غلام مصطفيٰ جي صلاح تي روينيو کاتو ڇڏي ايس ايم ڪاليج ڪراچيءَ ۾ استاد مقرر ٿيو ۽ اتي پندرهن سالن تائين نوڪري ڪيائين.

**انتخاب:**

پروفيسر احسان الله بدوي جو به سنڌي ادب سان واسطو رهيو آهي. سندس ڪتابن ۾ شامل آهن: تنقيد ۽ تنقيد نگاري، ڊان ويسٽ، انقلاب جو فلسفو ، ۽ چوند ڪلام شامل آهن. بدوي جو انداز سادو، خوبصورت ۽ اثرائتو هو.

.

## 5.6 استاد بخاري:

سنڌي شاعر استاد بخاري سنڌ جي ٻارن لاءِ پنهنجي خوبصورت نظمن ۽ گيتن جي ڪري مشهور هو. نظم ۽ منفرد نظم لکيا ويا. استاد بخاري جو اصل نالو احمد شاهه بخاري آهي. 1942ع کان سنڌي ادب ۾ استاد بخاري جي نالي سان عام شاعر جي حيثيت ۾ ظاهر ٿيو ۽ سندس ادب جي استاد جو نالو مولانا غلام محمد گرامي هو. شاعري سندس سڃاڻپ بڻي. جنهن کي سڀ کان پهرين منظور سخيراڻي جهر جهنگ ۾ ڇاپيو ۾ مقبول ڪيو. سندس شعرن جا ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن. سنڌي ادب ۾ هي هڪ بي مثال ترقي آهي (آزاد، 2015، ص 102-103).

استاد بخاري جي ٻارن جي شاعريءَ جو مجموعو ”گيت گلابي ٻارن جا“ پهريون ڀيرو 1980ع ۾ سنڌي رائٽرس ڪوآپريٽو سوسائٽي، حيدرآباد پاران ڇپايو ويو. اهڙيءَ طرح 2015ع ۾ سنڌي راڻي پبليڪيشن، حيدرآباد پاران، غلام مصطفيٰ سولنگيءَ ، هن ڪتاب جي ٻئي ڇاپي جي ٻڌرائيءَ تي روشني وڌي وئي. سندس شاعري به درسي ڪتابن ۾ ڇپيل آهيا

### انتخاب

استاد بخاري 1981ع ۾ ٻارن لاءِ مختلف شاعرن جي لکيل 65 گيتن تي ٻڌل هڪ ڪتاب ”ٻاراڻا گيت“ لکيو، جيڪو سنڌي ادبي ڪائونسل پاران ڇپايو ويو. سنڌيءَ جو بهترين عوامي شاعر استاد بخاري 9 آڪٽوبر 1992ع تي وفات ڪري ويو، سندس علمي ۽ ادبي خدمتن جي ڪري دادو ۾ استاد بخاري اڪيڊمي قائم ڪئي وئي. . (آزاد، 2016 ص 101-102)

### منهنجا منڙا موليٰ سائين! (ماحول گيت)

پيءُ جي دل ۾، ماءُ جي دل ۾،،　　ڀيڻ جي دل ۾ ڀاءُ جي دل ۾،

پيار ڪيو تو پيدا سدائين　　منهنجا منڙا مولا سائين،

الله سائين ڏي ايمان،　　ڀائر آهيون سڀ انسان،

تنهنجا ٻانها، بندا سائين،　　منهنجا منڙا مولا سائين

(استاد بخاري، ٻاراڻا گيت 1981

## 5.7 ڊاڪٽر تنوير عباسي:

ڊاڪٽر تنوير عباسي جو اصل نالو نور نبي عباسي هو. سندس جنم 7 ڊسمبر 1934ع تي خيرپور ضلعي جي شهر سوڀوديرو ۾ ٿيو. پاڻ سنڌي ادبي سنگت جو مرڪزي سيڪريٽري جنرل، پاڪستان اڪيڊمي آف ليٽرس، سنڌي ادبي بورڊ، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، رائٽرس گِلڊ، سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جو مرڪزي جنرل سيڪريٽري ۽ سچل چيئر جو صلاحڪار به رهيو. تنوير عباسي جا ٻيا به ڪيترائي ڪتاب ڇپيل آهن.

### انتخاب

سنڌي ٻوليءَ جي نامور شاعر تنر عباسي جو ٻارن لاءِ شاعريءَ تي هڪ ڪتاب ”ٻاراڻا ٻول “ 1991ع ۾ سنڌ انسٽيٽيوٽ، ڄامشوري پاران ڇپايو ويو. (آزاد، 2016 ص 128-129).

**مون کي اڳتي وڃڻو آهي**

جي ڪوئي ٻي گڏ نه هلندو مان هيڪل ئي ويندس

ماضي آهيان، حال ۽ مستقبل سان سمنگ مان ٿيندس

مون کي اڳتي وڃڻو آهي

(عباسي، سنڌي شاعري ڪانر ويب سائيٽ انٽرنيٽ )

## 5.8 امداد حسيني:

سنڌي ٻوليءَ جي مشهور شاعر امداد حسينيءَ سنڌ جي ٻارن لاءِ ڪيترائي ڪتاب ۽ گيت لکيا آهن، جن مان ڪيترائي اسڪول جي درسي ڪتابن ۾ شامل آهن. امداد حسيني جو اصل نالو سيد امداد علي شاهه آهي. هن سنڌيءَ جا چار درجا اسڪول ۾ پڙهيو. 1949ع ۾ سنڌي ۾ تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ انگريزي پڙهڻ لاءِ حيدرآباد آيو ۽ نور محمد هاءِ اسڪول ۾ داخلا ورتائين، جنهن دوران هن شعر لکڻ شروع ڪيو. هو اڳتي هلي مشهور شاعر ٿيو. سندس شاعريءَ جا ٽي مجموعا شايع ٿي چڪا آهن، جيڪي سڄي دنيا ۾ تمام گهڻا مقبول ٿيا آهن. (آزاد، 2016 ص 107-108).

**انتخاب**

امداد حسيني سنڌي ادبي بورڊ ڄامشوري جو سيڪريٽري هيو ۽ سندس شاعريءَ جا ٽي ڪتاب آهن. ٽماهي ''مهراڻ'' جو ايڊيٽر ۽ ''گل ڦل'' جو چيف ايڊيٽر هو. سنڌي ادبي ڪائونسل ۾ خدمتون سرانجام ڏيڻ دوران هن ٻارن جي ماهوار رسالي 'جول ڦل' جي معيار ۽ انداز کي عروج تي پهچايو ۽ هن ٻارن جي رسالي کي سڄي سنڌ ۾ پکيڙڻ لاءِ وڏيون ڪوششون ڪيون. (آزاد، 2016 ص 107 108)

**فطرت**

موٽي مند بهار جي آئي،

ڳلن ڦلن ۾ ٿي سرهائي،

ڪيون پلاري ڌٽيءَ پلايون،

چيڪلي پايون، پيرگسايون،

پيار جي آهي ريت اسان جي،

جڳ ۾ ٿيندي جيت اسان جي،

گيت خوشيءَ جا گڏجي ڳايون.

(امداد حسيني، بحواله استاد بخاري 1981ع)

## 5.9 مقصود گل

مشهور شاعر مقصود گل جو سنڌي ٻاراڻي ادب ۾ نمايان ڪردار آهي. سنڌس ٻارن جي شاعري ۽ ڪهاڻين جا ٻه مجموعا شايع ٿي چڪا آهن. 1986ع ۾ سنڌڙي ڪتابي سلسلي ٻاران ٻارن لاءِ سندس شاعريءَ جو مجموعو 'ڪرڻا' ڇپيو. سندس جنم 15 اپريل 1950ع تي لاڙڪاڻي ضلعي جي شهر رتيديري ۾ قاضي عبدالحئي قائل جي گهر پيدا ٿيو. سندس اصل نالو قاضي مقصود حيات هو. سندس استاد ڊاڪٽر عطا محمد حامي هو ۽1974ع کان لکڻ شروع ڪيو.

**انتخاب**

1986ع ڪرڻا شايع ٿيو ۽ان سان گڏوڏ ''گل چنو گل جوپڙ ڇپيل آهي (آزاد، 2016ع ص 158)

**آس (گيت)**

**خالق خير ڪرائيندو شل،**

**مولا مينهن وسائيندو شل.**

ٿر تي شل وسڪارو ٿيندو،

سبز وطن هي ساروٿيندو،

ڪائي مال متارو ٿيندو،

دشمن جو منهن هي ڪارو ٿيندو.

ريج ڪري رنگ لائيندو شل،

مولا مينهن وسائيندو شل.

موسم مست مهاري ٿيندي،

باغن منجهه بهاري ٿيندي،

ڌرتي سرهي ساري ٿيندي،

گل ڦل ۽ گلزاري ٿيندي.

داتا درد مٽائيندو شل،

مولا مينهن وسائيندو شل.

**(گل مقصود ، 1985)**

## 5.10 ادل سومرو:

”سنڌي ٻوليءَ جي نامور شاعر ۽ اديب عديل سومري جو نالو سنڌي ٻاراڻي ادب ۾ تمام گهڻو مشهور ۽ معتبر آهي، ادل سومري جو اصل نالو عبدالڪريم ولد محمد صالح سومرو آهي، هو 15. آگسٽ 1955ع سکر شهر ۾ ڄائو، ادل سومرو لکڻ جي شروعات 1971ع ۾ ڪئي، ان کان پوءِ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي سنڌي شعبي ۾ استاد مقرر ٿيو، جنهن کانپوءِ سنڌي شعبي جو پروفيسر ۽ چيئرمئن به رهيو. پاڻ به پيرا سنڌي ادبي سوسائٽيءَ جو سيڪريٽري جنرل رهيا.

عدل سومرو کي 1999ع ۾ شاهه عبدالعاطف يونيورسٽي خيرپور مان ڊاڪٽر تنوير عباسي جي رهنمائي هيٺ ”سنڌي ادبي سنگت جي تاريخ ۽ ڪردار“ تي پي ايڇ ڊي ڪئي. ڊي ڪيو. گذريل ٽيهن سالن ۾ ڊاڪٽر ادل سومري، ٻارن جي ادب جي ميدان ۾ جيترو سٺو ڪم ڪيو آهي، اهو شايد ايترو ٻيو ڪو نه ڪيو هجي. ٻارن جي ڇپيل ڪتابن جو تعداد (9) آهي، جيڪي هر دور ۾ تمام گهڻا مقبول رهيا آهن.

## انتخاب

1977ع ۾ سندس ٻارن جو ڪتاب ”روز ٽڙن رابيل“ ڇپيو .ان کان پوءِ ”چند پڇم گولو“ (شاعري 1979ع)، ”آچر جا احوال“ (ڪهاڻيون 1979ع)، ”پتلين جو تماش“ (شاعري 1983ع)، جيتن جي ڪانفرنس. (ڪهاڻيون 1984ع)، ”پوپٽ جهڙا گيت“ (شاعري 1986ع)،”رنگ برنگي ڦوڪڻا“ (شاعري ترتيب (1993ع)، مٺيءَ جا رانديڪا) (شاعري 2006ع) ڇپيل آهن. (آزاد، 2016 ص 102-103) تنظيمن ۾ به سرگرم ڪردار ادا ڪيائين. هن پنهنجي علمي ادبي سرگرميءَ جي شروعات اياز پاٺوليءَ جي علمي اداري ”بزم گلشن سنڌ“ جي ٻارن جي ادب حيثيت سان علمي ۽ ادبي سرگرميون شروع ڪيون..“ (آزاد، 2016 ص. 102-103).

### اچو اوهان جي دل وندرايان

**اچو ته اوهان جي دل وندرايان، ٻاراڻا ڪي ٻول ٻڌايان.**

**ڄا جو راڄا، ڄا جي راڻي، رب سڳورو سڀ جو ساڻي.**

**اچو اوهان جي دل وندرايان**

(سومرو، بحواله استاد بخاري پاراڻي گيت،1981ع)

## 5.11نصيرمرزا:

سنڌي ٻوليءَ جي مشهور شاعر ۽ نثر نويس نصير مرزا سنڌي پاراڻي ادب جي واڌ ويجهه ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. نصير مرزا 20 جولاءِ 1955ع تي ٽنڊي الهيار ضلعي حيدرآباد ۾ پيدا ٿيو. شاعري، نثر، نثر ۽ تمثيل ادبي حوالا آهن. هي آهن. هن M.A Sindhi ۾ ايم اي صحافت ۾پهريون نمبر حاصل ڪئي. هن لکڻ جي شروعات 1973ع ۾ ڪئي، هن وقت تائين مسلسل لکندو رهيو آهي، ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جو ڊائريڪٽر ۽ شيخ اياز فائونڊيشن جو جوائنٽ سيڪريٽري رهيو آهي. سندس شاعري ۽ نثر جا ڪيترائي ڪتاب ڇپيل آهن.

### انتخاب

نصير مرزا جي ٻارن جي شاعريءَ جو پهريون مجموعو ’ڌرتي جا تارا‘ 1979ع ۾ نثار حسين جي اگم پبليڪيشن اداري پاران شايع ٿيو، جيڪو ٻارن ۾ تمام گهڻو مقبول ٿيو. 2006ع ۾ نصير مرزا سنڌي ٻوليءَ جي نامور شاعر ڪشنچند بيوس جي ٻار ن جو لکيل شعر ڇھ ڇھ پئسه، ٻه ٻه پايون ‘ جي نالي سان شايع ڪيو، جنهن ڪي سنڌي ادبي بورڊ پاران ڪتاب ڙرين جي صورت ۾ شايع ڪيو ويو. 2010ع ۾ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران نصير مرزا جي ترتيب ڏنل ٻارن جي گيتن جو ڪتاب ’دبلي ٿي ٽڪي‘ ڇپيو، جيڪو ڪيترائي پيرا ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي ڳايو ويو. ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان نشر ٿيندڙ هفتيوار ٻارن جي پروگرام ”ٻارن جي ٻدري“ جي مقبوليت ۾ پڻ نصير مرزا اهم ڪردار ادا ڪيو (آزاد، 2016 ص 163-164).

## 5.12 غلام محمد غازي:

غلام محمد سنڌ ۾ ٻارن جي ادب جي ميدان ۾ تمام گهڻو ڪم ڪيو، سندس اصل نالو غلام محمد مهر آهي. هن 1978ع ۾ ڊرائنيگ ٽيچرطور تعليم کاتي ۾ ڀرتي ٿيو. جتان سال 2015ع ۾ رٽائر

ڪيائين. هن وقت پنهنجي ڳوٺ ۾ سندس ٺاهيل اسڪول، پاران قائم ڪيل تعليمي ادارو هلائي رهيو آهي“. (آزاد، 2016ع ص 147.)

## انتخاب

ٻارن لاءِ شاعري جي ڇپيل سندس ڪتابن ۾ ”ٻار گلن جا هار“ (1992ع)، ”مرڪندڙ مکڙيون“ (1977ع)، ”سائنس بخشي سونهن“ (1999ع)، ”وطن گل آ مون لئه“ (2002ع)، ”سائنس پئي سمجهائي“ (2003ع)، ”رانديڪن سان راند“ (2003ع)، ”گيت منهنجي ديس جا“ (2004ع)، ”رنگا رنگي گيت“ (2006ع)، ”پنپوري“ (2007ع)، ”مرڪون“ (20009ع)، ”ڌرتي جا تارا“ (2000ع)، ”سنڌي گيت“ (2014ع)، ۽ اسان جا ڌرتي شامل آهن.ٻارن جي خدمتن عيوض ڪيس ڪيترائي ايوارڊ مليا. انهن مان 1977ع ۾ ڪتاب ”مرڪندڙ مکڙيون“ کي سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ طرفان ”مولانا عبيدالله سنڌي ميموريل ايوارڊ“ ”مولانا عبيدالله سنڌي“ جي گولڊن جوبلي مهيني ”نئين زندگي“ 2000ع ۾ ۽ ڊاڪٽر تنوير عباسي ايوارڊ مليو. . تنويرعباسي فائونڊيشن پاران 1999ع جو اوارڊ ۽ نيشنل ايوارڊ بڪ فائونڊيشن اسلام آباد پاران ڪتاب ”سائنس پئي سمجهائي“ لاءِ ۽ سرٽيفڪيٽ نيشنل بڪ فائونڊيشن اسلام آباد پاران ڪتاب ”سائنس جي وضاحت“ لاءِ، سرٽيفڪيٽ قومي ليڪڪ جي ڪتاب ”رانديڪن سان رنگ“ تي. بڪ فائونڊيشن، اسلام آباد، سنڌ فار چلڊرن پاران 2004ع ۾ ”پنپوري“ ڪتاب کي سنڌي ادبي سوسائٽي، 2009ع ۾ ”مرڪون“ ڪتاب کي سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ طرفان، پلڪ ادبي فورم سنڌ پاران لائيف اچيومينٽ ايوارڊ ڏنو ويو.

غلام محمد غازيءَ جا نصابي ڪتابن ۾ جيڪي گيت ۽ نظم شامل آهن. تن ۾ سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جي پهرين درجي سنڌيءَ ۾ هڪ نعت، گابا سيريز جي ڇپيل ڪتاب درجي ٻئي، درجي چوٿين ۽ درجي اٺين ۾ نظم، مهراڻ سيريز جي ڪي. جي ڪان علاوه پهرين درجي کان ڇهين درجي تائين ڪتابن ۾ نظم شامل آهن. (آزاد، 2016ع ص147-148).امداد حسيني لکي ٿو ته:، ” ٻارن لاءِ ادب جي اسان وٽ کوٽ رهي آهي. غازي جي هي ڪوشش انهيءَ کوٽ جي پورائي لاءِ هڪ ڪامياب ڪوشش آهي. غلام محمد غازي جا ٻارن لاءِ شاعريءَ جا هيل تائين پنج ڪتاب ڇپجي چڪا آهن.1. ٻار گلن جا هار 2. مرڪندڙ مکڙيون 3. سائنس بخشي سونهن 4. وطن گل آ مون لئه ۽ 5. سائنس پئي سمجهائي جيڪا سائنسي موضوعن تي سولي ۽ سادي پيرائي ۾ ٻارن لاءِ لکيل گيتن جو مجموعو آهي. سائنس جيڪا اسان جي زندگي ۾ جيڪا اهميت اختيار ڪري وئي آهي. ان بابت ٻارن کي بنيادي ڄاڻ ڏيڻ هڪ ساراهه جوڳو ڪم آهي. اهڙي ڄاڻ نثر توڙي نظم ۾ ٻارن تائين پهچائڻ وقت جي هڪ اهم ضرورت آهي. غاريءَ جو هي ڪتاب ان ڏس ۾ ٻارن کي بنيادي سائنسي ڄاڻ ڏيڻ لاءِ ڪارائتو ثابت ٿيندو. اهڙي مون کي پڪ آهي.“ (غازي، 2002ع ص مهاڳ).

**آءُ وطن سان نيهن لڳايون،**

ساٿي پنهجا قول نڀايون.

منڙا منڙا گيت ڪي ڳايون،

درد مندن جا درد مٿايون.

(غلام محمد غازي، 2002)

## 5.13ذوالفقار سيال:

”ناميار ي شاعر ڊاڪٽر ذوالفقار سيال، سنڌيءَ ۾ ٻارن لاءِ شعري ادب جي تخليق ۾ وڏو ڪم ڪيو آهي.سندس جنم 28 مئي 1957ع تي ڳوٺ فريدآباد، تعلقي باقراڻي، ضلع لاڙڪاڻي ۾ ٿيو.. “(ازاد.2016ع ص 129.)

### انتخاب

ڊاڪٽر ذوالفقار سيال ٻاراڻي وحيءَ ڪان وٺي ٻارن لاءِ وڏي چاهه سان پي لکيو آهي ۽ ٻارن لاءِ اڃان تائين لکندو اچي پيو. هن وقت تائين سندس ٻارن لاءِ ڇپيل ڪتابن جو تعداد 9 آهي. ”مکڙين مالا“، (1979ع)، “ منهنجي ديس جا ٻار” (1982ع)، “گيت کيڏوڻا” (1983ع)، “گلرن جهڙا ٻارڙا” (1986ع)، “لفظن جارانديڪا” (1989ع)، “اکر اکر سرهاڻ” (2002ع)، “مکريون ۽ گلاب” (2006ع)، “دعائون” (2010ع) ۽ منهنجي ٻولي، پياري ٻولي” (2013ع) شامل آهن. ڊاڪٽر ذوالفقار سيال، 1974ع ۾ “چانڊڪا پبليڪيشن لاڙڪاڻو” جو بنياد وڌو. جهن تحت هڪ رسالو ۽ ٻيا ڪيترائي ڪتاب ڇپائڻ جو سلسلو شروع ڪيائين “ (آزاد، 2016ع ص129-130).

” دنيا جي سڀ کان خوبصورت  شيءِ ٻار! ۽ زندگيءَ جي وڏي سچائي به ٻار!. زندگيءَ جي ابتدا، انسان جي خوشين جو محور ۽ مرڪز ۽ زندگيءَ جي جدوجهد جو سبب پڻ ٻار!. زنده سماج ۾ ٻارن جي حياتيءَ ۽ مستقبل لاءِ چا چا نه رٿائون رٿيون ويديون آهن. اهي سڀ اسان چاٽون ٿا. پر جڏهين پنهنجي ديس جي انک اگهاڙن ٻارڙن تي نظر ٿي پوي ته اُهي ڳالهيون ۽ رٿائون چڻ ته پرين جي ديس جون ڪهاڻيون لڳنديون آهن.

ذولفقار سيال جي نظمن ۾ انهن معصوم مکڙين جي مهڪ سمايل آهي جيڪي ٽڙڻ جون منتظر آهن. سندس نظم جي انهيءَ ننڍڙي دنيا جو عڪس آهن، جيڪا سندن چوڌاري ڦري ٿي، ماءُ، پيءُ، ڀاءُ ڀيڻ، چاچا، ماما، اسڪول، راند رانديڪا، شيءَ، چنڊ، تارا، هوا ۽ گل...... هر اها شيءَ جنهن سان هر ننڍڙو ٻار تعلق ۾ اچي ٿو.  ذوالفقار سيال انهن سيني شين کي، جيڪي ٻار جي ذهن ۾ پسند وڻان هونديون آهن تن کي پنهنجي شاعريءَ ۾ سمايو آهي . جڏهن اُهي سڀ شيون هڪ هنڌ گڏ ٿين ٿيون ته خوبصورت ننڍڙين ننڍڙين  نظمن جو روپ وٺن ٿيون، جيڪي هڪ به پيرا ڏيڻ سان سولائي سان ٻارن جي وات چڙهي سگهن ٿيون. ذوالفقار سيال جي انهن نظمن ۾ ٻارن جون اُهي دلچسپيون به آهن ته خواب به، اُي خواب جيڪي هر ننڍي ٻار لاءِ اُن جا وڏا ڏسندا آهن. ذوالفقار به انهن ٻارڙن لاءِ خوابن جي ديس مان ڪيئي انڊلٺ ڪڏ ڪيان آهن، جيڪي ’منهنجي ديس جا ٻار‘، ’ مکڙين مالها‘ ۽ ’ گلڙين جهڙا گيت‘ آهن“ (سيال. 1989ع ص 1)

**لفظ لفظ ۾  خوشبو (گيت)**

“وقت اچي ٿو آ ڪجهه ٿاهيون.

ڪوڙ جو قلعو سچ سان ڊاهيون

ڪو به نه روئي، لڙڪ لڪايون

ٽهڪ پکيڙ، ورڪ ورهايون

نفرت وارا مرندا، مٽندا،

محبت واري ريت نڀايون

محبت واري ريت نڀايون

سوتهنجي هير ڪائي گهلي آ

لفظ لفظ ۾ خوشبو پايون

هٿ هت ۾ آگل جي ٿاري

ڳلي ڳليءَ ۾ ڦول ورهايون

سور سهي به مرڪي ساٿي

اکين جي آلاڻ لڪايون.“

**(سيال، 1986)**

## 5.14 ارباب علي ’عادل‘ چوهاڻ:

ارباب علي ’عادل‘ چوهاڻ شڪارپور شهر جي ڪوٽ اختر شيخ محلي ۾ 20 مئي 1957ع تي پيدا ٿيو. پرائمري ڪان ڪاليج تائين جي تعليم شڪارپور مان حاصل ڪيائين. هن لکڻ جي شروعات 2980ع کان ڪئي. هن شڪارپور مان نڪرندڙ رسالي ’گلڙاپبليڪيشن‘ ۾ شاعريءَ جاصفحا پڻ سينگاريندو رهيو آهي. رسالي ’تعليم‘ ۽ ’سرهاڻ‘ جي ٻارن جي صفحن جو انچارج پڻ رهيو آهي.

**انتخاب**

سندس ٻارن لاءَ پنج ڪتاب شايع ٿيل آهن. جنهن ۾ عقلمند ڪانءُ، عقلمند جهرڪي‘، شرارت جي سزا‘، ’عبرتناڪ انجام‘ ۽ جادوءَ جي منڊي‘ شامل آهن.(آزاد، 2016ع ص 104

## 5.15 ايازگل

”اياز گل جو پورو نالو اياز علي دل آهي. جيڪو مارچ 6 1959ع تي رجب علي جي گهر، ضلعي سکر ۾ ڄائو. هن سنڌي ادب ۾ ماسٽر ڪئي. اڳتي هلي سنڌيءَ ٻولي جي ناميا ري شاعر اياز گل جي سڃاڻپ ٻارن لاءِ خوبصورت گيت رچيندڙ پڻ آهي.

### انتخاب

ٻارن لاءِ شاعريءَ جو مجموعو “گل ۽ تارا”سال 1979ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو ويو. ان ڪان سواءِ اياز گل ٻارب جي علمي ادبي تنظيم “گلن جهڙاٻارڙا” جو مرڪزي صلاحڪار پڻ رهيو آهي. (آزاد، 2016ع ص 112- 113).

### سهڻيءَ سنڌ جا روشن تارا (گيت)

سهڻي سنڌ جا روشن تا را،

شال سدائين جڳ مڳ جرڪن،

سهڻا ٻار سي روشن تارا.

حق جي هر دم لاٽ لنون ٿا،

هر هنڌ جيڪي سچ چون ٿا.

همٿ وارا ٻار سگهارا،

سهڻا ٻار سي روشن تارا.

ماڪيءَ جهڙا مٺڙا پيارا

سهڻا ٻار سي روشن تارا.

(اياز گل، ٻاراڻا گيت 1981

## 5.16 مختيار ملڪ:

نامور شاعر ۽ اديب مختيار ملڪ ادب ۾ لکڻ جي شروعات ٻاراڻي ادب کان ڪئي. سندس پورو نالو مختيار حسين ملڪ آهي. جيڪو 21 ڊسمبر 1959ع تي شفيع محمد ملڪ جي گهر ۾ ڄائو. هو ٻارن جي علمي ادبي تنظيمن ''گلن جهڙا ٻارڙا'' جي مرڪزي عهديدارن ۾ پڻ رهيو آهي

### انتخاب

ٻارن لاءِ سندس گيتن ۽ نظمن جو مجموعو 'ٽم ٽم ٽانڊاٽا' 1980ع ۾ سنڌي ادبين جي سهڪاري سنگت پاران ڇپرايو ويو، جنهن تي کيس بهترين ڪتاب جو ايوارڊ به مليل آهي. بختيار ملڪ 'جوت' نالي سان خيرپور ميرس مان ٻارن لاءِ هڪ ڪتابي سلسلو پڻ جاري ڪيو، جيڪو گهڻو وقت هلي نه سگهيو. هن ٻارن جي ذهني سطح ۽ شعور کي نظر ۾ رکي سندس نفسيات مطابق ٻارن جا گيت ۽ نظم لکيا آهن. جنهن ۾ سندس دلچسپيءَ جو سمورو سامان موجود آهي.

مختيار ملڪ جو مٿي ڄاڻايل ٻارن جي ڪتابن کان شاعريءَ جو هڪ ٻيو مجموعو پڻ شايع ٿيل آهي. علمي ادبي خدمتن جي مڃتا طور کيس ڪيئي ايوارڊ پڻ مليل آهن. (آزاد، 2016ع ص154-155).

## 5.17 اختر درگاهي:

'' اختر درگاهي 24 سيپٽمبر 1963ع تي سکر ضلعي جي شهر روهڙيءَ ۾ هڪ فنڪار گهراڻي ۾ ڄائو. سندس پورو نالو اختر علي ميراڻي آهي. نامياري شاعر ۽ اديب اختر درگاهي جو ٻارڙن لاءِ شاعري جو هڪ مجموعو '' گل ۽ مکڙيون '' 1989ع ۾ سونهن پبليڪيشن روهڙي پاران شايع ٿيل آهي. ٻارن لاءِ ڪيل خدمتن جي عيوض کيس 2001ع ۾ سنڌ ٻالڪ سنگت پاران ايوارڊ پڻ ملي چڪو آهي. ٻارن لاءِ لکيل گيتن ۽ نظمن جي هن مجموعي جو ٻيو ڇاپو ''پوپٽ

پبلشنگ هائوس ” خيرپور ميرس پاران 2016ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو ويو آهي.“ (آزاد، 2016ع ص100-101).

اختر درگاهي جي تحقيق ۽ شاعري جا ٻيا ڪيترائي ڪتاب به ڇپيل آهن.کيس 2001ع ۾ سنڌي لينگويج اٿارٽي پاران بهترين تحقيق جو ايوارڊ ۽ 2006ع ۾ سچل چيئر، شاه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور پاران تحقيق ايوارڊ پڻ مليل چڪو آهي. اختر درگاهي سنڌي ادبي سنگت سنڌ جو90 -1988ع تائين مرڪزي خزانچي ۽ 1998ع کان 2000ع تائين تائين مرڪزي آڊيٽر رهيو. (آزاد، 2016ع ص100-101).

**بيت**

” گلن جهڙا جذبا، مکڙين جهڙو مَنُ

جيسين آ جيون، ساٿ نڀايو سچ سان .

سدا رهون ساٿ ۾ ٻڌجي ڪِير ۽ کنڊُ

پيهنون ويٺا جنڊُ سکُ امن ۽ پيار جو

سدا پنهنجي سنڌ جو ور ور پايون ويس

کٿِي رِلهي ۽ کَيسُ جرڪي سدا جِي ۾.“

(درگاهي ر،1989)

## 5.18 مهر خادم:

مهر خادم 10 سيپٽمبر 1965ع تي شڪارپور ضلعي جي ننڍڙي ڳوٺ لڪي غلام شاهه ۾ پيدا ٿيو. سندس اصل نالو رحيم بخش مهر آهي، پر هو ادب جي دنيا ۾ مهر خادم جي نالي سان مشهور آهي .هن ٻارن جي شاعريءَ جي ڪتاب اکبوٽ کان علاوه ڇهه ٻيا ڪتاب به شايع ڪرايا آهن (آزاد، 2016، ص 161).

ليکڪ ۽ محقق مهر خادم لکڻ جي شروعات ٻارن جي لکڻين سان ڪئي.

**انتخاب.**

ٻارن لاءِ لکيل سندس شاعريءَ جو مجموعو ”اکبوٽ“ سنجها سکر پبليڪيشن ۽ سبيتا اڪيڊمي خيرپور پاران ٻڻ ۾ ڇپجي چڪو آهي.

## 5.19 محمد علي ماجد:

محمد علي ماجد جو پورو نالو محمد ولد علي محمد سومرو آهي. جيڪو 5 ڊسمبر 1969ع تي ڳوٺ هيري خان لڳ جوهي ضعي دادوءَ ۾ پيدا ٿيو. هن پائمري تعليم ڳوٺ هيري مان ئي حاصل ڪئي. جڏهن ته انٽر ڊگري ڪاليج دادو مان ڪئي. گريجوئيشن جي ڊگري سنڌ يونيورسٽي مان حاصل ڪئي.

### انتخاب

محمد علي ماجد جو ٻارن لاءِ لکيل گيتن ۽ نظمن جو مجموعو ’ذرتيءَ جاٻار‘ 2003ع ۾ ڪاڇي پبليڪيشن ڪراچي طرفان ڇپرايو ويو. ڪاڇي پبليڪيشن محمد علي ماجد جوئي هڪ اشاعتي ادارو آهي. جيڪو گڏيل طور تي سنڌي ادب جي ڪتابن سان گڏوگڏ ٻارن جا به ڪتاب شايع ڪري رهيو آهي. محمد علي ماجد ڪاڇي ڌُر جي ٻارڙن لاءِ قائم ڪيل اهم علمي ادبي ۽ سياسي تنظيم ’ساٿي ٻارڙا سنگت‘ جو حصو پڻ رهيو ۽ هن تعلقي جوهي جي سطح تي تنظيم ۾ به سرگرم ڪردار ادا ڪيو.

پهريون پيرو 1998ع ۾ سنڌ جي اهم اخبار ’علامي آواز‘ ۾ ڪم ڪيائين. ان ڪم دوران هن ٻارن جي مختلف رسالن ۾ پڻ لکندو رهيو. هن 2003ع ۾ ڪراچيءَ ۾ ڪاڇي پبليڪيشن نالي ادارو قائم ڪري مجموعي طور سنڌي ادب جي ڪتابن سان گڏ ٻارن لاءِ پڻ ڪتابن جي اشاعت جو سلسلو شروع ڪيو، جيڪو هن وقت تائين جاري آهي (آزاد، 2016ع ص157).

**علم جي لاٽ**

نئون رنگ لايو وطن کي سنواريو،

انڌيري ۾ ڪا علم جي لاٽ ٻاريو.

اسان جي ئي جڳ ۾ جيئي سنڌ سدائين،

اٿو ساٿ ڏئي ان کي جڳ جڳ جياريو.

(محمد علي ماجد، 2003)

**حواله:**


1 آزاد خالد: سنڌي ٻاراڻي ادب جي تاريخ:ج پهريون: سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، سنڌ: 2016ع ص 6

2 آزد خالد: سنڌي ٻاراڻي ادب جي تاريخ:ج پهريون: سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، سنڌ: 2016ع ص 101-100.

3 آزاد خالد: سنڌي ٻاراڻي ادب جي تاريخ:ج پهريون: سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، سنڌ: 2016ع ص 102،103،

129، 154، 147، 107

4 پريم هدايت ڊاڪٽر: سنڌي ٻوليءَ جا محقق ۽ انهن جي تحقيق: سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد:

ايڊيشن پهريون 2007ع ص 6.

5 ڪوريجو عباس:انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا: 29 اپريل، 2018ع.

6 راشدي گل محمد شاهه:: سنڌ سلامت جي ويب سائيٽ تان ورتل.14 آگسٽ 2012ع

7 سيال ذوالفقار، ” گلڙن جهڙا گيت مهاڳ مهتاب اڪبر راشدي“: سنڌي ادبي سنگت: سال 1989ع ص 1

8 غازي غلام محمد: ”وطن گل آ مون لئه مهاڳ امداد حسيني“:سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو: پبليڪيشن 2002 ع ص 1

9 وساڻ محمد سليمان: سنڌي شخصيتون: 3 جولائي 2011ع سنڌ سلامت جي ويب سائيٽ تان ورتل

## باب چهون

# نتيجا

- نتيجا
- ببليو گرافي

# نتيجا

هن تحقيقي مقالي لکڻ دوران تحقيق جي اهم اصولن کيآڏو رکيو ويو خاص طورAPA واري طريقيڪار هيٺ هي تحقيق مڪمل ڪئي وئي آهي. موضوع ٻاراڻي شاعري ذريعي ٻارن جي ڪردارسازي سان تعلق رکندڙ هو. تنهنجي باوجود به تحقيق جي اصولن کي ڪم کي مڪمل ڪرڻ دوران ڪنهن به موڙ تي نظرانداز نه ڪيو ويو.

هن تحقيق دوران لاڳاپيل موضوع تي جيڪي نتيجا اخذ ڪيا ويا آهن اهي هيٺ ڏجن ٿا.

**1** هن تحقيق ذريعي اسين ان نتجي تي پهتا آهيون ته جديد تعليمي ادارن جي شروعات کان پوءِ ۽ جديد تعليم ذريعي اسان جي سماج ۾ رهندڙ ماڻهن ۾ ٻالجتيءَ کان پوءِ جيڪا تبديلي آئي، سا سنڌي سماج ۾ انگريزن جي اثر سبب واضع محسوس ٿيڻ لڳي.

2 هن تحقيق جي ذريعي اسان ان نتيجي تي پهتا آهيون ته سنڌي سماج ۾ عربي ۽ فارسي زبانن جي جاءِ پنهنجي مادري ٻولي ۽ انگريزي زبانن والاري.

3 هن تحقيق جي ذريعي اسان ان نتجي تي پهتا آهيوته جديد تعليمي ادارن ۾ ٻارن جي طرز زندگي يڪسر تبديل ٿي ۽ ٻار تعليمي يافته هئڻ سبب پنهنجون ذميواريون سمجهڻ ۽ ادا ڪرڻ لڳا.

4 هن تحقيق ذريعي اسين ان نتيجي تي پهتا آهيون ته والدين سا گڏ تعليمي ادارن ۽ استادن ٻارن جي تربيت ۽ ڪردارسازي ۾ هڪ جيتري پاڳيپائيواري پئي ڪئي.

5 هن تحقيق ذريعي اسين ان نتيجي تي پهتا آهيون ته جديد تعليم جي ذريعي سنڌي سماج شعوري طور دنيا جي شعور سان ڪلهو ملائي بيٺو.

6 هن تحقيق جي ذريعي اسين هن تنيجي تي پهتا آهيون ته ٻار مستقبل جو آئينو آهي. هن ڌرتي جو وارث آهي. ڪنهن به قوم کي زنده رهڻ ۽ ترقي لاءَ ٻار جو ڪردار تمام اهم آهي.

7 هن تحقيق ذريعي پهتا آهيون ته ٻار وقت جو مسيح آهي. هن ۾ حق ۽ سچ چوڻ جي جرئت هجڻ گهرجي. هن کي غلط ۽ صحيح ڳالهه چوڻ جي همٿ رکي چو ته ڪنهن قوم جا نوجوان سڄاڳ ۽ بيدار هوندو ته اها قوم ڪڏهن به محتاج نه رهندي.

8 هن تحقيق جي ذريعي اسين هن تنيجي تي پهتا آهيون ته اسين ٻارن کي ۽ ان سان گڏوگڏ وڏن کي به همٿائي سگهون ٿا ته پنهنجي مدد پاڻ تحت هميشه پنهنجي همٿ بلند رکون. ان سوچ سان ئي ڪاميابي ماڻي سگهن ٿا.

9 هن تحقيق جي ذريعي اسين هن تنيجي تي پهتا آهيون ته ڪردارسازي جي ذريعي اسان سماجي نفسيات جي اصولن کي صحيح طريقي سان پروڙي سگهون ٿا.

10 هن تحقيق جي ذريعي اسين هن تنيجي تي پهتا آهيون ته ڪرداسازي ڪنهن به شخصيت جو حسن آهي ۽ اسين ان ڪري جذبات جي بلندي، پاڪيزگي ۽ ضمير جو اطمينان حاصل ڪري سگهون ٿا

11 هن تحقيق جي ذريعي اسين هن تنيجي تي پهتا آهيون ته ڪردارسازي جي ذريعي ذهني وصيت اظهار قوت پڻ حاصل ڪري سگهون ٿا.

12 هن تحقيق جي ذريعي ڪردارسازي جي عمل ڪرڻ سان هن وڏي ڪائنات ۾ اسان جي سکڻ جو عمل جاري رهي ٿو. اسين ٻيا ڪيترائي ڪتاب پڙهون ٿا ۽ تنهن سان گڏ هي ڪائنات جو وڏو ڪتاب جيڪو اسان جي اڳيان هميشه کليل هوندو آهي. جنهن کي پڙهڻ، سمجهڻ ۽ مشاهدي ڪرڻ لاءِ ڪيترين ئي شيون سکون ٿا.

13 هن تحقيق جي ذريعي اسين هن تنيجي تي پهتا آهيون ته ڪردارسازي جي مدد سان اسين ٻارن کي هڪ مثالي شاگرد بڻائي سگهون ٿا. جيڪو پنهنجي والدين جي مقصدن ۽ اميدن موجب ڪم ڪري.

14 هن تحقيق جي ذريعي اسين هن تنيجي تي پهتا آهيون ته ڪو به شخص تڏهن تائين ترقي ڪري نه ٿو سگهي جڏهن تائين اسين ڪردارسازي جي اهميت کي نه سمجهندا سين

15 هن تحقيق جي ذريعي اسين هن تنيجي تي پهتا آهيون ته ڪردارسازي جي ذريعي اسان پنهنجي تعليمي درسگاهن ۾ واضع تبديلي محسوس ڪيون ٿا. جيڪي اسان جي استادن ۽ والدين جي ڪاميابي آهي.

:

## ببليوگرافي


**1** آزاد خالد''سنڌي ٻاراڻي ادب جي تاريخ'' : سنڌي لئنگئيج اٿارٽي سنڌ: 2016ع ج 2 ص 31 ،38،37،36،33.

2 آزاد خالد: "سنڌي ٻاراڻي ادب جي تاريخ" : سنڌي لئنگئيج اٿارٽي سنڌ: 2016ع ج 2 ص44،43،42،41،40،39

3 آزاد خالد: "سنڌي ٻاراڻي ادب جي تاريخ" : سنڌي لئنگئيج اٿارٽي سنڌ: 2016ع ج 2 ص 124،123-131،130-140،

4 آزاد خالد: ”سنڌي ٻراڻي ادب جي تاريخ“ : سنڌي لئنگئيج اٿارٽي سنڌ: 2016ع ج 2 ص فهرست

5 آزاد خالد: ”سنڌي ٻراڻي ادب جي تاريخ“ : سنڌي لئنگئيج اٿارٽي سنڌ: 2016ع ج 3 ص 55 ،96-90،92-80،81-76

6 آزد خالد: سنڌي ٻراڻي ادب جي تاريخ:ج پهريون: سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، سنڌ: 2016ع ص 6

7 آزد خالد: سنڌي ٻراڻي ادب جي تاريخ :ج پهريون: سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، سنڌ: 2016ع ص 101-100.

8 آزد خالد: سنڌي ٻراڻي ادب جي تاريخ:ج پهريون: سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، سنڌ: 2016ع ص ،103،102

129، 154، 147، 107

9 بيوس ڪشنچند:” ڇه ڇه پئسا ٻه ٻه پايون“:سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو: ايڊيشن پهريون 1981ع ص1

10 بخاري استاد: ” ٻراڻا گيت امداد حسيني“:”، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو: جنوري 1981 صفحونمبر8،7،6،5،4،3

11- بلوچ نبي بخش ڊاڪٽر”جامع سنڌي لغات“: ج - 1- سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو: 1995ع ڇ - 2 - ص 154.

12 بلوچ نبي بخش ڊاڪٽر: “هڪ جلدي سنڌي لغت”: سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ حيدرآباد: ڇاپو ٽيون جنوري 2017ع ص28

13 بلوچ نبي بخش ڊاڪٽر: ”سنڌي لغت“: سنڌي لئنگئيج اٿارٽي حيدرآباد، سنڌ”: ڇاپو ٽيون جلد هڪ 2017ع ص 56

14 بلوچ عبدالستار ۽ الانه غلام علي ڊاڪٽر: ” سنڌ يڪا لغط”: 2001 ع ص 445

15 بيگ مرزا قليچ: “ٻاراڻا گيت”: سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو: 1981 ع ص 6

16 بيگ مرزا قليچ: “ٻاراڻا گيت”: سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو: 1981 ع ص7

17 ٻٽ الهرڪيو: ” سنڌي رسالن جي تاريخ“:سنڌ پبلشرس حيدرآباد: 1981ع ص 112

18 ٻٽ الهرڪيو: ” سنڌي رسالن جي تاريخ“:سنڌ پبلشرس حيدرآباد: 1981ع ص 125

19 ٻٽ الهرڪيو: ” سنڌي رسالن جي تاريخ“:سنڌ پبلشرس حيدرآباد: 1981ع ص 127

20 ٻٽ الهرڪيو: ” سنڌي رسالن جي تاريخ“:سنڌ پبلشرس حيدرآباد: 1981ع ص 129

21 ٻٽ الهرڪيو: " سنڌي رسالن جي تاريخ":سنڌ پبلشرس حيدرآباد: 1981ع ص 112-129

22 ٻگهيو عزيزالرحمان ڊاڪٽر: سنڌي صحافت جي ارتقا ۽ تاريخ: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي يونيورسٽي:ايڊيشن پهريون ص

23 ٻوهيو الهداد ڊاڪٽر: "ادب ۽ نفسيات" (تتنقيدون): انسٽيٽيوٽ سنڌالاجي ڄامشورو: نومبر 1980 ع بحوالا: ادب زندگي ۽ سماج: مرتب: ڊاڪٽ انور فگارهڪڙو 2006 ع مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور ص 108.

24 ٻوهيو الهداد ڊاڪٽر: "ادب جا فڪري محرڪ": روشني پبليڪيشن ڪنديارو: 2013 ع ص 288.

25 ٻوهيو الهداد" ادب جو سماجي ڪارج": سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگيت: سال ص

26 ٻوهيو الهداد ڊاڪٽر: "ادب جا فڪري محرڪ": روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو: ڇاپو پهريون 2013ع ص 281.

27 پريم هدايت ڊاڪٽر: سنڌي ٻوليءَ جا محقق ۽ انهن جي تحقيق: سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد: ايڊيشن پهريون 2007ع ص 6

28 جسڪاڻي اڪبر:" گُل ڦُل": سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو: جلد 25 نمبر 2 : فيبروري 1991 ع ص 3

29 جوکيو محبوب علي: "مثالي شاگرد": سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو: ايڊيشن پهريون 1981ع ص 3.

30 جوکيو، محبوب علي:" مثالي شاگرد": سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو: 1981 ع ايڊيشن پهريون ص 3 .

31 جوکيو محبوب علي: " مثالي شاگرد": سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو: ايڊيشن پهريون 1981 ع ص 1

32 حسيني اسد الله ڊاڪٽر: معاشرو ۽ تعليم: سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو: ايڊيشن پهريون 1974ع ص 4

33 خليل ابراهيم: "ادب ۽ تنقيد": ڇپائيندڙ لطيف پبليڪيشن: 1973ع ص.4 - 2.

34 خليل ابراهيم: "ادب ۽ تنقيد": ڇپائيندڙ لطيف پبليڪيشن: 1973ع ص.5 - 6

35 دايو پريل: " پار اکين جا ڻار": سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو: ايڊيشن پهريون 2014 ع ص 6 .

36 دايو پريل: "پار اکين جا ڻار": سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو" ايڊيشن پهريون 2014 ع ص

37 درگاهي اختر: “ گل ۽ مکڙيو ن”: سنڌي ادبي بورڊ چامشورو؛ 1989ع ص 16 .

38 جمال لطيف: ’’ادب/ شاعري‘‘: ’’ادب جي تاريخ ۽ ان جو سماجي ڪارج‘‘: پبليڪيش نئين زندگي: 1995ع ص .

**39 چوهاڻ وفا منظو: “پنهنجي ديس جا پار”: 2001 ع پبليڪيشن ص 50.**

40 چوهاڻ وفا منظو: “پنهنجي ديس جا پار”: 2001 ع پبليڪيشن ص 58

41 راشدي گل محمد شاهه: سنڌ سلامت جي ويب سائيٽ تان ورتل.14 آگسٽ 2012ع

42 عبد عبدالجبار:گُل ڦُل:سنڌي ادبي بورڊ چامشورو: جلد 32 نمبر نمبر 10-12 : آڪٽوبر، ڊسمبر 1998 ع ص 4.

43 عرساڻي محمد اسماعيل: “ٻاراڻا گيت” سنڌي ادبي بورڊ، چامشورو ، 1981 صفحو نمبر 3 .

44 غازي غلام محمد: “وطن گل آ مون لئه”: سنڌي ادبي بورڊ، چامشورو: پبليڪيشن 2002 ع. ص 23 .

45 غازي غلام محمد: “ڌرتيءَ تارا”: سنڌي ادبي بورڊ، چامشورو: پهريون پبليڪيشن 2008 ع. ص 4 .

46 غازي غلام محمد: “ڌرتيءَ تارا”: سنڌي ادبي بورڊ، چامشورو: پهريون پبليڪيشن 2008 ع. ص 7

47 غريب جمعو خان: “ٻاراڻا گيت”، سنڌي ادبي بورڊ، چامشورو: جنوري 1981 صفحو نمبر6 .

48 غازي غلام محمد: ’’وطن گل آ مون لئه مهاڳ امداد حسيني‘‘:سنڌي ادبي بورڊ، چامشورو: پبليڪيشن 2002 ع ص 1

49 سيال ذوالفقار: “لفظن جا راند يڪا”. . پبليڪيشن 1989 ع : ص19 .

50 سيال ذوالفقار: “لفظن جا راند يڪا”. . پبليڪيشن 1989 ع : ص35

51 سيال ذولفقار، ” گلڙن جهڙا گيت مهاڳ مهتاب اڪبر راشدي“: سنڌي ادبي سنگت: سال 1989ع ص 1

52 شاهه سيد ميران محمد: “خوش خصلت خاتون”: روشني ڪنڊيارو پبليڪيشن”: ڇاپو پيو 1966ع ص 4.

53 شوق نواز علي ڊاڪٽر: “ وڏن جو ادب”: سنڌي ادبي بورڊ، چامشورو:ايڊيشن پهريون 1981ع ص1،4

54 صديقي حفيظ ابوالاعجاز” كشاف تنقيدي اصطلاحات“: مقتدره قومي زبان اسلام آباد: 1958ع ص 8

55 قاضي علامه آءِ آءِ :”علم ادب“ (تقرير) ٽماهي مهراڻ 1965ع بحواله هڪڙو انور فگار ڊاڪٽر” ادب، زندگي ۽ سماج“: مهراڻ اڪيڊمي واڳڙودر شڪارپور سنڌ : 2006 ع ص. مهاڳ

56 قاضي علامه آءِ آءِ :”علم ادب“ (تقرير) ٽماهي مهراڻ 1965ع بحواله ” ادب، زندگي ۽ سماج“:مرتب: ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو: مهراڻ اڪيڊمي واڳڙودر شڪارپور سنڌ : جون 2006 ع ص 2.

57 قاضي علامه آءِ آءِ :”علم ادب“ (تقرير) ٽماهي مهراڻ 1965ع بحواله ” ادب، زندگي ۽ سماج“:مرتب: ڊاڪٽر انورفگار هڪڙو: مهراڻ اڪيڊمي واڳڙودر شڪارپور سنڌ : جون 2006 ع ص 30.

58 قاضي علامه آءِ آءِ :”علم ادب“ (تقرير) ٽماهي مهراڻ 1965ع بحواله ” ادب، زندگي ۽ سماج“:مرتب: ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو: مهراڻ اڪيڊمي واڳڙودر شڪارپور سنڌ : جون 2006 ع ص 42

59 قاضي علامه آءِ آءِ :”علم ادب“ (تقرير) ٽماهي مهراڻ 1965ع بحواله ” ادب، زندگي ۽ سماج“:مرتب: ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو: مهراڻ اڪيڊمي واڳڙودر شڪارپور سنڌ : جون 2006 ع ص 87

60 قاضي علامه آءِ آءِ :”علم ادب“ (تقرير) ٽماهي مهراڻ 1965ع بحواله ” ادب، زندگي ۽ سماج“:مرتب: ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو: مهراڻ اڪيڊمي واڳڙودر شڪارپور سنڌ : جون 2006 ع ص 89

61 ڪوريجو عباس:انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا: 29 1پريل، 2018ع

62 مائل: “ٻاراڻا گيت”: سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو: 1981 ع اصفحو نمبر 4 .

63 مسافر محمد صديق: “ٻاراڻا گيت” سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو: 1981 ع صفحو نمبر4

64 مسافر محمد صديق: “ٻاراڻا گيت: سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو: 1981 ع صفحو نمبر5.

65 مهر خادم: “اڪبوٽ”: پبليڪيشن 2003 ع ص 16 .

66 مهر خادم: “اڪبوٽ”: پبليڪيشن 2003 ع ص43 .

67 مهر خادم: “اڪبوٽ”: پبليڪيشن 2003 ع ص 71 .

68 وساڻ محمد سليمان: سنڌي شخصيتون: 3 جولائي 2011ع سنڌ سلامت جي ويب سائيٽ تان ورتل

69 هڪڙو، انور فگار ڊاڪٽر: ”شڪارپور شهر جو سنڌي ادبي ۾ حصو“: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي

سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو: 2009ع ص 570،596،595-593،598-593،594

70 هڪڙو، انور فگار ڊاڪٽر: ”شڪارپور شهر جو سنڌي ادبي ۾ حصو“: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي     سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو: 2009ع ص 590- 589

71 هڪڙو، انور فگار ڊاڪٽر: ”شڪارپور شهر جو سنڌي ادبي ۾ حصو“: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو: 2009ع ص 590- 580

72  هڪڙو، انور فگار ڊاڪٽر: ”شڪارپور شهر جو سنڌي ادبي ۾ حصو“: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي    سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو: 2009ع ص  590،588